ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 02 آگسٽ 2026ع 18 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيم شمارو (347)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اتر وزيرستان ۽ نوشڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن 12 خارجي دهشتگرد مارجي ويا، پاڪ فوج جو ميجر شهيد

اتر وزيرستان جي علائقي "رزمڪ" (ڪي پي ڪي) ۽ نوشڪي ضلعي (بلوچستان) ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي آپريشن ڀارت جي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاعن تي ڪيو ويو

مارجي ويل "خوارج" کان هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو آهي، ماڻهو سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن، ترڙي معصوم شهرين جي قتل ۾ ملوث هئا: آءِ ايس پي آر

علائقي ۾ موجود ڀارت جي حمايت يافته امڪاني دشمن عنصرن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري، جيڪو پرڏيهي سرپرستي واري دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندو: پاڪ فوج جو ترجمان

بلوچستان جي نوشڪي ضلعي ۾ به انٽيليجنس جي بنياد تي هڪ آپريشن ڪيو ويو، نتيجي ۾ "فتنه هندوستان" سان تعلق رکندڙ ست دهشتگرد ۽ هڪ خودڪش بمبار مارجي ويا، بارودي مواد به مليو

وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوريءَ سان "نيشنل ايڪشن پلان" تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقي "رزمڪ" (ڪي پي ڪي) ۽ نوشڪي ضلعي (بلوچستان) ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي آپريشن ڪيا، اهي ڪارروائيون ڀارت جي حمايت يافته "فتنه الخوارج" ۽ "فتنه الهند" سان لاڳاپيل دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاعن تي ڪيون ويون جن دوران ٻارهن دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڀارتي حڪومت والاريل ڪشمير جو رياستي درجو بحال ڪري: فاروق عبدالله

هن ٻن مرڪزن جي انتظام هيٺ ورهائڻ واري فيصلي کي هڪ تاريخي غلطي قرار ڏنو

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ نيشنل ڪانفرنس جي صدر فاروق عبدالله بي جي پي جي ڀارتي حڪومت تي زور ڀريو آهي ته ڀارتي حڪومت جمون جو رياستي درجو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جي نوازشريف سان ملاقات، سياسي صورتحال تي مشاورت

وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي قائد نوازشريف سان رائيونڊ ۾ ملاقات ڪري مختلف معاملن تي ڳالهايو

ملاقات ۾ آزاد ڪشمير جي چونڊن جي معاملن تي به ڳالهايو ويو، وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پڻ موجود هئا

لاهور (ه د) وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي قائد نوازشريف سان رائيونڊ ۾ ملاقات ڪري ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي ان موقعي تي وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز نائب

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان

نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف سان بيلاروس جي فوجي وفد جي ملاقات

جنرل پاول مراويڪو جي قيادت ۾ هڪ اعليٰ فوجي وفد اسلام آباد ۾ ساڻس ملاقات ڪئي

ملاقات دوران دفاعي سهڪار سميت ٻين گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) چيف آف دي نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف سان بيلاروس جي چيف آف دي جنرل اسٽاف ۽ دفاع بابت فرسٽ نائب وزير جنرل پاول مراويڪو جي قيادت ۾ هڪ اعليٰ فوجي وفد اسلام آباد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون ڪارروائيون، هڪ ڪروڙ 73 لک روپين جي منشيات هٿ، 8 جوابدار گرفتار

اسلام آباد ايئرپورٽ تي بحرين ويندڙ مسافر جي سامان ۾ اوون مان 5.038 ڪلوگرام آئس هٿ

تربت ڊسٽرڪٽ ڪيچ ويجهو گاڏي مان 45 ڪلو آفيم، 9 ڪلو چرس، 9.45 ڪلو آئس ملي

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي ڪارروائين ۾ هڪ ڪروڙ 73 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 118.33

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران غزه امن منصوبي تي عملدرآمد ڏانهن هاڪاري اڳڀرائي جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه امن منصوبي تي عملدرآمد ڏانهن هاڪاري اڳڀرائي جي آجيان ڪئي آهي پرڏيهي آفيس پاران ڇنڇر ڏينهن جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان غزه امن منصوبي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم ملڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي: سلمان عبدالله مراد

پاڪستان جي آئين ۾ صوبن جي قيام يا صوبائي حدن ۾ تبديلي جو واضح طريقه ڪار موجود آهي

سنڌ ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي جاگير نه پر سڀني قوميتن جو گڏيل گهر آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد جو ايم ڪيو ايم جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل. ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پهرين ڏينهن کان وفاق

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

جسٽس شاهد ڪريم 19آگسٽ تي پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿي ويندو

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ جو سينيئر جج جسٽس شاهد ڪريم 19 آگسٽ تي 62 سالن جي آئيني مدو مڪمل ٿيڻ تي پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿي ويندو جسٽس شاهد ڪريم 7 نومبر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جديد انفراسٽرڪچر، پاڻي ۽ نيڪال جي منصوبن تي ڪم جاري آهي: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر 41 ڪروڙ کان وڌيڪ لاڳت سان مڪمل ٿيل جديد ڊوئل ڪيريج وي منصوبي جو افتتاح ڪيو

منصوبي سان ٽرئفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ شهرين کي محفوظ ۽ آرامده سفري سهولت ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب 41 ڪروڙ 20 لک روپين کان وڌيڪ لاڳت سان مڪمل ٿيل خواجه اجمير نگري چورنگي کان منگهوپير روڊ تي ڊيڊيڪس فيڪٽري تائين 1800

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ لکين رٽائرڊ ملازمن کي تازي بجيٽ اندر پينشن ۾ وڌايل رقم نه ملندي

رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۾ واڌ بابت نوٽيفڪيشن ادائيگي کان رڳو ٻن ڏينهن اڳ جاري ڪيو ويو

محدود وقت سبب بئنڪن لاءِ نئين شرح موجب ادائيگين جو ڊيٽا وقت سر اپڊيٽ ڪرڻ ممڪن نه ٿي سگهيو

ادائيگي ۾ دير ۽ حاضر سروس ملازمن جي ڀيٽ ۾ پينشنرز کي لاڳيتو گهٽ رليف ملڻ سبب ڳڻتي ڇانيل

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي بجيٽ 2026-27 ۾ پينشنرز جي پينشن ۾ 7 سيڪڙو واڌ جو باقاعده اعلان ٿيڻ باوجود، پهرين آگسٽ تي سڄي ملڪ جي لکين رٽائرڊ ملازمن کي وڌايل رقم نه ملي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: دفاع وارو وفاقي وزير خواجه آصف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پ چيئرمين پاران ڪوئيٽا ويجهو ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڌماڪي سبب ٿيندڙ جاني نقصان تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪوئيٽا پرسان

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي پاران معذور ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ بابت معاهدو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سڀني کي گڏ ڪري هلندڙ تعليم کي مضبوط ڪرڻ ۽ معذور ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ جي حوالي سان هڪ وڏو قدم کڻندي سنڌ حڪومت ۽ آغا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير سان چيني سفير ملاقات ڪندي

جماعت اسلامي وارا پنهنجي ناقص ڪارڪردگي کي لڪائڻ لاءِ پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪن ٿا: سعديه جاويد

منعم ظفر پنهنجي جماعت جي ناڪامين تي پردو وجهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي

ڪراچي جو عوام چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته شهر جي خدمت ڪير ڪري رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته منعم ظفر جي پريس ڪانفرنس حقيقتن تي ٻڌل ناهي پر اها سياسي مايوسي ۽ پنهنجي جماعت جي ناڪامين تي پردو وجهڻ جي هڪ ٻي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ 16 آگسٽ تي ورتي ويندي

ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، سکر ۽ اسلام آباد ۾ سينٽر قائم ٿيندا

صوبي ۾ 20 هزار 934 شاگردياڻين سميت 33 هزار 600 کان وڌيڪ اميدوار قسمت آزمائيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ آچر 16 آگسٽ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پنجاب ۾ ويٺل ڪنهن به ماڻهو کي سنڌ ۾ صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪرڻ جو حق ناهي: سعيد غني

لڳي ٿو ته پريس ڪانفرنس ڪندڙ وزير ڪڏهن به سنڌ آيا ئي ناهن ۽ مريم نواز جي دائري کان ٻاهر ناهن نڪتا

سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن کي نون صوبن جي ڪابه ضرورت محسوس نٿي ٿئي

جيڪڏهن پنجاب جا ماڻهو نوان صوبا چاهين ٿا ته پيپلز پارٽي عوام جي ان مطالبي جي حمايت ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير سعيد غني چيو آهي ته پنجاب ۾ ويٺل

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ گهر اندر ڪرنٽ لڳڻ سبب 7 سالن جي معصوم نينگري فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون ٿاڻي جي حد سرجاني ٽائون سيڪٽر ايل ون جي ويجهو گهر ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 7 سالن جي معصوم نينگري مطاهرا ڌيءَ مبين فوت ٿي وئي آهي

68 هين سالگرهه مبارڪ

عبرت جي نمائندن لاءِ اطلاع

سنڌ ۾ ساڃاهه، سچائي ۽ صحتمند صحافت جي سفر ۾ اوهان سان هم قدم **عبرت گروپ** کي سال **2026ع ۾ 68 سال** مڪمل ٿي رهيا آهن، اهو سفر سچائي، پنهنجن سان ڪمٽمينٽ ۽ محبتن پريو رهيو آهي، جنهن ۾ اوهان جو ساٿ، همت افزائي ۽ هر حالت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ واري محبت پريي روي جو پڻ وڏو هٿ آهي.

هر سال وانگر هن سال پڻ روزاني عبرت پنهنجي سالگرهه ۽ ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ ست رنگو **شاندار ايڊيشن** شايع ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻين گهڻين خوبصورتين سان گڏ اوهان جا پيغام، مبارڪباد ۽ تعارف تي ٻڌل اشتهار ان جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا، ان ڏس ۾ اداري سان سهڪار ڪريو ته جيئن اهو سدائين لاءِ ساندڻ جهڙو ايڊيشن اچا سر سرهاڻ پريو محسوس ٿئي.

نوٽ: عبرت ست جي ساٿين کي گذارش ته ڪجي ته پنهنجا اشتهار جلد کان جلد اداري کي ڏياري موڪلين جيئن انهن کي بهتر جڳهه ڏئي سگهجي.

رابطي لاءِ:

مئنيجر شعبه اشتهار

03003020943 | 03393020943

پاڪستان ۽ چين جي دوستي بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي چئلينجز باوجود مضبوطي سان قائم آهي: سيد عاصم منير

پاڪستان ۽ چين جون فوجون گڏيل مفادن ۽ علائقائي امن جي تحفظ لاءِ گڏيل حصيدار آهن: فيلڊ مارشل

پي ايل اي جي قيام جي 99هين سالگره جنرل هيڊ ڪوارٽرز راولپنڊي ۾ ملهائي وئي، تقريب ۾ چين جي پاڪستان ۾ سفير جيانگ زائي ڊونگ ان موقعي تي خاص مهمان هو، چيني اعليٰ فوجي آفيسر به شريڪ

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اين آءِ (ايم)، ايڇ جي، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ پي ايل اي کي ان جي 99 هين سالگره تي مبارڪون ڏنيون

پاڪ فوج ۽ پي ايل اي حقيقي شراڪتدار آهن، جيڪي گڏيل اعتماد، پختي حمايت ۽ علائقائي امن، استحڪام ۽ گڏيل اسٽريٽجڪ مفادن جي تحفظ جي عزم سان جڙيل آهن: پاڪ فوج جو سربراهه

تقريب کي خطاب ڪندي سفير جيانگ زائي ڊونگ، فيلڊ مارشل جو ان يادگاري تقريب جي ميزباني تي شڪريو ادا ڪيو، هن دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي اهم خدمتن ۽ قربانين جو اعتراف ڪيو

راولپنڊي (اي پي پي) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاڪستان ۽ چين جي مضبوط لاڳاپن کي اجاگر ڪندي چيو آهي ته ٻنهي ملڪن جي دوستي منفرد، وقت جي ڪسوٽي تي پرکيل ۽ بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي چئلينجز باوجود مضبوطي سان قائم آهي ڇنڇر ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري پريس پڌرائي موجب چين جي عوامي جمهوريه جي پيپلز لبريشن آرمي (پي ايل اي)

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

THE 99th ANNIVERSARY OF THE FOUNDING OF
THE CHINESE PEOPLE'S LIBERATION ARMY
- 2026

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ چيني سفير پي ايل اي جي قيام جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ڪشميري عوام جو صبر ۽ برداشت قابلِ تحسين آهي، تحريڪ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي پئي: مولانا فضل الرحمان

5 جون کان حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿيون، جنهن کانپوءِ هڪ ڪميٽي ٺاهڻ لاءِ درخواست ڪئي

ڪميٽي مون تي اعتماد ڪيو، پر حڪومت طاقت جي استعمال سان تحريڪ کي ختم ڪرڻ تي بضد آهي

عوام جو صبر قابلِ تحسين آهي، رياستي ادارا رت وهائڻ بدران ڳالهين ۽ مفاهمت جو رستو اختيار ڪن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته ڪشمير ۾ گذريل ٻن مهينن کان احتجاج جاري آهي، جڏهن ته حڪومت طاقت جي زور تي تحريڪ کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پوٺوهار خطي، پشاور، نوشهره، گوجرانوالا سميت سنڌ ۾ تيز برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتي جي تنبيهه

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي تنبيهه جاري ڪئي آهي ته جمعي جي رات

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪينسر جهڙي موذي بيماري بابت آگاهي مهم هلائي رهي آهي: مراد علي شاهه

ڦڦڙن جو ڪينسر دنيا ۾ موت جي وڏين سببن مان هڪ آهي، تمباکو نوشي کان پرهيز ڪيو وڃي

حڪومت جي سهڪار سان جناح اسپتال ۾ ڪينسر جو جديد ترين علاج مفت فراهم ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڦڦڙن جي ڪينسر جي عالمي ڏينهن تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو پيغام. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ڦڦڙن جو ڪينسر دنيا ۾ موت جي وڏين

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ برساتن دوران ڪابه غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي: گيانچند ايسراڻي

بحالي کاتي واري صلاحڪار جي جي صدارت هيٺ سمورن ڊپٽي ڪمشنرن جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

برساتي نالن جي صفائي، ڊي واٽرنگ مشينري کي مڪمل طور تي فعال رکڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي کاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبي جي سمورن ڊپٽي ڪمشنرن جو هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ مون سون

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي شهر جي پنج سرڪاري ڊسپينسرين کي فعال اسپتالن ۾ تبديل ڪيو ويندو

وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال منصوبي تحت جيڪب لائين ۾ پهرئين رٺا جو بنياد رکيو

وفاق طرفان صوبن کي 7 هزار 800 ارب رپيا منتقل ڪيا ويا آهن، پر وسيلا عوام جي درن تائين نٿا پهچن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي 5 سرڪاري ڊسپينسرين کي 24 ڪلاڪ فعال اسپتالن ۾ تبديل ڪرڻ جي منصوبي تحت پهرئين رٺا جو بنياد رکي ڇڏيو ويو وفاقي حڪومت طرفان جيڪب لائين واري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير نون صوبن لاءِ پاڪ فوج جو نالو استعمال ڪري سياست ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪري پيو: نثار کهڙو

فوج اڳ ئي سياست کان لاتعلقي جو اعلان ڪري چڪي آهي، غير آئيني ڳالهيون ڪندڙ قوم جا ڏوهاري آهن

پاڪستان جي فوج ۽ سياست کي بدنام ڪندڙ شخص وٽ اهڙو اهم حڪومتي عهدو نه هجڻ گهرجي

نون صوبن بابت بيان ڏيندڙ سنڌ جي ڪنهن به گهٽي ۾ نڪرن ته انهن کي عوامي ردعمل جو اندازو ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو وفاقي گهرو وزير پاران هائبرڊ نظام جي حمايت، موجوده جمهوري نظام کي ناڪام

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

آزاد ڪشمير ۾ ٻئي مرحلي جي چونڊ مهم ختم، ٽن ضلعن ۽ مهاجرن لاءِ پولنگ اڄ ٿيندي

مظفرآباد ڊويزن جي ٽن ضلعن، مظفرآباد، نيلم ۽ جهلم ويلي جي 9 تڪن ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪيا ويندا

مهاجرن جي مخصوص 6، 6 سيٽن لاءِ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪشميري ووٽر پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا

اليڪشن ڪميشن هڪ آزاد ۽ خودمختيار ادارو آهي، ڪنهن جي هدايت تي ڪم نٿو ڪري: چيف اليڪشن ڪمشنر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن جي ٻئي مرحلي لاءِ چونڊ مهم ختم ٿي وئي آهي، جڏهن ته مظفرآباد ڊويزن جي ٽن ضلعن ۽ مهاجرن لاءِ مخصوص 12 سيٽن تي 2 آگسٽ تي پولنگ ٿيندي آزاد ڪشمير

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 150 سالن کان وڌيڪ پراڻي سينٽ جوزف اسڪول بحالي ۽ مرمت شروع

ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي، ڊپٽي اسپيڪر نويد اينٿوني سان گڏ منصوبي جو بنياد جو پٿر رکيو

پ پ قيادت اقليتن جي ڀلائي، سندن عبادتگاهن ۽ تاريخي ورثي کي خاص اهميت ڏئي ٿي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي نويد اينٿوني سان گڏ 150 سالن کان وڌيڪ پراڻي ۽ تاريخي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ريسلر اطهر زاهد کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاڳيتو واڌ "ظلم" ۽ "جڳا ٽيڪس" آهي: حافظ نعيم

تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب روزمره استعمال جون شيون به مهانگيون ٿي وڃن ٿيون

آزاد ڪشمير مسئلي جو حل ڳالهين ۾ آهي، ٽالڻ جي ڳالهه ڪرڻ غلط ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان اداري نور حق ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومت تي پيٽروليم شين جي اگهن، مهانگائي، بجلي معيشت ۽ سياسي صورتحال بابت سخت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت غيرقانوني تعميرن خلاف بنا امتياز ڪارروائي لاءِ پرعزم آهي: ناصر شاهه

سوني پچڪرين جي نشاندهي، رڪارڊ جي جاچ ۽ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي

ايس بي سي اي جي انٽيليجنس ۽ مانيٽرنگ نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ سنڌ سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ اڳواڻن وفاقي حڪومت خلاف گڏيل تحريڪ هلائڻ لاءِ جي يو آءِ سان رابطو ڪري ورتو

تحريڪ انصاف جي قيادت جي يو آءِ جي اڳواڻن سان ملاقات ڪري گڏيل احتجاج ڪرڻ جي تجويز پيش

ملاقات دوران ٻنهي پارٽين جي قيادت وچ ۾ ايندڙ چونڊن لاءِ گڏيل حڪمت عملي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي

جيڪڏهن پي ٽي آءِ جي سنجيده قيادت سامهون ايندي ته ڳالهيون اڳتي وڌنديون: جي يو آءِ ترجمان

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) وفاقي حڪومت خلاف گڏيل تحريڪ هلائڻ لاءِ جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) سان رابطا شروع ڪري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي ٻوٽو هڻي وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ٺٽي ۾ سمر اسپورٽس ڪوچنگ ڪئمپ ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهتي

ڪيمپ ۾ 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف راندين جي تربيت حاصل ڪئي

تقريب جي آخر ۾ ڪامياب شرڪت ڪندڙن ۽ ڪوچن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران ٺٽي ۾ 25 ڏينهن واري سمر اسپورٽس ڪوچنگ ڪئمپ ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهتي، 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف راندين جي تربيت حاصل ڪئي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

باقراڻي لڳ ڪار ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، يوسي چيئرمين [illegible]

خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ ٿيل حادثي ۾ انصاف سيال فوت ٿي ويو

سندس سؤٽ يوسي انور آباد چيئرمين نذير اڪبر سيال سخت زخمي، ڪراچي اسپتال منتقل

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ لاڙڪاڻو خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪار ۽ ٻوهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي پئي: سعيد غني

ايپڪا سنڌ جي چيئرمين ڊاڪٽر ذوالفقار قائمخاني جي اڳواڻي ۾ وفد صوبائي وزير سان ملاقات ڪئي

مسئلن جي حل لاءِ ملازمن جي نمائنده تنظيمن سان مشاورت ڪري عملي فيصلا ڪيا ويندا: خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ حڪومت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مبينا مقابلو، فائرنگ، واٽهڙو سبزي فروش پورهيت مارجي ويو

ڪارادر جي علائقي ۾ جوڙيا بازار پرسان پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

واقعي واري هنڌ بيٺل سبزي فروش پورهيت آصف آصف ولد حفيظ ڦورن جي فائرنگ جي زد ۾ اچي

موٽر سائيڪل سوار هٿيابند فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، مقتول جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪارادر جي علائقي ۾ جوڙيا بازار پرسان پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران فائرنگ جي زد ۾ اچي هڪ سبزي فروش مارجي ويو جڏهن ته

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

STUDENT ACTION COMMITTEE

حيدرآباد: پي ٽي آءِ سنڌ جو اڳواڻ حليم عادل شيخ ڌرڻي ۾ شريڪ آهي

عراق جي مقدس شهر ڪربلا معليٰ تي حملو قابل مذمت آهي: علامه صادق جعفري

سعودي عرب آمريڪا سان گڏجي بغير ڪنهن ثبوت يا شاهدن جي ڪربلا معليٰ تي حملو ڪيو

ڪارروائين جو عالمي سطح تي نوٽيس وٺي زائرين ۽ شهرين جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مجلس وحدت المسلمين سنڌ/ڪراچي جي اڳواڻن آمريڪا ۽ سعودي عرب تي عراق جي مقدس شهر ڪربلا معليٰ تي مبينا حملي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته زائرين ۽ بيگناهه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ٽن ورهين جي نينگري فوت، ٻه ٻارڙا زخمي

مڇر ڪالوني ۾ ڇت ڊهڻ سبب معصوم ٻارڙي ڪلثوم ڌيءَ ولي رحمان دٻجي فوت ٿي

زخمين ۾ 5 ورهين جو عبيد پٽ ولي رحمان ۽ 10 ورهين جي صادقه ڌيءَ ولي رحمان شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماڙي پور جي مڇر ڪالوني ۾ حضرت بلال مسجد پرسان هڪ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 3 ورهين جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا، شهري گهرن مان ٻاهر نڪري آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ جمعي جي شام زلزلي جا هلڪا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا، جنهن سبب شهري خوفزده ٿي گهرن ۽ عمارتن مان ٻاهر نڪري آيا. شاهدن موجب شاهه لطيف

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي يونيورسٽي اندر تشدد ۾ ملوث 10 شاگردن کي نيڪالي ڏني وڃي: جاچ ڪميٽي

يونيورسٽي اندر 9 جولاءِ جو واقعو اوچتو جهيڙو نه پر ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي ڇڪتاڻ جو نتيجو هو

جاچ ڪميٽي پاران پنج شاگردن کي 6 مهينن ۽ ٻين 5 شاگردن کي 3 مهينن لاءِ خارج ڪرڻ جي تجويز

رپورٽ ۾ شاگرد تنظيمن لاءِ واضح ۽ گڏيل پاليسي جوڙڻ جي سفارش پڻ شامل ڪئي وئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ)ڪراچي يونيورسٽي ۾ 9 جولاءِ تي اسلامي جمعيت طلبه ۽ سنڌ شاگرد ساٿي جي ڪارڪنن وچ ۾ ٿيل پرتشدد جهيڙي بابت قائم جاچ ڪميٽي پنهنجي رپورٽ مڪمل ڪري ورتي آهي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم جي واپاري ۽ گڏز ٽرانسپورٽ اڳواڻ شڪيل بلوچ جي بازيابي لاءِ شٽربند هڙتال

شهرين شٽربند هڙتال ڪري اسماعيل بلوچ، ڊاڪٽر جميل بلوچ، شهمير چنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڏينهن ڏٺي نوجوان شڪيل بلوچ کي اغوا ڪيو ويو پوليس 10 ڏينهن گذرڻ باوجود کيس بازياب ناهي ڪرايو: مظاهرين

جيڪڏهن 48 ڪلاڪن ۾ شڪيل بلوچ باحفاظت بازياب نه ٿيو ته نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ڳوٺ عالم بلوچ جو رهواسي واپاري ۽ گڏز ٽرانسپورٽ ٽنڊوآدم جو اڳواڻ شڪيل بلوچ 10 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿيو سندس بازيابيءَ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي سينيئر اسسٽنٽ رجسٽرار جي پوسٽ تان رٽائر ٿيندڙ حافظ الرحمان کي چيڪ ڏئي رهيو آهي

اسلام ڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به برسات، وڄ ڪرڻ سبب 3 ٻڪرين ۽ اٺ مري ويو

ڳوٺ ڪاريو غلام شاهه ۾ ڪنوڻ ڪرڻ سبب 3ٻڪرين ۽ ڳوٺ منهتار هڪ اٺ مري ويو

گذريل ٻن ڏينهن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جا [illegible] ۽ 40 ٻڪرين هڪ اٺ اجل جو شڪار ٿيا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) تعلقي اسلام ڪوٽ جي مختلف علائقن ۾ گذريل ٻي ڏينهن دوران به تيز برسات جاري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن زون ٽئين پاران ريجنل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

تقريب ۾ زون ٽئين جي عهديدارن، ڪرڪيٽ ڪلبن جي نمائندن، سينيئر رانديگرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مشير رباني ٽورنامينٽ جلد منعقد ڪيو ويندو انڊر-15 ۽ انڊر-17 رانديگرن جا ميرٽ تي ٽرائلز ٿيندا: علي حسين

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي زون ٽئين جي آفيس ۾ ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي نون چونڊيل سيڪريٽري علي حسين جي اعزاز ۾ هڪ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن زون جي عهديدارن جو گروپ فوٽو

لاهور (ر ت) وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي قائد نوازشريف سان رائيونڊ ۾ ملاقات ڪئي ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. ان موقعي تي وزيراعلىٰ پنجاب مريم نواز نائب
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

اي) جي قيام جي 99هين سالگره جنرل هيڊ ڪوارٽرز راولپنڊي ۾ ملهائي وئي چين جي پاڪستان ۾ سفير جيانگ زائي ڊونگ ان موقعي تي خاص مهمان هو چين جي دفاعي اتاشي ميجر جنرل وانگ زونگ، چيني سفارتخاني جي عهديدارن ۽ پاڪستان جي ٽنهي فوجن جي سينئر آفيسرن به تقريب ۾ شرڪت ڪئي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اين آءِ (ايم)، ايڇ جي، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ پي ايل اي کي ان جي 99 هين سالگره تي مبارڪون ڏنيون هن چين جي دفاع، قومي ترقي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي ۾ پي ايل اي جي نمايان خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جي پائيدار مضبوطي کي اجاگر ڪندي فيلڊ مارشل چيو ته ٻنهي ملڪن جي دوستي منفرد، وقت جي ڪسوٽي تي پرکيل ۽ بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي چئلينجز باوجود مضبوطي سان قائم آهي هن ان ڳالهه جي ٻيهر تصديق ڪئي ته پاڪ فوج ۽ پي ايل اي حقيقي شراڪتدار آهن جيڪي گڏيل اعتماد، پختي حمايت ۽ علائقائي امن استحڪام ۽ گڏيل اسٽريٽجڪ مفادن جي تحفظ جي عزم سان جڙيل آهن ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي سفير جيانگ زائي ڊونگ، فيلڊ مارشل جو ان يادگاري تقريب جي ميزباني تي شڪريو ادا ڪيو هن دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي اهم خدمتن ۽ قربانين جو اعتراف ڪيو ۽ پاڪستان لاءِ چين جي پختي حمايت ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هر موسم ۾ آزمايل تزويراتي شراڪتداري کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پائيدار عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

دٻائڻ جي ڪوشش ڪري آهي هن چيو ته هو ڪشميري عوام جي صبر ۽ برداشت کي سلام پيش ڪري ٿو پنهنجي وڊيو پيغام ۾ مولانا فضل الرحمان چيو ته 5 جون کان ڪشمير ۾ حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿيون جنهن کانپوءِ هڪ ڪميٽي ٽياڪڙي لاءِ درخواست ڪئي هن چيو ته ڪميٽي مٿس اعتماد ڪيو پر حڪومت ان کي ڪا اهميت نه ڏني ۽ طاقت جي استعمال سان تحريڪ کي ختم ڪرڻ تي بضد رهي مولانا فضل الرحمان ڪميٽي کي اپيل ڪئي ته وڌيڪ ڪجهه مهلت ڏني وڃي ۽ ڪو وڏو قدم نه کنيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته ڪشميري عوام جو صبر ۽ برداشت قابل تحسين آهي جڏهن ته اها تحريڪ سڄي ڪشمير ۽ دنيا جي مختلف ملڪن تائين پکڙجي رهي آهي مولانا فضل الرحمان مطالبو ڪيو ته رياستي ادارا رٽ وهائڻ بدران ڳالهين ۽ مفاهمت جو رستو اختيار ڪن

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

سببن مان هڪ آهي هن چيو ته مسلسل کنگهه يا ساهه کڻڻ ۾ تڪليف کي هرگز نظرانداز نه ڪيو وڃي جڏهن ته تمباڪو نوشي ۽ ٻين نقصانڪار عادتن کان مڪمل پرهيز ڪيو وڃي وڏي وزير چيو ته صاف سٿرو ۽ صحتمند ماحول بهتر صحت جي بنيادي ضمانت آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت ڪينسر جهڙي موذي بيماري بابت آگاهي مهم هلائي رهي آهي ۽ مفت توڙي معياري علاج جون سهولتون پڻ فراهم ڪري رهي آهي سنڌس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جي سهڪار سان جناح اسپتال ۾ ڪينسر جو جديد ترين علاج مفت فراهم ڪيو پيو وڃي جتي سائبر نائيف ريڊيوٿراپي سميت ڪينسر جي جديد علاج جون سهولتون مريضن کي بنا ڪنهن معاوضي جي ڏنيون پيون وڃن مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته خيرپور جي گمس اسپتال ۾ ڪينس عضون جي پيوندڪاري ۽ ڦڦڙن جي بيمارين جي علاج جا يونٽ پڻ فعال آهن هن زور ڏنو ته ڦڦڙن جي ڪينسر کان بچاءَ لاءِ وقت سر تشخيص ۽ احتياطي تدبيرون انتهائي اهم آهن وڏي وزير عوام تي زور ڀريو ته تمباڪو نوشي کان مڪمل پرهيز ڪن احتياطي اپاءَ اختيار ڪن ۽ ڪينسر بابت آگاهي ڦهلائڻ جي عزم کي ورجائين هن چيو ته اڄ جو ڏينهن اسان کي ڦڦڙن جي ڪينسر کان بچاءَ ۽ صحتمند طرز زندگي اختيار ڪرڻ جي عزم جي ياد ڏياري ٿو

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

۽ ٻهرين آگسٽ دوران اسلام آباد، راولپنڊي، پوٺوهار خطي پشاور نوشهره، گوجرانوالا سميت سنڌ جي مختلف ضلعن ٿرپارڪر سکر شهيد بينظير آباد، حيدرآباد، ٺٽو بدين سانگهڙ خيرپور، ملي ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ٽنڊو محمد خان ٽنڊوالهيار ۾ تيز برسات سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچڻ جو امڪان آهي ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ڪشمير ڪي پي ڪي اسلام آباد، پنجاب ۽ سنڌ ۾ تيز هوائون ۽ گجگوڙ سان برسات، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ تيز برسات جو امڪان آهي جڏهن ته ملڪ جي ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهي سڀ کان وڌيڪ برسات پنجاب ۾ راولپنڊي، شمس آباد، چڪلالا، پير وڌائي ۽ ٻين علائقن ۾ رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

برسات جي تيارين ٻوڏ جي هنگامي انتظامن ۽ ضلعي سطح جي منصوبابندي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري بحالي رفيق مصطفيٰ شيخ، ڊائريڪٽر جنرل پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ سيد سلمان شاهه، ڊائريڪٽر جنرل ريسڪيو 1122 سنڌ واحد سبحت الله ۽ صوبي جي سمورن ڊپٽي ڪمشنرن وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنرن پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ جاري مون سون برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ احتياطي قدمن، تيارين، پاڻي جي نيڪال جي انتظامن ۽ امدادي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني اجلاس کي خطاب ڪندي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو هاءِ الرٽ رهن ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ ترت ۽ مؤثر ڪارروائي کي يقيني بڻائين هن چيو ته قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تيارين ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي هن ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته برساتي نالن جي صفائي، ڊي واٽرنگ مشينري کي مڪمل طور تي فعال رکڻ ۽ لاڳاپيل ادارن سان رابطو برقرار رکيو وڃي هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته پي ڊي ايم اي سنڌ پاران فراهم ڪيل امدادي سامان جا مڪمل تفصيل مقرر ڪيل آن لائن پورٽل تي اپلوڊ ڪيا وڃن ته جيئن شفافيت ۽ مؤثر نگراني کي يقيني بڻائي سگهجي هر ضلعي ۾ امدادي سامان جو مناسب ذخيرو موجود هئڻ گهرجي، جيئن ٻوڏ يا ڪنهن به هنگامي صورتحال جي صورت ۾ فوري امدادي ڪارروائي ممڪن بڻائي سگهجي اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته ضلعي ٿرپارڪر ۾ وڄ ڪرڻ جي مختلف واقعن ۾ ٻن مردن ۽ هڪ ٻار سميت ڇهه ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته پنج ڄڻا زخمي ٿيا اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته 3 جولاءِ کان 31 جولاءِ 2026 تائين سنڌ ۾ مون سون سان لاڳاپيل مختلف واقعن دوران مجموعي طور پنج ڄڻا فوت ۽ ست ڄڻا زخمي ٿيا ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سنڌ سيد سلمان شاهه اجلاس کي ٻڌايو ته موجوده موسمي نظام 3 آگسٽ تائين سنڌ تي اثرانداز رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ۾ نسبتاً وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي انهن ضلعن ۾ تيز برسات سبب مقامي شهري ٻوڏ ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي بيهڻ جو خدشو آهي ميرپورخاص ۽ بدين ۾ وچولي درجي جي برسات جو امڪان آهي، جتي هيٺاهين علائقن ۾ عارضي طور پاڻي گڏ ٿي سگهي ٿو وچولي سنڌ ۾ هلڪي کان وچولي برسات، جڏهن ته ڪراچي ۽ اپر سنڌ ۾ ڪجهه هنڌن تي هلڪي برسات جو امڪان آهي متاثر ضلعن ۾ گجگوڙ سان گڏ تيز هوائون پڻ هلي سگهن ٿيون هن چيو ته پي ڊي ايم اي سنڌ جي ايمرجنسي رسپانس مشينري ۽ ڊي واٽرنگ سامان مڪمل طور تي تيار آهي ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي درخواست ملندي ئي فوري طور تي متاثر ضلعن ڏانهن روانو ڪيو ويندو ڊي جي پي ڊي ايم اي وڌيڪ ٻڌايو ته سانگهڙ ۾ هنگامي ردعمل جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ 250 خيما، 250 ترپالون، 250 جيري ڪين، 250 ڪچن سيٽ، 1000 مڇرداڻيون ۽ ٻيو امدادي سامان اڳ ئي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ حوالي ڪيو ويو آهي هن سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ضلعن ۾ موجود امدادي سامان جو ٻيهر جائزو وٺن ۽ يقين ڏياريو ته جتي به وڌيڪ سامان جي ضرورت پوندي، اتي فوري طور اضافي امدادي سامان فراهم ڪيو ويندو ته جيئن جاري مون سون دوران امدادي ڪارروايون بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهي سگهن

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

گورنمينٽ ڊسپينسري جي توسيعي منصوبي جي تقريب ۾ وفاقي وزير صحت سيد مصطفيٰ ڪمال شرڪت ڪئي ۽ فيڊرل ڪميونٽي هيلٿ اينڊ پريوينشن سروس سينٽر منصوبي جو سنگ بنياد رکيو تقريب کي خطاب ڪندي سيد مصطفيٰ ڪمال چيو ته اڄ ڪراچي جي صحت واري شعبي لاءِ هڪ اهم ڏينهن آهي هن چيو ته هي ڊسپينسري اڳ صبح 8 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين محدود سهولتن سان هلندي هئي پر هاڻي ان کي جديد اسپتال ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي هن چيو ته نئون اسپتال 30 بسترن تي ٻڌل هوندو جتي مريضن کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون سنڌس چوڻ هو ته گذريل ڪيترن ئي مهينن کان وفاقي حڪومت ڊسپينسرين کي جديد اسپتالن ۾ تبديل ڪرڻ جي منصوبي تي ڪم ڪري رهي آهي وفاقي وزير صحت چيو ته سول ڊسپينسري، ايئرپورٽ ڊسپينسري، گارڊن سميت ڪيترائي صحت مرڪز سالن کان غيرفعال هئا، پر هاڻي انهن کي جديد اسپتالن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي هن ٻڌايو ته ٽن مهينن اندر جيڪب لائين واري ڊسپينسري مڪمل طور 24 ڪلاڪ فعال اسپتال بڻجي ويندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪراچي ۾ ان منصوبي لاءِ 2 ارب 86 ڪروڙ 50 لک رپيا مختص ڪيا ويا آهن جن جي ذريعي شهر جون 5 ڊسپينسريون 30 بسترن وارن جديد اسپتالن ۾ تبديل ڪيون وينديون هن چيو ته ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ اسپتالون ٺاهڻ جو اختيار ۽ مالي وسيلا صوبن کي منتقل ٿي ويا آهن، تنهن هوندي به وفاقي حڪومت پنهنجي اختيار هيٺ موجود ڊسپينسرين تي خرچ ڪري انهن کي اسپتالن ۾ تبديل ڪري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته هڪ سال اڳ هي ڊسپينسري مڪمل طور غيرفعال هئي، جڏهن ته هاڻي ان کي جديد طبي سهولتن سان ليس ڪيو پيو وڃي سنڌس چوڻ هو ته ڪراچي جي ٻين علائقن ۾ موجود وفاقي ڊسپينسرين کي به فعال بڻايو ويندو وفاقي وزير صحت چيو ته هو ڪراچي جي عوام کان معذرت خواهه آهي ڇاڪاڻ ته وٽس اهڙا اختيار ناهن جو هو ڪورنگي، لياقت آباد ۽ ٻين گهڻي آبادي وارن علائقن ۾ به اهڙا منصوبا شروع ڪري سگهي ڇو ته اهي اختيار صوبائي حڪومت وٽ آهن مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان ۾ نيڪال جو هڪ ڦڙو به گندو پاڻي صاف ڪري خارج نٿو ڪيو وڃي هن چيو ته ماهرن موجب ملڪ ۾ 68 سيڪڙو بيماريون آلوده پاڻي سبب پکڙجن ٿيون، جڏهن ته 55 سيڪڙو پاڪستانين کي اڄ به پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ميسر ناهي سنڌس چوڻ هو ته عوام اڄ به بنيادي تعليم ۽ صحت جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهي هن وڌيڪ چيو ته وفاق طرفان صوبن کي 7 هزار 800 ارب رپيا منتقل ڪيا ويا آهن، پر اهي وسيلا عوام جي در تائين نٿا پهچن سنڌس چوڻ هو ته بدانتظامي سبب ماڻهو رياست کان مايوس ٿي رهيا آهن، تنهن ڪري ضروري آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون سندن گهرن جي ويجهو فراهم ڪيون وڃن

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

قرار ڏيڻ ۽ نون صوبن بابت بيانن کي غير آئيني قرار ڏيندي وفاقي کهڙو وزير کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي هن اهڙو مطالبو ڇنڇر ڏينهن مشهور بزنس مين سعيد ايس محمد جي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس دوران ڪيو ان موقعي تي واپاري سعيد ايس محمد پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو تقريب ۾ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري وقار مهدي، سعيد غني، جاويد ناگوري ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا نثار کهڙو نون صوبن بابت آئيني حيثيت واضح ڪندي چيو ته آئين جي آرٽيڪل 239 جي شق 4 ۾ نون صوبن جي قيام لاءِ واضح طريقه ڪار موجود آهي جنهن موجب لاڳاپيل صوبي جي اسيمبلي ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان جيستائين قرارداد منظور نه ڪندي تيستائين نئون صوبو نٿو ٺهي سگهي هن چيو ته ماضي ۾ پنجاب اسيمبلي نئين صوبي لاءِ قرارداد منظور ڪئي هئي تنهن ڪري جيڪڏهن نئون صوبو ٺاهڻو آهي ته ٻهراڻ پنجاب ۾ ٺاهيو وڃي جڏهن ته سنڌ ۾ نئين صوبي جي ڪا به ضرورت ناهي هن چيو ته ملڪ ڪنهن به غير آئيني قدم جو متحمل نٿو ٿي سگهي ۽ جمهوريت جي تسلسل ۾ ئي سڀني مسئلن جو حل موجود آهي نثار کهڙو چيو ته جيڪڏهن وفاقي کهڙو وزير جمهوري نظام کي ناڪام قرار ڏئي هائبرڊ نظام جي وڪالت ڪري رهيو آهي ته پوءِ کيس حڪومت ۾ پنهنجي عهدي تي رهڻ جو ڪو جواز ناهي هن چيو ته هو ”شاهه کان وڌيڪ شاهه جو وفادار بڻجي جمهوريت جي انجڻ ۽ ماحول کي خراب ڪري رهيو آهي تنهن ڪري پاڪستان جي فوج ۽ سياست کي بدنام ڪندڙ شخص وٽ اهڙو اهم عهدو نه هجڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته جمهوري نظام کي ناڪام قرار ڏيڻ آئين جي خلاف آهي ۽ جيڪڏهن غير آئيني ڳالهيون ڪيون وينديون ته اهڙا ماڻهو قوم جا ڏوهاري سمجهيا ويندا هن چيو ته نون صوبن بابت بيان ڏيندڙ سنڌ جي ڪنهن به گهٽي ۾ نڪري ته کيس عوام جي ردعمل جو اندازو ٿي ويندو نثار کهڙو چيو ته ڀلي وفاقي کهڙو وزير کي وزيراعظم بڻجڻ جو شوق هجي پر هو پاڪستان جي هٿياربند فوج جو نالو استعمال ڪري سياست ۾ انتشار پيدا ڪري رهيو آهي جڏهن ته فوج اڳ ئي سياست کان لاتعلقي جو اعلان ڪري چڪي آهي سنڌس چوڻ هو ته وفاقي کهڙو وزير اهڙن بيانن ذريعي هٿياربند فوج ۽ سياست کي پڻ بدنام ڪري رهيو آهي هن چيو ته جن ماڻهن جي پيروي ڪندي وفاقي کهڙو وزير بيان ڏئي رهيو آهي ته گذريل پنجاهه سالن کان ملڪ تي حڪومتون ڪندا رهيا آهن هن چيو ته هڪ پاسي ملڪ قرضن تي هلي رهيو آهي ته ٻئي پاسي 22 صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪري خرچن ۾ اضافي جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي هن سوال ڪيو ته ڇا 22 صوبا، 22 وڏا وزير ۽ 22 گورنر ۽ انهن جي آفيسن جا خرچ ملڪ جي معيشت برداشت ڪري سگهي ٿي؟ هن چيو ته اسان کي ڪيڙا مڪوڙا ۽ ڪاڪروچ سمجهيو پيو وڃي، پر اهي ڪاڪروچ حيثيت رکن ٿا جيڪي آمر ضياءِ الحق، ايوب خان ، پرويز مشرف خلاف به ٻاهر نڪتا هئا ۽ جيڪڏهن اهي ”ڪاڪروچ نڪري پيا ته انهن جي خلاف ئي نڪرندا هن چيو ته پاڪستان خلاف شروع کان ئي سازشون ٿينديون رهيون آهن ملڪ کي آئين ڏيندڙ چونڊيل قيادت جو تختو اونڌو ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏني وئي ۽ ماضي ۾ ڪنهن به وزيراعظم کي پنهنجو آئيني مدو مڪمل ڪرڻ نه ڏنو ويو ۽ طاقتور قوتن ملڪ کي سخت نقصان پهچايو هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ مارشل لا لاڳو ڪري عوام جي فيصلا ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ آئين ٽوڙي آرٽيڪل 58(2) بي ذريعي جمهوري حڪومتون ختم ڪيون وينديون رهيون جڏهن ته وڏي جدوجهد ڪانپوءِ اها شق آئين مان ختم ڪرائي وئي آهي نثار کهڙو چيو ته 1958ع ۾ مارشل لا لاڳو ٿي ۽ اڳ ون يونٽ لاڳو ڪري صوبن جي حيثيت ختم ڪئي وئي مارشل لا لاڳو ڪندڙن هڪ طرف چونڊون ڪرايون ته ٻي طرف ملڪ جو اڌ حصو ٽٽي ويو هن زور ڏيندي چيو ته پاڪستان ۾ جمهوريت کان سواءِ ٻيو ڪو نظام نٿو هلي سگهي ۽ آئين جي بالادستي ۽ جمهوريت جو تسلسل ئي ملڪ جي مسئلن جو واحد حل آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته خالد مقبول صديقي کي مصطفيٰ ڪمال کان ڊڄڻ نه گهرجي هن جلال پور ڪينال بابت سوال تي چيو ته اهو معاملو گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ۾ زير التوا آهي ۽ جڏهن سي سي آءِ جو اجلاس ٿيندو ته جلال پور ڪينال جو معاملو ضرور اٿاريو ويندو ان موقعي تي واپاري سعيد محمد پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪندي چيو ته هو صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي اعتماد ڪندي پارٽي ۾ شامل ٿي رهيو آهي.نثار کهڙو سعيد محمد کي پيپلز پارٽي ۾ شموليت تي ڀليڪار چيو

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

قانون ساز اسيمبلي جي 2026ع واري چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ مظفرآباد ڊويزن جي ٽن ضلعن يعني مظفرآباد، نيلم ۽ جهلم ويلي جي 9 تڪن ۾ آچر تي ووٽنگ ٿيندي اليڪشن ڪميشن موجب، مظفرآباد ڊويزن جي ٽن ضلعن ۾ رجسٽرڊ ووٽرن جو انگ 8 لک 90 هزار 621 آهي جن مان 4 لک 27 هزار 955 مرد ۽ 3 لک 81 هزار 666 عورت ووٽر آهن سڄي مظفرآباد ڊويزن ۾ ووٽنگ لاءِ هڪ هزار 483 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن هوڏانهن آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي ۾ مهاجرن لاءِ مخصوص 12 سيٽن تي به 2 آگسٽ تي پولنگ ٿيندي جمون ۽ ويلي جي 6، 6 سيٽن لاءِ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ رهندڙ ڪشميري ووٽر پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا. جمون جون 6 سيٽون ايل اي 34 جمون-1 کان ايل اي 39 جمون-6 تائين جڏهن ته ويلي جون 6 سيٽون ايل اي 40 ويلي-1 کان ايل اي 45 ويلي-6 تائين آهن چيف اليڪشن ڪمشنر رٽائرڊ جسٽس غلام مصطفيٰ مغل چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن ڪنهن جي هدايت يا ڊڪٽيشن تي ڪم نٿي ڪري، اهو هڪ آزاد ۽ خودمختيار ادارو آهي هن چيو ته چونڊن ۾ هارائيندڙ ڌريون اڪثر ڌانڌلي جا الزام هڻنديون آهن هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو ٻئي مرحلي جي پولنگ دوران گهرن مان نڪري ووٽ جو حق استعمال ڪن ڇو ته جيڪڏهن ماڻهو ووٽ نه ڏيندا ته پوءِ مسئلا جلسن جلوسن يا احتجاجن سان حل نه ٿيندا. چيف اليڪشن ڪمشنر وڌيڪ چيو ته هي آزاد ڪشمير جي تاريخ جون سڀ کان ڏکيو حالتن ۾ ٿيندڙ چونڊون آهن، ۽ جيڪڏهن حالتون اهڙيون ئي رهيون ته راولاڪوٽ جي چونڊن جي شيڊيول ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

تعليمي اداري سينٽ جوزف اسڪول صدر ۾ اقليتي معاملن واري کاتي تحت جاري بحالي ۽ مرمت واري منصوبي جو بنياد جو پٿر رکيو ان موقعي تي اسڪول انتظاميا جي سسٽر انيلا ڪانسٽنٽ، سسٽر الزبيٿ فلپ، سسٽر نصرت برڪت، مس ثناء گل، مس ريٽا چارلس، سسٽر ڪيٿرين جيمز ۽ منير يلسن پڻ موجود هئا اقليتي معاملن واري کاتي جي آفيسرن ۽ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر انوس لغاري ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ ٻين معززن کي منصوبي جي نوعيت، اڳڀرائي ۽ تعميراتي ڪم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي تعميراتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو استعمال ٿيندڙ تعميراتي مواد جو معائنو ڪيو ۽ اقليتي معاملن واري کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته منصوبو مقرر مدي اندر اعليٰ معيار سان مڪمل ڪيو وڃي هن واضح ڪيو ته ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، وڏي وزير سنڌ ۽ اقليتي معاملن وارو کاتو اقليتن جي ڀلائي، سندن عبادتگاهن ۽ تاريخي ورثي جي تعمير بحالي ۽ مرمت کي خاص اهميت ڏين ٿا بعد ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي سينٽ جوزف اسڪول جي تاريخي عمارت جو پڻ دورو ڪيو ان موقعي تي هن رٽائر ٿيندڙ پرنسپال سسٽر انيلا ڪانسٽنٽ جي قيمتي خدمتن کي ساراهيندي کين خراج تحسين پيش ڪيو ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو جڏهن ته نئين پرنسپال سسٽر الزبيٿ فلپ کي ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏيندي سندس ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

سنڌ جي رانديڪن ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي خاص هدايتن تي سنڌ جي رانديڪن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ اسپورٽس ڪمپليڪس ٺٽي ۾ منعقد ٿيل 25 ڏينهن وارو سمر اسپورٽس ڪوچنگ ڪئمپ ڪاميابيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهچي وئي اسپورٽس ڪمپليڪس ٺٽي ۾ منعقد ٿيل هن ڪئمپ ۾ 100 شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي جن کي ماهر ڪوچن پاران بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس، فٽبال، باسڪيٽ بال ۽ ڪراٽي جي عملي تربيت ڏني وئي ڪئمپ جو مقصد نوجوان نسل ۾ رانديڪن کي هٿي وٺرائڻ صحت مند طرز زندگي نظم و ضبط، ٽيم ورڪ ۽ مثبت سرگرمين کي وڌائڻ هو اختتامي تقريب ۾ شاگردن، شاگردياڻين والدين ڪوچن ۽ رانديڪن سان لاڳاپيل شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي آخر ۾ ڪامياب شرڪت ڪندڙن ۽ ڪوچن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، جڏهن ته نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن جي حوصلا افزائي پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ٺٽو علي اظهر بروهي چيو ته رانديون نوجوانن کي سماجي برائين کان پري رکڻ نظم و ضبط، برداشت، ٽيم ورڪ، قيادت جون صلاحيتون ۽ خود اعتمادي وڌائڻ سان گڏوگڏ سندن جسماني ۽ ذهني نشوونما ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هن چيو ته سنڌ حڪومت سڄي صوبي خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ رانديڪن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نوجوان ٽيلنٽ کي ٻاهر آڻڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ته جيئن باصلاحيت رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار ۽ قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي نمايان ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪري سگهجن

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

نتيجي ۾ ڪار سوار ڳوٺ فريد آباد واسي يوسي انور آباد جو چيئرمين نديم اڪبر سيال سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس سئوٽ نوجوان انصاف ولد مرحوم ڊاڪٽر امداد سيال فوت ٿي ويو آهي ، اهڙي اطلاع ملڻ تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي کڻائي وئي جتي ڊاڪٽرن پاران علاج لاءِ کيس ڪراچي ريفر ڪيو ويو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ وارث ڪراچي کڻائي ويا آهن ، جڏهن ته حادثي ۾ ڪار مڪمل طور تباهه ٿي وئي، پوليس ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالواحد بروهي کي گرفتار ڪري ٽريڪٽر ۽ ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او شهيد الاهي بخش سيال اظهر جهتيال ميڊيا کي ٻڌايو ته گذريل رات دير سان ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ لاڙڪاڻو خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪار جو ٻوهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار يوسي انور آباد جو چيئرمين نديم اڪبر سيال سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس سئوٽ نوجوان انصاف ولد مرحوم ڊاڪٽر امداد سيال فوت ٿي ويو آهي ، اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي کڻائي وئي، هن وڌيڪ ٻڌايو ته فوتي نوجوان ۽ زخمي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جا ويجها عزيز پڻ آهن حادثي ۾ ڪار مڪمل طور تباهه ٿي وئي آهي ، ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالواحد بروهي کي گرفتار ڪري ٽريڪٽر ۽ ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي هوڏانهن فوتي نوجوان جو مڙهه جنازي نماز بعد مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ، جنازي نماز ۾ اڳوڻو صوبائي وزير سهيل انور سيال ،پ پ اڳواڻ منور خان سيال، طارق انور سيال، ڏڙي ٽائون چيئرمين شاهه رخ سيال،ڪي ايم او ٽائون ڪاميٽي آريجا محمد خان سيال، ڊاڪٽر جان امداد سيال ۽ ٻين سميت سيال برادري جي ماڻهن توڙي سياسي سماجي اڳواڻن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

صوبي جي سمورن سرڪاري ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي هن چيو ته گروپ انشورنس، بينيوولينٽ فنڊ، پروموشن سينيارٽي ۽ ٻين انتظامي معاملن جي حل لاءِ ملازمن جي نمائنده تنظيمن سان مشاورت ڪري عملي فيصلا ڪيا ويندا اهي ڳالهيون هن جمعي ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ آل پاڪستان ڪلارڪس ايسوسيئيشن (اپيڪا) سنڌ جي چيئرمين ذاڪر ذوالفقار قائمخاني جي اڳواڻي ۾ آيل وفد سان ملاقات دوران ڪيون. وفد ۾ اپيڪا سنڌ جي صدر رفيق احمد جتوئي جنرل سيڪريٽري اشرف خان بوزئي، سينيئر نائب صدر خالد راجپوت، نثار احمد عاراڻي سيد نعيم شاهه سعيد شيخ عباس چانڊيو راشد اقبال ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شامل هئا ملاقات دوران اپيڪا جي چيئرمين ذاڪر ذوالفقار قائمخاني صوبائي وزير کي سرڪاري ملازمن کي درپيش اهم مسئلن کان آگاهه ڪيو هن مطالبو ڪيو ته ريٽائرمينٽ وقت گروپ انشورنس ۽ بينيوولينٽ فنڊ جون رقمون بنا دير ادا ڪيون وڃن سمورن کاتن ۾ ميرٽ تي سينيارٽي لسٽون جاري ڪيون وڃن گريڊ هڪ کان چار تائين قابل ملازمن کي سينيارٽي جي بنياد تي جونيئر ڪلارڪ طور ترقيون ڏنيون وڃن جڏهن ته اڪائونٽس ڪلارڪ جي پوسٽ کي گريڊ 9 مان وڌائي گريڊ 15 ڪيو وڃي صوبائي وزير سعيد غني وفد کي خاطري ڪرائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ مڪمل طور تي پرعزم آهي ۽ انهن معاملن تي سنڌ ڪابينا ۾ پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو آهي هن چيو ته مختلف کاتن جي وزيرن سان رابطا جاري آهن ته جيئن سرڪاري ملازمن جا جائز مطالبا جلد کان جلد حل ڪري سگهجن سعيد غني چيو ته حڪومت ڪنهن به فيصلي کان اڳ ملازمن جي تنظيمن کي اعتماد ۾ وٺندي، جيئن پاليسيون گڏيل مشاورت سان جوڙيون وڃن ۽ انهن تي مؤثر نموني عملدرآمد ٿي سگهي.هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سمورن سرڪاري ملازمن جي ڀلائي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ گروپ انشورنس، بينيوولينٽ فنڊ، پروموشن سينيارٽي ۽ ٻين انتظامي معاملن کي مرحليوار حل ڪيو ويندو ته جيئن ملازمن کي بهتر خدمتي ماحول ۽ سندن حق وقت سر فراهم ٿي سگهن

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

تنقيد ڪئي ۽ 7 آگسٽ تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان ڪيو هن چيو ته پاڪستان ۾ علائقي جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان مهانگو پيٽرول وڪرو ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ايڪس ريفائنري قيمت جي حساب سان به پيٽرول مهانگو آهي. سنڌس چوڻ هو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ جو سلسلو روزانو جاري آهي. جڏهن ته گهٽتائي ڪئي وڃي ٿي ته اها صرف ڪجهه پئسن تائين محدود هوندي آهي. حافظ نعيم الرحمان پيٽروليم ليوي کي ”ظلم“ ۽ ”جگا ٽيڪس“ قرار ڏيندي چيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ سبب روزمره استعمال جون شيون به مهانگيون ٿي وڃن ٿيون حڪومت سمورو بار عام ماڻهن تي وجهي رهي آهي جڏهن ته دنيا ۾ اهڙين حالتن دوران معاشي ايمرجنسي لاڳو ڪئي ويندي آهي. پر هتي هر معاملي تي آءِ ايم ايف پروگرام جو جواز پيش ڪري قوم کي وڌيڪ مشڪلاتن ۾ ڌڪيو پيو وڃي هن مطالبو ڪيو ته نجي شعبي جي ملازمن جي پگهارن ۾ به واڌ ڪئي وڃي سنڌس چوڻ هو ته بجلي پيدا ڪرڻ کان وڌيڪ بجلي نه ٺاهڻ جا خرچ ڪيا ويا، جن جا منفي اثر عوام تي پئجي رهيا آهن هن چيو ته عوام کي متحد ٿي فيصلو ڪرڻو پوندو، تنهن ڪري 7 آگسٽ تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويندو آزاد ڪشمير بابت ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته مسئلي جو حل ڳالهين ۾ آهي، جيتوڻيڪ فوري حل نظر نٿو اچي هن چيو ته ڪشمير جا ماڻهو اسان جا پنهنجا آهن، ڏالڻي جي ڳالهه ڪرڻ غلط ناهي، پر افسوس آهي ته آزاد ڪشمير جي حڪومت ۽ وفاقي حڪومت مؤثر ڪردار ادا نه ڪيو بلوچستان ۾ ڪوئلي جي کاڻ واري حادثي ۾ مزدورن جي فوت ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪندي هن چيو ته پاڪستان ۾ مزدورن لاءِ حفاظتي انتظامن جي سخت کوٽ آهي، جڏهن ته خيبر پختونخوا جي امن امان واري صورتحال پڻ انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي سياسي معاملن تي ڳالهائيندي هن چيو ته پنجاب ۾ بلدياتي چونڊون نٿيون ڪرايون وڃن جڏهن ته سنڌ ۾ به بلدياتي چونڊون چار ڀيرا ملتوي ٿيڻ کان پوءِ ڪرايون ويون سنڌس چوڻ هو ته ملڪ ۾ آئين تي مڪمل عملدرآمد نٿو ڪيو وڃي ۽ غير ضروري معاملن کي بحث هيٺ آندو پيو وڃي حافظ نعيم الرحمان دعويٰ ڪئي ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) وچ ۾ ”نورا ڪشتي“ جاري آهي بلاول ڀٽو زرداري جي فارم 47 بابت بيان تي ردعمل ڏيندي هن چيو ته هو پاڻ به فارم 47 جي پيداوار آهن ۽ جڏهن اقتدار ۾ حصو گهٽ ملي ٿو ته پوءِ شور مچايو وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن چونڊيل نمائندن کي آزادي سان حڪومت هلائڻ ڏني وڃي ته نظام بهتر ٿي سگهي ٿو انسانن جي منڊي لڳائڻ آئيني رستو ناهي، جڏهن ته سمورين سياسي قوتن گڏجي نظام کي خراب ڪيو آهي هن چيو ته رڳو بيانن سان مسئلا حل نه ٿيندا، پر عملي قدم کڻڻا پوندا ته جيئن ملڪ کي موجوده بحرانن مان ڪڍي سگهجي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صوبي، خاص طور تي ڪراچي ۾ غيرقانوني تعميرن خطرناڪ عمارتن، اداري جي ڪارڪردگي عوامي سهولتن ون ونڊو آپريشن ۽ بين الاداره رابطن بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت غيرقانوني تعميرن خلاف بنا امتياز ڪارروائي لاءِ پرعزم آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته غيرقانوني تعميرن بابت 15 ڏينهن جي مهلت ڏني پئي وڃي ته جيئن سڀني خلاف ورزين جي نشاندهي، رڪارڊ جي جاچ ۽ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي جڏهن ته ان مدي کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن به آفيسر خلاف غيرقانوني تعميرن ۾ ملوث هجڻ يا غفلت جي شڪايت ملي ته ڊائريڪٽر جنرل ايس بي سي اي بنا امتياز ۽ فوري ڪارروائي ڪري صوبائي وزير هدايت ڪئي ته ايس بي سي اي جي انٽيليجنس ۽ مانيٽرنگ نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪيو وڃي، روزاني بنياد تي مانيٽرنگ رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ غيرقانوني تعميرن جي بروقت نشاندهي لاءِ مؤثر سرويلنس سسٽم لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن خلاف ورزين کي شروعاتي مرحلي ۾ ئي روڪي سگهجي هن چيو ته غيرقانوني تعميرن خلاف ڪارروائي لاءِ خصوصي ڊاهڻ واريون ٽيمون جوڙيون وڃن جيڪي لاڳاپيل ضلعي انتظاميا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سهڪار سان مؤثر نموني پنهنجا فرض سرانجام ڏين سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جون واضح هدايتون آهن ته عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ون ونڊو آپريشن کي وڌيڪ مؤثر شفاف ۽ عوام دوست بڻايو وڃي ته جيئن شهرين کي تعميراتي نقشن اين او سي ۽ ٻين قانوني معاملن لاءِ غيرضروري مشڪلاتن کي منهن نه ڏيڻو پوي هن هدايت ڪئي ته ايس بي سي اي ۾ ايندڙ هر شهري سان خوش اخلاقي شفافيت ۽ قانون موجب مڪمل سهڪار ڪيو وڃي جڏهن ته عوامي سهولت کي نظر ۾ رکندي ٽائون سطح تي ايس بي سي اي جو مؤثر نيٽ ورڪ قائم ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي مرڪزي آفيس بدران پنهنجن علائقن ۾ ئي گهربل خدمتون ملي سگهن اجلاس ۾ صوبائي وزير ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ليگل ٽيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻايو وڃي ته جيئن غيرقانوني تعميرن عدالتي مقدمن ۽ قانوني پيچيدگين کي مؤثر نموني منهن ڏئي سگهجي هن هدايت ڪئي ته ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي)، ماسٽر پلان ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان ايس بي سي اي جو مربوط ۽ مؤثر رابطو يقيني بڻايو وڃي ته جيئن منصوبابندي، منظوري ۽ عملدرآمد جي مرحلن ۾ هم آهنگي برقرار رهي سيد ناصر حسين شاهه خطرناڪ عمارتن جي مسئلي کي انتهائي اهم قرار ڏيندي هدايت ڪئي ته متاثر خاندانن لاءِ عارضي بنيادن تي رهائش جو مناسب بندوبست ڪيو وڃي ۽ اهڙا عملي قدم کنيا وڃن جن سان متاثرين جو حڪومت تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿئي هن چيو ته انساني جانين جو تحفظ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير قابل قبول نه هوندي صوبائي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته نون بلدياتي قانونن ۾ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي بابت ڪيترائي اهم تجويزون شامل ڪيون ويون آهن جن جو مقصد اداري جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ مؤثر شفاف ۽ جوابده بڻائڻ آهي ته جيئن شهرين کي بهتر بلدياتي خدمتون فراهم ڪري سگهجن اجلاس جي پڄاڻي تي سيد ناصر حسين شاهه سڀني لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اجلاس ۾ جاري ڪيل حڪمن تي فوري عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، مقرر ڪيل هدفن موجب اڳڀرائي رپورٽ باقاعدگي سان پيش ڪئي وڃي ۽ غيرقانوني تعميرن خطرناڪ عمارتن ۽ شهري سهولتن بابت حڪومتي پاليسي تي مؤثر نموني عمل ڪندي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ قانون جي بالادستي کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڇڏيا آهن ذريعن موجب، پي ٽي آءِ جي قيادت جي يو آءِ جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ۽ وفاقي حڪومت خلاف گڏيل احتجاج ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي پي ٽي آءِ جي ذريعن جو چوڻ آهي ته جمعيت علماءِ اسلام في الحال گڏيل احتجاج جي حمايت نه ڪئي آهي جي يو آءِ جو موقف آهي ته احتجاج کان اڳ ٻنهي پارٽين وچ ۾ مڪمل اعتماد بحال ٿيڻ ضروري آهي ذريعن موجب، پي ٽي آءِ ۽ جي يو آءِ جي قيادت وچ ۾ ايندڙ چونڊن لاءِ گڏيل حڪمت عملي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي جمعيت علماءِ اسلام خيبرپختونخوا جي ترجمان عبدالجليل جان چيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ جي سنجيده قيادت سامهون ايندي ته ڳالهيون اڳتي وڌنديون ڇو ته هينئر تائين اهو واضح ناهي ته پي ٽي آءِ جا فيصلا آخر ڪير ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ کي سندن خدشن کان آگاهه ڪيو ويو آهي ۽ کين پنهنجي سوشل ميڊيا کي ضابطي ۾ رکڻو پوندو هوڏانهن، پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا جي ترجمان شوڪت يوسفزئي ميڊيا سان ڳالهائيندي جي يو آءِ جي اڳواڻن سان ملاقاتن جي تصديق ڪئي شوڪت يوسفزئي چيو ته مولانا فضل الرحمان سان سندن ملاقاتون ٿي چڪيون آهن ۽ وفاقي حڪومت خلاف اتحادي تحريڪ هلائڻ بابت ٻنهي پارٽين ۾ هم آهنگي موجود آهي هن چيو ته ڪيترن ئي معاملن تي ٻئي پارٽيون اتفاق راءِ جي ويجهو پهچي چڪيون آهن

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

پوليس جو چوڻ آهي ته شهري ڦورن جي فائرنگ سبب حياتي وڃائي ويٺو تفصيل موجب جوڙيا بازار ميڊيسن مارڪيٽ پرسان فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو جنهن جو لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 45 ورهين جي آصف ولد حفيظ طور ٿي ايس ايڇ او کارادر پون ڪمار موجب واقعو ڦورن سان پوليس مقابلي دوران پيش آيو جنهن ۾ شهري ڦورن جي فائرنگ جي زد ۾ اچي مارجي ويو ايس ايڇ او ملو درياءِ خان ٻڌايو ته موٽرسائيڪل سوار ٻن ڦورن لائيٽ هائوس پرسان شهرين کان ڦر ڪئي جنهن دوران پوليس پارٽي پهچي وئي ۽ ڦورن جو پيڇو ڪيو ڦور کارادر ٿاڻي جي حدن ۾ داخل ٿيا، جتي پوليس سان فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي پوليس موجب ويجهو بيٺل سبزي فروش آصف ڦورن جي فائرنگ جي زد ۾ اچي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻئي ڦور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن جي ڳولا جاري آهي پوليس علائقي ۾ لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جڏهن ته مقتول آصف جوڙيا بازار جو رهواسي هو

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

رپورٽ موجب، 9 جولاءِ جو واقعو ڪوارچو جهيڙو نه هو پر ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي ڇڪتاڻ جو نتيجو هو جاچ ڪميٽي تشدد ۾ ملوث 10 شاگردن کي يونيورسٽي مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي آهي جن مان 5 شاگردن کي 6 مهينن ۽ ٻين 5 شاگردن کي 3 مهينن لاءِ خارج ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي جاچ رپورٽ ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سيڪيورٽي انتظامن ۽ نظم و ضبط تي پڻ سوال اٿاريا ويا آهن رپورٽ ۾ شاگرد تنظيمن لاءِ واضح ۽ گڏيل پاليسي جوڙڻ جي سفارش پڻ شامل ڪئي وئي آهي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

لاءِ شهر ۾ مڪمل شٽرڊائون هڙتال ريلي احتجاجي مظاهرو نعريبازي . 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽم . نيشنل هاءِ وي بند ڪرڻ جو چتاءُ رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي ڳوٺ عالم بلوچ جو رهواسي مشهور واپاري ۽ ٽرانسپورٽ اڳواڻ شڪيل بلوچ 10 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيو سندس بازيابي لاءِ شهر ۾ مڪمل شٽرڊائون هڙتال ڪئي وئي شهر جا اهم ڪاروباري مرڪز بند رهيا . عوامي ايڪشن ڪميٽي جمعيت علماءِ اسلام . شهري اتحاد سنڌي ادبي سنگت ۽ بلوچ برادري طرفان شهر جي شاهه عبداللطيف گيٽ کان پريس ڪلب تائين سوين ماڻهن ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن اسماعيل بلوچ . ڊاڪٽر جميل بلوچ . شهمير چنو . غلام مصطفيٰ ملڪ . ڪامريڊ محمد خان پنهور . اخلاق وريام . ڪامران غوري . مولانا ابوبڪر حقاني . مولانا راشد طيار .لال محمد بلوچ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٽنڊو آدم ۾ بدامني عروج تي آهي ڦورون ڏاڙا روز جو معمول بڻيل آهي ڏينهن ڏٺي نوجوان شڪيل بلوچ کي اغوا ڪيو ويو ۽ 10 ڏينهن گذرڻ باوجود به پوليس کيس بازياب ناهي ڪرائي سگهي جنهن ڪري سندس وارث سخت پريشان آهن . ۽ عوامي حلقن ۾ بي چيني پکڙيل آهي هنن چيو ته شڪيل جي اغوا کان پوءِ اسين مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر پوليس ۽ ٻيا ادارا خاموش بڻيل آهن هنن چيو ته لطيف سائين جي ميلي سبب مين روڊ تي ڌرڻو نه هنيو هئن حڪومت سنڌ . آءِ جي سنڌ . ڊي آئي جي شهيد بينظير ايس ايس پي سانگهڙ . سميت قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي اپيل ڪئي ته شڪيل بلوچ کي فوري طور تي باحفاظت بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هنن چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن 48 ڪلاڪن ۾ شڪيل بلوچ بازياب نه ٿيو نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

رهي برسات دوران ڪنوڻ ڪرڻ جي الڳ الڳ واقعن ۾ ٽي ٻڪريون ۽ هڪ اٺ مري ويا. مليل ڄاڻ موجب، ڳوٺ ڪاريو غلام شاهه ۾ ڪنوڻ ڪرڻ سبب ٽن ٻڪرين تي وڄ ڪري پئي، ٽيئي ٻڪريون مري ويون هڪ ٻي واقعي ۾ ڳوٺ منهدار پرسان راهو ميگهواڙ جي ٻني ۾ هر هلائيندڙ اٺ تي ڪنوڻ ڪري پئي، جنهن سبب اٺ پڻ مري ويو ٻڌايو پيو وڃي ته اٺ مالڪ برسات اچڻ سان ئي اٺ کان ٿورو مفاصلي تي وڃي رهيو هو ته مٿان ڪنوڻ ڪري پئي ضلعي ٿرپارڪر ۾ هلندڙ چوماسي جي برساتن ۾ وڄ ڪرڻ جي واقعن اضافو ٿي ويو آهي، جنهن سبب مارو ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي. گذريل ٻن ڏينهن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جا پندرهن جي لڳ ڀڳ واقعا رپورٽ ٿيا آهن جن ۾ ٽي ماڻهو 40 ٻڪريون، هڪ اٺ اجل جو شڪار ٿيا آهن جڏهن ته موسميات کاتي موجب هلندڙ برسات جو سلسلو 3 آگسٽ تائين پوري ضلعي ۾ جاري رهندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

عراقي شهرين تي ٿيندڙ حملو انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت آهي علامه صادق جعفري چيو ته سعودي عرب آمريڪا سان گڏجي بغير ڪنهن ثبوت يا شاهدن جي ڪربلا معليٰ تي حملو ڪيو جيڪو انسانيت ۽ اسلامي قدرن جي کليل ڀڃڪڙي آهي ايم ڊبليو ايم سنڌ جي صدر ڪاظم عباس چيو ته آمريڪا سعودي عرب کي سڌي ريت عرب ۽ اسلامي ملڪن خلاف پنهنجي جنگ ۾ شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي هن چيو ته سعودي عرب هزارين فلسطينين جي قاتل اسرائيل خلاف ڪڏهن به ڪارروائي ناهي ڪئي، پر هاڻي هڪ مسلمان ملڪ خلاف ڪارروائي ڪري ثابت ڪيو آهي ته هو اسرائيل جي دفاع لاءِ ڪنهن به مسلمان ملڪ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار آهي علامه مبشر حسن چيو ته مقدس شهر ڪربلا معليٰ تي اهڙي وقت بمباري ڪئي وئي، جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن مان ڪروڙين مسلمان حضرت امام حسين عليه السلام جي چهلم جي مذهبي تقريبن ۾ شرڪت لاءِ گڏ ٿيا هئا مجلس وحدت المسلمين چيو ته عرب ۽ ٻيا ڪيترائي مسلمان ملڪ آمريڪا ۽ اسرائيل سان دوستي نڀائي رهيا آهن جيڪا امت مسلمه جي مفادن جي ابتڙ آهي تنظيم مطالبو ڪيو ته زائرين ۽ بيگناهه شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اهڙين ڪارروائين جو عالمي سطح تي نوٽيس ورتو وڃي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

نينگري فوت ٿي وئي جڏهن ته ٻه ٻار زخمي ٿي پيا ريسڪيو اختيارين موجب فوت ٿيل نينگري جي سڃاڻپ 3 ورهين جي ڪلثوم ڌيءُ ولي رحمان طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين ۾ 5 ورهين جو عبيد پٽ ولي رحمان ۽ 10 ورهين جي صادقه ڌيءُ ولي رحمان شامل آهن ريسڪيو اختيارين موجب فوت ٿيل نينگري ۽ زخمي ٻار پاڻ ۾ سڳا ڀاءُ ڀيڻ آهن حادثي ۾ فوت ٿيل نينگري ۽ زخمي ٻارن کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ٽائون پينس ڪالوني بن قاسم گلشن ڪاٺون لانڍي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا.هن وقت تائين ڪنهن به قسم جي جاني يا مالي نقصان جي اطلاع ناهي ملي پاڪستان موسميات کاتي (PMD) موجب زلزلو 31 جولاءِ 2026ع تي شام 6 وڳي رڪارڊ ڪيو ويو زلزلي جي شدت 2.9 رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ان جي ڪوڙائي 10 ڪلوميٽر هئي زلزلي جو مرڪز ڪراچي ويجهو هو جنهن جا جاگرافيائي نقاط 24.80° اتر ويڪرائي ۽ 67.01° اوڀر ڊگهائي رڪارڊ ڪيا ويا اختيارين موجب صورتحال تي نظر رکي پئي وڃي جڏهن ته هن وقت تائين ڪنهن به هنگامي واقعي يا نقصان جي تصديق سامهون ناهي آئي جمعي جي شام شاهه لطيف ٽائون قائد آباد، پينس ڪالوني ملير ۽ شهر جي ٻين علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا، جنهن ڪري شهري خوف ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ ماڻهو پنهنجن گهرن آفيسن ۽ دڪانن مان ٻاهر نڪري آيا. پاڪستان جي موسمياتي کاتي (پي ايم ڊي) موجب زلزلي جي شدت 2.9 رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ان جي ڪوڙائي 10 ڪلوميٽر هئي شروعاتي رپورٽن موجب زلزلي سان ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جي اطلاع ناهي ملي ياد رهي ته ان کان اڳ به ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن جن ۾ ملير قائد آباد، پينس ڪالوني ۽ شاهه لطيف ٽائون شامل آهن جنهن جي ڪري ملير جيل مان قيدين جي فرار ٿيڻ جو واقعو پڻ پيش آيو آهي جنهن ۾ سوين قيدي فرار ٿي ويا آهن

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

شاندار ۽ پروقار آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ زون ٽئين جي عهديدارن مختلف ڪرڪيٽ ڪلبن جي نمائندن سينيئر رانديگرن آفيس بيئررن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن علي حسين کي سيڪريٽري چونڊجڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪيون ۽ سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو تقريب دوران زون ٽئين جي عهديدارن علي حسين کي گلن جا هار پارايا، گلدستا پيش ڪيا ۽ کيس سنڌ جي ثقافت جي علامت اجرڪ اوڍائي عزت ۽ احترام سان ڀليڪار ڪيو ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن يقين ڏياريو ته هو ڪراچي جي ڪرڪيٽ جي ترقي ۽ تنظيم جي بهتري لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندا. تقريب کي خطاب ڪندي علي حسين چيو ته ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي تمام جلد زون ٽئين جي ڪلبن لاءِ مشير رباني ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪندي، جنهن جي مڪمل اسپانسرشپ هو ذاتي طور تي ڪندو هن چيو ته زون ٽئين جي انڊر-15 ۽ انڊر-17 رانديگرن جا شفاف، منصفاڻا ۽ ميرٽ تي ٻڌل ٽرائل پڻ ورتا ويندا، جيئن ڪنهن به باصلاحيت رانديگر سان ناانصافي نه ٿئي هن وڌيڪ چيو ته ٽرائلز ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن جون ٽيمون جوڙي انهن جي وچ ۾ مقابلا ڪرايا ويندا، جنهن سان نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن کي وڌيڪ نکارڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا بهترين موقعا ملندا. علي حسين چيو ته ڪرڪيٽ جي ترقي ڪنهن هڪ فرد سان ممڪن ناهي پر ان لاءِ سڀني ڪلبن، عهديدارن، ڪوچن رانديگرن ۽ ڪرڪيٽ سان لاڳاپيل هر فرد کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو هن واضح ڪيو ته ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي زون ٽئين ۾ ون مين شو جي ڪا به گنجائش نه هوندي، بلڪه هر فيصلو گڏيل مشاورت، شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته سندن بنيادي مقصد ڪراچي جي ڪرڪيٽ کي نئين سجاڳي ڏيڻ نوجوان ٽيلنٽ جي همت افزائي ڪرڻ ڪلب ڪرڪيٽ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ اهڙا باصلاحيت رانديگر تيار ڪرڻ آهي جيڪي مستقبل ۾ فرسٽ ڪلاس، پاڪستان شاهينز ۽ قومي ٽيم ۾ جاءِ ٺاهي پاڪستان ۽ ڪراچي جو نالو عالمي سطح تي روشن ڪن آخر ۾ علي حسين سڀني ڪلبن عهديدارن، رانديگرن ۽ ڪرڪيٽ برادري جا ٿورا مڃيندي چيو ته سندن اعتماد، محبت ۽ سهڪار ئي سندس سڀ کان وڏي طاقت آهي، ۽ هو سڀني کي ساڻ وٺي بنا ڪنهن فرق جي ڪراچي جي ڪرڪيٽ جي ترقي ۽ بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻندو تقريب جي پڄاڻيءَ تي زون ٽئين جي عهديدارن، ڪلب نمائندن ۽ ميمبرن پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي علي حسين کي ٻيهر مبارڪون پيش ڪيون ۽ ان اميد جو اظهار ڪيو ته سندس متحرڪ قيادت هيٺ ڪراچي جي ڪرڪيٽ وڌيڪ منظم مضبوط ۽ ترقي يافته ٿيندي، جڏهن ته نوجوان رانديگرن کي اڳتي وڌڻ جا وڌيڪ ۽ بهتر موقعا فراهم ٿيندا.

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ پاڪ فوج جو هڪ ميجر شهيد ٿي ويو پاڪستان فوج جي ميڊيا ونگ (ISPR) پاران جاري ڪيل بيان موجب، سيڪيورٽي فورسز ’فتنة الخوارج‘ جي دهشتگردن جي موجودگيءَ بابت ڄاڻ ملڻ تي اتر وزيرستان جي علائقي رزمڪ ۾ هڪ آپريشن ڪيو ان دوران ٿيندڙ سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ۾، ميانوالي سان تعلق رکندڙ 34 سالن جي ميجر حافظ احسان الاهي بهادريءَ سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻي. آءِ ايس پي آر (ISPR)موجب ته شهيد ميجر هڪ بهادر آفيسر هو جيڪو پنهنجي دستن جي اڳواڻي اڳين محاذ تان ڪري رهيو هو بيان ۾ چيو ويو آهي ته آپريشن دوران مارجي ويل ”خوارج“ کان هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو اهي ماڻهو سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن، توڙي معصوم شهرين جي قتل ۾ ملوث هئا. آپريشن جي حوالي سان اهو ٻڌايو ويو ته علائقي ۾ موجود ڀارت جي حمايت يافته امڪاني دشمن عناصرن جي خاتمي لاءِ صفائي وارو آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر (ISPR)چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پرڏيهي سرپرستي واري دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رکندا، انهن بهادر فوجين جون قربانيون وطن جي دفاع جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون. هڪ ٻئي بيان ۾، آءِ ايس پي آر (ISPR)ٻڌايو ته بلوچستان جي نوشڪي ضلعي ۾ به انٽيليجنس جي بنياد تي هڪ آپريشن ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ’فتنة الهند‘ (Fitna-ul-Hind)سان تعلق رکندڙ ست دهشتگرد ۽ هڪ خودڪش بمبار مارجي ويا. بيان موجب، سيڪيورٽي فورسز 30 ۽ 31 جولاءِ جي رات انٽيليجنس رپورٽن جي بنياد تي بلوچستان جي نوشڪي ضلعي ۾ هڪ ڪامياب آپريشن ڪيو ۽ ’فتنة الهند‘ —جيڪو ڀارت جي سرپرستي ۾ هلندڙ هڪ گروپ آهي— جي ستن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر (ISPR)ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگردن ۾ هڪ خودڪش بمبار به شامل هو جڏهن ته آپريشن دوران دهشتگردن جي لڪڻ جي جاءِ (ٺڪاڻي) جي نشاندهي ٿيڻ تي سيڪيورٽي فورسز تيز ۽ انتهائي اثرائتي ڪارروائي ڪندي انهن سڀني ستن دهشتگردن کي ماري ڇڏيو بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته آپريشن دوران ان هنڌ تي ئي دهشتگردن جي هٿيارن، گولي بارود ۽ آءِ اي ڊيز (IEDs)جو وڏو ذخيرو پڻ تباهه ڪيو ويو ان کان علاوه اهو به ٻڌايو ويو ته علائقي ۾ هڪ ڪليئرنس ۽ سرچ آپريشن جاري آهي، جنهن جو مقصد ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم ڪنهن به ٻئي دهشتگرد کي ڳولي ڪڍڻ ۽ قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ آهي. آءِ ايس پي آر (ISPR)چيو آهي ته وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوري سان ”نيشنل ايڪشن پلان“ تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي دهشتگردي خلاف مهم ملڪ مان پرڏيهي سهڪار سان هلندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين مڪمل شدت ۽ بغير ڪنهن وقفي جي جاري رهندي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

فوري طور تي بحال ڪري ۽ اتي جي عوام جا آئيني ۽ جمهوري حق بحال ڪري. ڪشمير ميڊيا سروس موجب فاروق عبدالله سرينگر مان جاري ڪيل بيان ۾ 5 آگسٽ 2019ع تي والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪري علائقي کي ٻن مرڪزي انتظام هيٺ ورهائڻ واري فيصلي کي هڪ تاريخي غلطي قرار ڏنو هن چيو ته هڪ تاريخي رياست کي مرڪز جي انتظام هيٺ علائقي ۾ تبديل ڪرڻ ڀارت جي جمهوري تاريخ جو ڪارو باب آهي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

۾ ملاقات ڪئي پاڪستان نيوي پاران جاري ڪيل پريس ريليز موجب نيول هيڊ ڪوارٽرز پهچڻ تي چيف آف دي نيول اسٽاف معزز مهمانن جي آجيان ڪئي ملاقات دوران دفاعي سهڪار سميت ٻين گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات دوران پاڪ نيوي جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پاڪستان بيلاروس سان پنهنجي لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو وفد علائقائي ميري ٽائم سيڪيورٽي جي حوالي سان پاڪ نيوي جي ڪوششن ۽ عزم جي واکاڻ ڪئي ملاقات دوران ٻنهي ڌرين ٻه طرفن لاڳاپن جي موجوده دائري کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڇنڇر تي اي اين ايف جي ترجمان پاران جاري بيان مطابق ڪارروائين ۾ اسلام آباد ايئرپورٽ تي بحرين ويندڙ مسافر جي سامان ۾ اورون مان 5.038 ڪلوگرام آئس هٿ ڪئي وئي پشاور ايئرپورٽ تي جده ويندڙ مسافر جي سامان ۾ جذب 3.953 ڪلو آئس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو فيڊرل بي ايريا ڪراچي ڪوريئر آفيس ۾ اٽلي موڪلي ويندڙ پارسل ۾ ڊسپوزيبل ڪپ مان 1.34 ڪلو هيروئن هٿ ڪئي وئي راوي ٽول پلازه لاهور ويجهو گاڏي مان 36 ڪلو چرس، 600 گرام آفيم هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو تربت ڊسٽرڪٽ ڪيچ ويجهو گاڏي مان 45 ڪلو آفيم 9 ڪلو چرس، 9.45 ڪلو آئس هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو سپر هاءِ وي ڪراچي موٽر سائيڪل سوار جي قبضي مان 6 ڪلو چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو ويلج ابڙو ڊسٽرڪٽ سکر ويجهو جوابدار جي قبضي مان هڪ ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو ڪلفٽن ڪراچي پارڪ ويجهو جوابدار جي قبضي مان 950 گرام هيروئن هٿ ڪئي وئي ڪارروائين جو منشيات روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ جي شروعات ڪئي وئي آهي

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندي آئي آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم هاڻي ختم ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي ڪرائي تي ڪم ڪري رهي آهي سلمان عبدالله مراد چيو ته پاڪستان جو آئين صوبن جي قيام يا صوبائي حدن ۾ تبديلي جو واضح طريقه ڪار مقرر ڪري ٿو جڏهن ته ڪنهن به صوبي جي حدن ۾ تبديلي آئين جي آرٽيڪل 239(4) سان مشروط آهي هن چيو ته ڪنهن به صوبي جي ورهاست يا نون صوبن جي قيام لاءِ آئيني گهرجون پوريون ڪرڻ لازمي آهن جڏهن ته اهڙا غير آئيني مطالبا آئين کان انحراف ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي برابر آهن ڊپٽي ميئر چيو ته ايم ڪيو ايم هميشه قومي يڪجهتي ۽ وفاقي ڍانچي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي سنڌس چوڻ هو ته سنڌ ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي جاگير نه پر سڀني قومين جو گڏيل گهر آهي جتي رهندڙ سنڌي، اردو ڳالهائيندڙ پنجابي، پختون بلوچ، سرائڪي ۽ ٻيون سڀئي برادريون هن ڌرتيءَ جا برابر جا حصيدار آهن سلمان عبدالله مراد چيو ته لساني بنيادن تي ورهاست جي سياست نه ماضي ۾ ڪامياب ٿي آهي ۽ نه ئي مستقبل ۾ ڪامياب ٿيندي هن زور ڀريو ته ايم ڪيو ايم نئين صوبي جي غيرحقيقت پسندانه مطالبن بدران عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

ميئر ڊگهي جديد ڊبل ڪيريج وي منصوبي جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل جا ميمبر چونڊيل نمائندا ۽ علائقي واسين جو وڏو انگ پڻ موجود هو تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي ۾ جديد انفراسٽرڪچر بهتر رستن، پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي منصوبن تي تيزي سان ڪم جاري آهي ته جيئن شهرين کي معياري بلدياتي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ٻڌايو ته منصوبي تحت ٻنهي پاسن تي 10.25 ميٽر ويڪرا جديد روڊ تعمير ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪرب بلاڪس جديد ميڊين روڊ مارڪنگ، مؤثر ڊرينيج سسٽم ۽ ٻين بنيادي سهولتن سان منصوبو سئو سيڪڙو مڪمل ڪيو ويو آهي هن چيو ته هن منصوبي سان علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ شهرين کي محفوظ ۽ آرامده سفري سهولت حاصل ٿيندي ميئر ڪراچي ٻڌايو ته 8 ڪروڙ 68 لک 95 هزار 660 رپين جي لاڳت سان 700 ميٽر ڊگهي 48 انچ قطر واري واٽر سپلاءِ لائن جي بحالي وارو منصوبو پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي هن منصوبي تحت 16 ٽي ڪنيڪشن لڳايا ويا، لڳ ڀڳ 4 هزار ليڪيجز جي مرمت ڪئي وئي 2400 غيرقانوني پاڻي جا ڪنيڪشن ختم ڪيا ويا ۽ 54 گهٽين ۾ نيون 4 انچ قطر واريون واٽر سپلاءِ لائينون وڇايون ويون جنهن سان علائقي ۾ پاڻي جي فراهمي جي نظام ۾ نمايان بهتري ايندي هن وڌيڪ چيو ته منصوبي تحت 53 ڊبل آرم اسٽريٽ لائيٽون پڻ لڳايون ويون آهن جڏهن ته نيڪال واري نالي جي صفائي ۽ مؤثر ڊرينيج جا انتظام به ڪيا ويا آهن ته جيئن شهرين کي جديد ۽ پائيدار سهولتون ملي سگهن ميئر ڪراچي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوامي خدمت واري منشور موجب ڪراچي جي ترقي جو سفر تيزي سان جاري آهي ۽ جديد انفراسٽرڪچر معياري بلدياتي سهولتن جي فراهمي ۽ بنيادي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ماضي ۾ هتي ڪڏهن به اهڙي سڙڪ تعمير نه ڪئي وئي، مختلف سياسي پارٽيون آيون وڏا واعدا ڪيا، پر عملي ڪم نه ٿي سگهيو هن چيو ته ڪراچي مختلف قومين جو گلدستو آهي ۽ ان جي خوبصورتي برقرار رکڻ لاءِ سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو منگهوپير جي عوام جو پراڻو مسئلو پاڪستان پيپلز پارٽي حل ڪيو آهي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ بورڊ آف پيس تحت ٿيندڙ هاڪاري اڳڀرائي جي آجيان ڪري ٿو بيان موجب پاڪستان، آمريڪا، مصر قطر ۽ ترڪيه سميت ٽياڪڙي ڪندڙ ملڪن جي مسلسل سفارتي ڪوششن جي به تعريف ڪئي ۽ اميد رکي ٿو ته اها اڳڀرائي غزه امن منصوبي تحت ڪيل سمورن واعدن تي مڪمل عملدرآمد جي راهه همموار ڪندي بيان ۾ پاڪستان ان يقين جو اظهار ڪيو ته اهي ڪوششون قانوني، عالمي جواز ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل ٺهرائن موجب هڪ اعتماد جوڳي ۽ مقرره وقت تي ٻڌل سياسي عمل ذريعي فلسطيني عوام جي خوداراديت واري حق جي ناقابل تنسيخ حاصل ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿينديون بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته اهو سياسي عمل آخرڪار 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنيادن تي هڪ آزاد، خودمختيار جاگرافيائي طور ٻڌل ۽ عمل جوڳي فلسطيني رياست جي قيام تي ختم ٿيڻ گهرجي جنهن جي گادي وارو هنڌ القدس الشريف هجي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

2014 تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو هو سينيارٽي لسٽ ۾ ڇهين نمبر تي آهي جسٽس شاهد ڪريم گذريل ڪيترن ئي سالن کان سموگ ۽ ماحولياتي گدلاڻ بابت اهم ڪيسن جي ٻڌڻي ڪري رهيو آهي، جنهن دوران هن ڪيترائي اهم عدالتي حڪم پڻ جاري ڪيا آهن سندس رٽائرمينٽ کان پوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ججن جي خالي آسامين جو تعداد وڌي 21 ٿي ويندو

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

سگهندي ۽ کين اڳوڻي شرح موجب ئي پينشن ادا ڪئي ويندي. ذريعن موجب، دير جو بنيادي سبب اهو آهي ته پينشن ۾ واڌ بابت نوٽيفڪيشن ادائيگي کان رڳو ٻن ڏينهن اڳ، مطلب29 جولاءِ تي جاري ڪيو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته محدود وقت سبب بئنڪن لاءِ نئين شرح موجب ادائيگين جو ڊيٽا وقت سر اپڊيٽ ڪرڻ ممڪن نه ٿي سگهيو جيتوڻيڪ سيپٽمبر ۾ پينشنرز کي وڌايل پينشن بقايا رقم سميت ادا ڪئي ويندي ٻئي پاسي، ادائيگي ۾ دير ۽ حاضر سروس ملازمن جي ڀيٽ ۾ پينشنرز کي لاڳيتو گهٽ رليف ملڻ سبب پينشنرز ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙيل آهي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڌماڪي سبب قيمتي جاني نقصان تي چيئرمين پيپلز پارٽي جي بلاول ڀٽو زرداري جو ڏک جو اظهار پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪوئيٽا پرسان سورينج ڪوئلي جي فيلڊ ۾ پيش آيل المناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هن حادثي ۾ فوت ٿيل کاڻ مزدورن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته سورينج ڪوئلي جي فيلڊ جو هي المناڪ حادثو سڄي قوم کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي غفلت ثابت ٿئي ته ذميوارن کي قانون موجب جوابده بڻايو وڃي هن چيو ته ڪوئلي جي کاڻن ۾ حفاظتي قدمن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙن المناڪ حادثن کان بچي سگهجي بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته مزدورن جي جان ۽ مال جو تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

خان يونيورسٽي - انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊيولپمينٽ (AKU-IED) جمعي ڏينهن پنجن سالن جي هڪ مفاهمتي ياداشت (MoU) تي دستخط ڪيا جنهن جي ماليت 439 ملين رپين کان وڌيڪ آهي ته جيئن هڪ خاص تعليمي ضرورتن وارو (SEN) يونٽ قائم ڪيو وڃي ۽ سڄي سنڌ ۾ هڪ پائيدار ثبوتن تي ٻڌل شامليندڙ تعليمي نظام کي هٿي ڏني وڃي

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

ناڪام ڪوشش آهي هن چيو ته منعم ظفر پنهنجي ٽائونن ۾ جماعت اسلامي جي ناظمن جي ناقص ڪارڪردگي لڪائڻ لاءِ مسلسل پاڪستان پيپلز پارٽي تي الزام هڻي رهيو آهي عوامي مسئلن جو جواب ڏيڻ بدران هو هر روز نئين پريس ڪانفرنس ذريعي پنهنجي ذميوارين کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي سعديه جاويد چيو ته فارم 47 جو راڳ آلاپيندڙ دراصل پنهنجي ايندڙ سياسي شڪست صاف ڏسي چڪا آهن شڪست جي خوف کين اهڙي مرحلي تي پهچائي ڇڏيو آهي جتي هو پنهنجي سياسي ناڪامين ۽ عوامي حمايت ۾ لڳاتار گهٽتائي جو بار به پيپلز پارٽي تي وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هن چيو ته جماعت اسلامي کي گهرجي ته هو ٻهرين پنهنجي ٽائونن ۾ صفائي، ترقياتي ڪمن ۽ شهري سهولتن بابت پنهنجي ڪارڪردگي جو حساب ڏئي پوءِ ٻين تي تنقيد ڪري ڪراچي جا ماڻهو نعرن ۽ الزامن تي نه پر عملي ڪارڪردگي جي بنياد تي فيصلو ڪندا آهن ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته پنهنجي جماعت جي اندروني ڪمزورين ۽ ناقص ڪارڪردگي کي لڪائڻ لاءِ پيپلز پارٽي کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ پراڻي سياست آهي جنهن کي ڪراچي جا عوام ڪيترائي ڀيرا رد ڪري چڪا آهن هن وڌيڪ چيو ته شاهراهن کي بند ڪرڻ، احتجاج جي سياست ڪرڻ ۽ ميڊيا تي شور مچائڻ سان عوام جي راءِ تبديل نه ٿيندي ڪراچي جو عوام چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته شهر جي خدمت ڪير ڪري رهيو آهي ۽ ڪير صرف سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ۾ مصروف آهي سعديه جاويد چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت، ترقي ۽ استحڪام جي سياست تي يقين رکي ٿي، جڏهن ته بي بنياد الزامن ۽ منفي پروپيگنڊا ڪندڙن کي عوام هر چونڊ ۾ پنهنجو جواب ڏيندا رهندا

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

تي ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ 33 هزار 600 کان وڌيڪ اميدوار پنهنجي قسمت آزمائيندا. سکر آءِ بي اي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ موجب ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروس جي نگراني هيٺ ورتي ويندي. هن ٻڌايو ته اميدوارن ۾ 20 هزار 934 شاگردياڻيون ۽ 12 هزار 600 کان وڌيڪ شاگرد شامل آهن جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر سراج ميمڻ موجب سنڌ ۾ ميڊيڪل تعليم لاءِ مجموعي طور 5 هزار 100 سيٽون مختص آهن جن مان 2 هزار 300 ايم بي بي ايس ۽ 2 هزار 800 بي ڊي ايس لاءِ آهن جڏهن ته انهن ۾ سموريون ڪوٽا سيٽون پڻ شامل آهن. هن چيو ته هن ڀيري ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن جي ذميواري جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي کي سونپي وئي آهي. سکر آءِ بي اي موجب رڳو ڪراچي ۾ 10 هزار 661 اميدوار ٽيسٽ ڏيندا، جن ۾ 8 هزار 186 شاگردياڻيون ۽ 2 هزار 475 شاگرد شامل آهن حيدرآباد ۾ 9 هزار 470، لاڙڪاڻي ۾ 3 هزار 66، ميرپورخاص ۾ 2 هزار 67، شهيد بينظير آباد ۾ 2 هزار 511، سکر ۾ 5 هزار 462 اميدوار امتحان ۾ شرڪت ڪندا جڏهن ته اسلام آباد ۾ به هڪ امتحاني مرڪز قائم ڪيو ويو آهي جتي 300 اميدوار ٽيسٽ ڏيندا. ڪراچي ۾ امتحاني مرڪز اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ قائم ڪيو ويو آهي، جتي والدين لاءِ يونيورسٽي پرسان بينڪوئيٽ هال ۾ ويهڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي اميدوارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو صبح 6:30 وڳي امتحاني مرڪز تي پهچي وڃن جڏهن ته ٽيسٽ صبح 10 وڳي شروع ٿيندو ٽن ڪلاڪن تي مشتمل ايم سي ڪيوز تي ٻڌل امتحان 180 نمبرن جو هوندو ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 55 سيڪڙو ۽ ڊينٽل ڪاليجن لاءِ 50 سيڪڙو نمبر حاصل ڪرڻ لازمي هوندا. ٽيسٽ ۾ نيگيٽو مارڪنگ نه هوندي، پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ موجب ٽيسٽ مڪمل ٿيڻ بعد آنسر ڪي اپ لوڊ ڪئي ويندي، جڏهن ته شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اميدوارن کي ڪاربن ڪاپي سان گڏ سوالنامو حل ڪرڻ جي سهولت ڏني ويندي، جيڪا انهن وٽ رهندي، ايم ڊي ڪيٽ جا نتيجا 22 آگسٽ تائين جاري ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

ڪنهن به شخص کي سنڌ ۾ نون صوبن بابت ڳالهائڻ جو ڪو به حق حاصل ناهي هن چيو ته پنجاب جي ٻن وزيرن جي پريس ڪانفرنس مان لڳي ٿو ته هو ڪڏهن به سنڌ آيا ئي ناهن ۽ شايد مريم نواز جي ڏيڍي کان ٻاهر ناهن نڪتا هن چيو ته کين اها به خبر ناهي ته بندرگاهه صوبي جي حڪومت جي ملڪيت نه هوندي آهي سعيد غني چيو ته جيڪڏهن ڪراچي پورٽ جي حالت خراب آهي ته ان جي ذميوار وفاقي حڪومت آهي هن چيو ته اين آءِ سي وي ڊي دنيا جي وڏين دل جي اسپتالن مان هڪ آهي جتي گذريل سال 45 لک کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو جن ۾ پنجاب مان آيل هڪ لک 19 هزار مريض به شامل هئا، جن کي مفت علاج فراهم ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته گمبٽ اسپتال ۾ به پنجاب مان ڪيترائي مريض علاج لاءِ اچن ٿا، جنهن تي سنڌ حڪومت کي خوشي آهي سعيد غني چيو ته پنجاب جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي آبادي اڌ کان به گهٽ آهي پر سنڌ حڪومت گذريل مالي سال دوران 600 ارب رپين کان وڌيڪ روينيو گڏ ڪيو جڏهن ته پنجاب پنهنجي صوبي مان سنڌ کان لڳ ڀڳ 150 ارب رپيا گهٽ ٽيڪس گڏ ڪيو هن چيو ته سنڌ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ ۾ ملڪ جو اڳواڻ صوبو آهي پنجاب ته لک ماڻهن کي گهر ٺاهڻ لاءِ قرض ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته سنڌ حڪومت 21 لک ٻوڏ متاثر خاندانن کي گهر ٺاهي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ انهن گهرن جي مالڪي جا حق به رهواسين کي ڏئي رهي آهي سعيد غني چيو ته سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن کي نون صوبن جي ڪا ضرورت محسوس نٿي ٿئي هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن پنجاب جا ماڻهو نوان صوبا چاهين ٿا ته پيپلز پارٽي پنجاب جي عوام جي ان مطالبي جي حمايت ڪندي

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

وزيراعظم اسحاق ڊار پڻ موجود هئا، ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي صورتحال ۽ آزاد ڪشمير جي چونڊن جي معاملن تي به ڳالهايو ويو

155 ڏينهن جي ڇڪتاڻ: ايران ۽ آمريڪا ۾ طاقت جي نئين جنگ

فريد احمد

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جاري فوجي ڇڪتاڻ کي 155 ڏينهن گذري چڪا آهن، پر نه جنگ جي شدت گهٽجي آهي ۽ نه ئي سفارتي ڪوشش مان ڪا اهڙي اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جيڪا ڇڪتاڻ گهٽجڻ جي اميد ڏياري سگهي، ان جي ابتڙ، آمريڪي هٿيارن جا ذخيرا گهٽجڻ باوجود صدر ٽرمپ ايران تي نون حملن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. آمريڪي ميڊيا موجب آمريڪا ۽ اسرائيل ايران جي توانائي مرڪزن تي ٻيهر حملن جي تياري ڪري رهيا آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سفارتڪاريءَ بدران فوجي آپشن اڃا به اوليت بڻيل آهي.

ايران خطي ۾ آمريڪي اڏن تي درست نشانا ٻڌي حملا ڪرڻ ۽ آمريڪي جنگي جهازن ۽ ساز وسامان کي گهڻو نقصان پهچائڻ بعد واشنگٽن طرفان تل ابيب سان گڏجي ايران جي توانائي مرڪزن تي حملن جي منصوبابندي جون رپورٽون سامهو آيون آهن. جڏهن ته ايران به اهڙي صورتحال ۾ نئين رخ سان فوجي حڪمتِ عملي جوڙي رهيو آهي. جنهن ۾ جنگ کي رڳو سرحدن جي دفاع تائين محدود رکڻ بدران علائقي مان آمريڪي فوجين جي مڪمل نيڪالي واري رٿا تي ڪم ڪري رهيو آهي.

رائٽرز ۽ ٻين بين الاقوامي دفاعي تجزيه نگارن موجب، هاڻوڪي تڪرار جي اهم تبديلي اها آهي ته ٻنهي ڌرين جي ڪاميابي هاڻي رڳو حملن جي تعداد سان نه، پر ڊگهي مدي تائين جنگ جاري رکڻ جي صلاحيت، هٿيارن جي دستيابي ۽ اتحادي ملڪن جي حمايت سان ماپي پئي وڃي.

بين الاقوامي دفاعي ۽ معاشي تجزيه نگارن موجب موجوده تڪرار جو اصل مرڪز سامونڊي گذرگاهن تي ڪنٽرول ۽ توانائي جي رسدي تسلسل آهي. هرمز لنگهه، باب المندب، ڳاڙهو سمنڊ ۽ عدني نار رڳو سامونڊي رستا ناهن، پر دنيا جي تيل ۽ مائع قدرتي گئس (LNG) جي وڏي حصي جي آمدرفت جون اهم شاهراهون آهن. انهيءَ ڪري انهن مان ڪنهن هڪ گذرگاهه ۾ به ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ سان عالمي تيل مارڪيٽ، مال بردار جهازن جي بيمه، سامونڊي ڀاڙن ۽ درآمدي خرچن تي سڌو اثر پوي ٿو.

اهڙي پسمنظر ۾ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ٻين علائقائي ملڪن پاران سامونڊي آمدرفت جي تحفظ لاءِ گڏيل بحري سهڪار وڌائڻ جا قدم به سامهون آيا آهن. ٻئي طرف ايران واضح ڪري رهيو آهي ته جيڪڏهن هن جي قومي سلامتيءَ کي خطرو پيدا ٿيو ته هو هرمز لنگهه کي پنهنجي دفاعي حڪمتِ عملي جو حصو بڻائڻ کان به نه ڪيٻائيندو. ايراني سرڪاري ترجمانن جو چوڻ آهي ته سامونڊي شاهراهن ۾ پيدا ٿيندڙ بيچيني جو بنيادي سبب آمريڪي فوجي موجودگي ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ آهي. جيڪڏهن آمريڪا علائقائي مان نڪري وڃي ته ڇڪتاڻ ئي ختم ٿي وڃي.

ساڳئي وقت جنگ جو معاشي پاسو به وڌيڪ نمايان ٿيندو پيو وڃي. آمريڪا ايران سان لاڳاپيل ادارن ۽ نيٽ ورڪن تي پابندين جو دائرو وڌائي رهيو آهي، جڏهن ته تهران سفارتي محاذ تي به سرگرميءَ سان پنهنجو موقف پيش ڪري رهيو آهي. مصر جي دمياط بندرگاهه تي ٿيل ڊرون حملي کان پوءِ ايران الزام رد ڪندي ان کي اسرائيل جي "فالس فليگ" حڪمتِ عملي قرار ڏنو جڏهن ته بلغاريا کي به خبردار ڪيو ويو ته سندس فوجي سهولتون ايران خلاف استعمال نه ٿيڻ گهرجن.

رائٽرز، فنانشل ٽائيمز ۽ بين

عالمي معاشي مبصرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هرمز لنگهه ۽ باب المندب جهڙن سامونڊي رستن ۾ غيريقيني صورتحال برقرار رهي ته ان جا اثر صرف وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا، پر عالمي واپار، توانائي جي قيمتن ۽ ڪيترن ئي ملڪن جي معاشي بحالي تي به پئجي سگهن ٿا.

جنگ جي ميدان کان ٻاهر هڪ ٻي خاموش تبديلي به جاري آهي، جنهن کي بين الاقوامي دفاعي مبصر ايندڙ مرحلي لاءِ اهم قرار ڏئي رهيا آهن. رائٽرز ۽ ٻين عالمي رپورٽن موجب، شام ۾ سياسي تبديلين ۽ لبنان ۾ حزب الله تي وڌندڙ دٻاءَ کان پوءِ ايران پنهنجي علائقائي حڪمتِ عمليءَ جو مرڪز آهستي آهستي عراق ڏانهن منتقل ڪري رهيو آهي. عراق ۾ ايران سان ويجها هٿياربند گروهه ۽ يمن ۾ حوثين سان موجود رابطا تهران کي اهڙي صلاحيت ڏين ٿا، جو هو ڪنهن به امڪاني تڪرار کي هڪ ئي محاذ تائين محدود رکڻ بدران مختلف علائقن ۾ دٻاءَ ورهائي سگهي.

انهيءَ ڪري موجوده ڇڪتاڻ کي صرف آمريڪا ۽ ايران جي فوجي مقابلي طور ڏسڻ حقيقت جي مڪمل تصوير پيش نٿو ڪري. عالمي دفاعي ۽ سفارتي تجزيه نگارن موجب ٻنهي ڌرين جي اصل ڪوشش اها آهي ته مخالف کي رڳو فوجي نه، پر سياسي، معاشي ۽ نفسياتي دٻاءَ هيٺ به رکيو وڃي. هڪ طرف آمريڪا معاشي پابندين، فوجي موجودگي ۽ اتحادين ذريعي ايران جي گنجائش محدود ڪرڻ چاهي ٿو ته ٻئي طرف تهران سامونڊي گذرگاهن، علائقائي اتحادن ۽ ويڙهاڪ گروهن ذريعي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته جنگ جي قيمت صرف ايران نه، پر سڄي خطي کي ادا ڪرڻي پوندي.

موجوده تڪرار هاڻي رڳو حملن ۽ جوابي حملن جي دائري تائين محدود نه رهيو آهي، پر اهو سوال وڌيڪ اهم بڻجي ويو آهي ته ڇا واشنگٽن ۽ تهران وڌندڙ فوجي دٻاءَ کي ڪنهن سياسي رستي ڏانهن موڙي سگهن ٿا يا نه. جيڪڏهن ڇڪتاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪو ڪارگر سفارتي رستو نه نڪتو ته ان جا اثر رڳو جنگي محاذن تائين محدود نه رهندا، پر توانائي جي عالمي رسدي تسلسل، سامونڊي واپار، علائقائي معيشتن ۽ سياسي استحڪام تي به گهرا اثر پئجي سگهن ٿا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جنگين جو پائيدار خاتمو آخرڪار سياسي فيصلن ۽ ڳالهين ذريعي ئي ممڪن ٿيندو آهي، ۽ وچ اوڀر جي هن بحران کي به اهڙي ئي ڏاهپ واري فيصلي جي ضرورت آهي.





سنڌ جي وحدت جو سوال: نوان صوبا يا پراڻا مسئلا؟

محمد علي ناريجو

پاڪستان ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر نوان صوبا ناهڻ جو بحث تيز ٿي ويو آهي. دليل اهو ڏنو پيو وڃي ته وڏا صوبا آبادي، انتظامي پيچيدگين ۽ حڪمرانيءَ جي مسئلن سبب عوام تائين بهتر سهولتون پهچائڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. تنهنڪري ننڍا انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ سان ترقيءَ جو عمل تيز ٿي سگهي ٿو. پر سنڌ لاءِ هي بحث رڳو انتظامي ڍانچي جي تبديليءَ جو سوال ناهي، اهو تاريخ، سڃاڻپ، وسيلن، سياسي اعتماد ۽ وحدت سان لاڳاپيل هڪ حساس معاملو آهي.

سنڌ جو ماڻهو جڏهن "نون صوبن" جي ڳالهه ٻڌي ٿو ته سندس ذهن ۾ پهريون سوال انتظامي سهولت جو نه، پر پنهنجي تاريخي سڃاڻپ جو اڀري ٿو. سنڌ هزارين سالن جي تهذيب، ٻولي ۽ ثقافت تي ٻڌل هڪ الڳ سڃاڻپ رکندڙ خطو آهي. سنڌ 1936ع ۾ بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ٿي پنهنجي صوبائي حيثيت حاصل ڪئي، جڏهن ته پاڪستان ناهڻ واري جدوجهد دوران به سنڌ جي سياسي حيثيت ۽ خودمختياري اهم سوال رهيا. سنڌ جي ماڻهن جي وڏي حصي لاءِ سنڌ صوبو رڳو انتظامي نقشو نه، پر تاريخي سڃاڻپ ۽ ثقافتي ورثي سان ڳنڍيل هڪ وحدت آهي.

نون صوبن جي حامين جو موقف آهي ته موجوده انتظامي ڍانچو جديد دور جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي، سندن چوڻ آهي ته ننڍا صوبا يا انتظامي يونٽ عوامي مسئلن کي وڌيڪ تيزيءَ سان حل ڪري سگهن ٿا، ترقياتي فنڊن جي ورڇ بهتر ٿي سگهي ٿي ۽ حڪمراني وڌيڪ موثر بڻجي سگهي ٿي. اهو دليل پنهنجي جاءِ تي بحث طلب آهي، پر سنڌ اندر بنيادي سوال اهو اٿاريو وڃي ٿو ته ڇا مسئلو واقعي صوبي جي سائيز آهي يا حڪمرانيءَ جي معيار جو؟

جيڪڏهن وڏا صوبا مسئلو آهن ته پوءِ مضبوط مقامي حڪومتن جو نظام ڇو نه قائم ڪيو وڃي؟ جيڪڏهن عوام تائين سهولتون نٿيون پهچن ته پوءِ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ تي مڪمل عمل ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ سنڌ سميت ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ اهو سوال موجود آهي ته رڳو انتظامي حدون تبديل ڪرڻ سان ڇا ادارن جي ڪمزوري، ڪرپشن، سياسي مداخلت ۽ ناقص حڪمراني جا مسئلا حل ٿي ويندا؟

سنڌ اندر نون صوبن جي بحث تي سڀ کان وڏو خدشو ڪراچي بابت آهي. ڪراچي رڳو هڪ شهر ناهي، اهو سنڌ جو تاريخي شهر ۽ پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي. سنڌي ماڻهن جو موقف آهي ته ڪراچي جي ترقي، بهتر انتظام ۽ جديد شهري نظام جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر ان مقصد لاءِ اهڙو رستو اختيار نه ڪيو وڃي، جيڪو سنڌ جي تاريخي تعلق ۽ وحدت کي متاثر ڪري. سوشل ميڊيا توڙي مکيه ڌارا جي ميڊيا تي سنڌ جا ماڻهو نون صوبن جي معاملي تي ٻريا وتن ٿا، هو ان معاملي تي بحث ڪرڻ کي ناپسند ڪن ٿا، جڏهن ته ڪيترائي دانشور، سياستدان ڪليءَ ريت دليلن سان پنهنجو موقف پيش ڪندا رهن ٿا.

جن مان سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي جو موقف به ان ئي خدشي جي نمائندگي ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي ته ملڪ جي هر مسئلي جو حل نوان صوبا ناهڻ قرار ڏيڻ درست ناهي. جيڪڏهن ملڪ ۾ معاشي بحران، پاڻيءَ جو مسئلو، بيروزگاري، امن امان يا حڪمرانيءَ جا مسئلا آهن ته انهن جو حل ادارن جي سڌاري ۽ بهتر پاليسين ۾ ڳولڻ گهرجي، نه ڪي رڳو نوان نقشا ناهڻ ۾.

ٻئي طرف، صحافي مظهر عباس جهڙا تجزيه نگار اهو سوال اٿارين ٿا ته جيڪڏهن نظام ناڪام آهي ته ان جي ناڪاميءَ جا سبب به واضح ٿيڻ گهرجن. پاڪستان ۾ جمهوري ادارن، مڪاني حڪومتن ۽ اختيارن جي منتقليءَ جو عمل بار بار متاثر ٿيو آهي. جيڪڏهن 18هين آئيني ترميم جي روح مطابق اختيار حقيقي معنيٰ ۾ هيٺين سطح تائين منتقل ٿين ها ته شايد نون صوبن جي ضرورت بابت بحث ايترو شدت سان سامهون نه اچي ها. اصل معاملو اهو آهي ته پاڪستان ۾ صوبن جي تعداد کان وڌيڪ اهم سوال ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو آهي. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ننڍا انتظامي يونٽ موجود آهن. پر اتي ادارا مضبوط، قانون جي بالادستي قائم ۽ عوامي احتساب جو نظام موثر هوندو آهي. رڳو انتظامي ورهاست ڪنهن به ملڪ کي ترقي يافته نٿي بڻائي سگهي.

سنڌ جي تاريخ به اهو سبق ڏئي ٿي ته انتظامي تبديليون جيڪڏهن عوامي اعتماد کانسواءِ ڪيون وڃن ته اهي نوان تڪرار پيدا ڪري سگهن ٿيون. ون يونٽ جو تجربو اڃا تائين سنڌ جي سياسي شعور ۾ موجود آهي، جنهن سنڌ اندر پنهنجي سڃاڻپ ۽ حقن بابت حساسيت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو.

اها به حقيقت آهي ته سنڌ کي بهتر حڪمراني، مضبوط مڪاني ادارن، ترقي يافته شهرن ۽ موثر انتظامي نظام جي ضرورت آهي. پر سنڌ جي وڏي حصي جو موقف اهو آهي ته اهڙيون تبديليون عوامي اعتماد، آئيني طريقيڪار ۽ تاريخي حقيقتن کي نظرانداز ڪري نه ڪيون وڃن. ڇاڪاڻ ته انتظامي فيصلا رڳو نقشن جي تبديلي نه، پر ماڻهن جي سڃاڻپ، احساسن ۽ سياسي اعتماد سان به لاڳاپيل هوندا آهن. سنڌ جي وحدت جو سوال ڪنهن هڪ سياسي جماعت يا گروهه جو سوال ناهي، اهو سنڌ جي عوام جي احساسن سان ڳنڍيل سوال آهي. سنڌي ماڻهو ترقي ۽ انتظامي سڌارن جا مخالف ناهن، پر هو اهو ضرور چاهين ٿا ته ڪنهن به تبديليءَ جو مقصد عوامي سهولت هجي، نه ته ڪنهن تاريخي وحدت، سياسي حقن يا وسيلن جي توازن کي متاثر ڪرڻ.

نون صوبن جي قيام ۽ موجوده نظام جي ڪمزورين بابت بيان ڏيڻ تي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي تي تنقيد ٿي رهي آهي. نقادن جو چوڻ آهي ته محسن نقوي پاڻ به ان ئي سياسي ۽ انتظامي ڍانچي جو حصو آهي، جنهن جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ عوامي نمائندگيءَ تي ڊگهي عرصي کان سوال اٿاريا ويندا رهيا آهن. تنقيد ڪندڙن جو موقف آهي ته جن ڌرين کيس چونڊيل عوامي مينڊيٽ کان سواءِ اهم ذميواريون ڏنيون، اهي ئي ڌريون ملڪ جي سياسي نظام ۾ ڊگهي عرصي کان اثرانداز ٿينديون رهيون آهن. ان ڪري سندن خيال آهي ته موجوده نظام جي بنيادي تبديلين بابت ڳالهائڻ کان اڳ ان نظام جي ڪمزورين، عوامي اعتماد ۽ جمهوري عمل کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي.

سنڌ لاءِ اصل سوال اهو آهي ته ڇا موجوده مسئلن جو حل انتظامي ورهاست ۾ آهي يا بهتر حڪمرانيءَ ۾؟ ڇاڪاڻ ته مضبوط ادارن ڪانسواءِ نوان صوبا به پراڻن مسئلن جو نئون نالو بڻجي سگهن ٿا. اصل تبديلي رڳو انتظامي نقشي ۾ نه، پر انهن ادارن جي مضبوطيءَ ۾ آهي، جيڪي عوام کي انصاف، ترقي ۽ جوابده حڪمراني فراهم ڪري سگهن.

ملي جي ڳوٺ رائلو رند ۾ زرعي زمين تي مبينا قبضي تان جهيڙو، 15 ڄڻا زخمي

ڦوٽو ڀيل جي مائٽياڻي ٻني نمبر 51 تي جهيڙو ٿي پيو، بندوق ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال

فائرنگ ۽ ڪهاڙين جي ڌڪن ۾ ڦوٽو ڀيل ولد منو، پرتاب ولد ڦوٽو ڀيل، مهرو ولد ڦوٽو، پورو ولد ڏاهو ۽ ٻيا زخمي

جهيڙي واري ٻني اسان جي مائٽياڻي ملڪيت آهي جنهن تي رمضان ۽ ٻيا قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، حملو پڻ ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ملي: ڳوٺ رائلو رند ۾ زرعي زمين تي مبينا قبضي تان جهيڙو، 15 ڄڻا زخمي

ملي (ڊ-ر) ملي جي ڳوٺ رائلو رند ۾ زرعي زمين تي مبينا قبضي تان جهيڙو، بندوق ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال جهيڙي ۾ فائرنگ ۽ ڪهاڙين جي ڌڪن ۾ ڦوٽو ڀيل ولد منو پرتاب ولد ڦوٽو ڀيل، مهرو ولد ڦوٽو پورو ولد ڏاهو نگجي ولد ڏاهو لاکو ولد وشنو ليمون ولد سومان گلاب ولد پاڻو ورجو زال لاکو پاڳان زال ڏاهو ڀيل سخت زخمي ٿي پيا. واقعو صبح سوير ڦوٽو ڀيل جي مائٽياڻي ٻني نمبر 51 تي پيش آيو جيڪا هنن پوکائي ڇڏي هئي زخمين کي ڪٺائي سول اسپتال ملي پهچايو ويو جتي سندس علاج هلندڙ آهي حملي ۾ زخمين مردن توڙي عورتن ڦر پريس ڪلب ملي تي اچي ظلم خلاف احتجاج ڪيو احتجاج ڪندي مهرو ۽ ڦوٽون صحافين کي ٻڌايو ته جهيڙي واري ٻني اسان جي مائٽياڻي ملڪيت آهي جنهن تي رمضان ولد صاحب رند، نور محمد عرف نورو رند ولد صاحب رند، شنڪر ولد جاسون ڀيل، گينون ولد جاسون جيرام ولد سيمپو هريش ولد سيمپو اسان جي پوکيل ٻني تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جيڪي نور محمد عرف نورو رند ولد صاحب خان ۽ رمضان رند جي هٿ چڙهِ تي اسان تي قاتلاڻو حملو ڪيو جڏهن ته نور محمد عرف نورو رند اسان جي مردن عورتن تي بندوق سان سڌا فائر ڪيا جنهن ۾ اسان جون عورتون ورجو ۽ پاڳان سخت زخمي ٿيون آهن جڏهن ته ٻين جي لٺين ڪهاڙين جي ڌڪن ۾ اسان جا ماڻهو سخت زخمي ٿيا پڻ ٿيا آهن انهن ٻڌايو ته اسان تي قاتلاڻي حملي جا مک جوابدار نور محمد عرف نورو رند ۽ رمضان رند آهن جڏهن ته گينو ولد جاسون پوليس محڪمي جو اهلڪار هئڻ ڪري اسان کي هيسائي مارڻ چاهي ٿو جيڪو ڊيوٽي تي به نه ٿو وڃي جڏهن ته انهن سان گڏ ٻيا ٻه ٽي ٻڌل نا معلوم پڻ شامل هئا جيڪي اسان مان ڪنهن به نه سڃاتا. اسان پورهيت ماڻهو پنهنجي محنت مزدوري ڪري پيٽ پاليندا آهيون وڏيرا اسان جي ٻني تي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا اسان وزيراعلي سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر سميت سمورن چونڊيل نمائندن کان مطالبو ٿا ڪريون ته مهرباني ڪري اسان تي قاتلاڻو حملو ڪندڙن فائرنگ ڪندڙن ۽ ڪهاڙيون وسائيندڙن خلاف سخت قانوني قدم کڻي انهن کي فوراً گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٻئي پاسي ڳوٺ ۾ ڇتي فائرنگ سبب خوف ۽ هيراس ڇانيل آهي واقعي جو ملي ٿاڻي تي اطلاع ڏئي درخواست ڏني وئي آهي

شيعا علماء ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو اهم اجلاس

اجلاس ۾ چهلم امام حسين عليه اسلام جي حوالي سان مشاورت

العطش جي حوالي سان ملي پاڻي جا نلڪا هينڊ پمپ لڳائڻ جي حوالي سان به ڳالهيون

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شيعا علماء ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو اهم اجلاس ضلع صدر زوار صابر حسين وڏو جي اڳوائي ۾ ٿي گذريو تفصيل موجب شيعا علماء ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو اهم اجلاس پنجتني مسجد ۾ ٿي گذريو جتي اجلاس جي ڪاروائي ضلع جي جنرل سيڪريٽري مختيار علي مگسي هلائي جتي ضلع جي سڀني عهديدارن سميت ضلع جي سڀني تعلقن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ چهلم امام حسين عليه اسلام جي حوالي سان مشاورت ڪئي وئي ۽ قائد ملت جعفريه سيد ساجد علي نقوي جي زير سرپرستي ۾ زهراء اڪيڊمي ڪراچي جي طرفان ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي مختلف تعلقن ۾ هلندڙ العطش جي حوالي سان ملي پاڻي جا نلڪا هينڊ پمپ لڳائڻ جي حوالي سان به ڳالهه ٻول ٿي گذري جنهن موقعي تي سيد رياض شاهه، محمد ملوڪ لغاري، خادم حسين جاگيراڻي، ڊاڪٽر محمد شريف پني، طارق حسين چانڊيو سجاد حسين لاشاري، خادم حسين چانڊيو ڪاظم رضا ڪاظم ظهير قريشي، مرزا خان ڪرل ذوالفقار علي ميرجت، حبيب الله لاشاري، عاشق حسين جوڻيجو دلدار علي جتوئي، سجاد علي سميت ٻين تنظيمي عهديدارن شرڪت ڪيو

شهدادڪوٽ: شيعا علماء ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو اهم اجلاس

ڪنڊڙو جو سينيئر صحافي شير محمد شاهين لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڊڙو (ن ع) ڪنڊڙو جو سينيئر صحافي، پريس ڪلب ڪنڊڙو جو اڳوڻو صدر شير محمد شاهين ڊگهي عرصي کان بيمار رهڻ بعد 70 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندن وفات جي خبر پوڻ بعد صحافتي، سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، ادبي ۽ مذهبي شخصيتن سان گڏ صحافين استادن شهرين ۽ مختلف طبقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي ۾ شريڪ ماڻهن مرحوم جي صحافتي، تعليمي ۽ سماجي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته شير محمد شاهين سڄي زندگي صحافت کي سچائي ايمانداري ۽ بيباڪي سان نڀايو ۽ ڪيترن ئي نوجوان صحافين جي رهنمائي ڪئي هوڏانهن پريس ڪلب ڪنڊڙو رجسٽرڊ پاران سينيئر صحافي شير محمد شاهين جي وفات تي ٽن ڏينهن جي سوگ جو اعلان ڪيو ويو آهي

ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پڻو جو وڏو ڀاءُ وفات ڪري ويو

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي سنڌي ٻولي جي نالي واري اديب، شاعر ۽ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پڻو عبدالباسط پڻو ۽ عبدالواجد پڻو جو وڏو ڀاءُ ۽ استاد نصرالله پڻو جو ڀائيجو عبدالقيوم پڻو 56 ورهين جي ڄمار ۾ گردن جي تڪليف سبب گمبٽ اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جو مڙهه ايمبولينس ذريعي سندس اباڻي ڳوٺ ماڇيلو مومل جي ماڙي پهچايو ويو جتي سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ علمي، ادبي، سماجي، سياسي، صحافتي ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ادا ڪرڻ کان

ڏهرڪي پرسان ڳوٺ جيئو ڪلوئي جي رهواسي جو احتجاج

پٽ هريش پنهنجي ماسات جي ڌيءَ شريمتي شنا سان شادي ڪري اسلام قبول ڪيو: امتيو

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي پرسان ڳوٺ جيئو ڪلوئي جي رهواسي پنهنجي پٽ ۽ ٽنهن جي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ پاڻ کي جان جا خطرا لاحق هجڻ جو الزام لڳائيندي ڏهرڪي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي ڳوٺ جيئو ڪلوئي جي رهواسي امتيو ولد بيڪو ميگهواڙ الزام هنيو ته سندس پٽ

آهي جڏهن ته اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ هاڻي سندس انهن سان ڪو به تعلق نه رهيو آهي ان جي باوجود ڳوٺ 190 جي رهواسين پيو ميگهواڙ لالو ميگهواڙ ۽ رامچند عرف فوجي ميگهواڙ پاران ڪيس سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن چيو ته لاڳيتين ڌمڪين سبب هو پاڻ کي

منگهوپير ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين پاران اهم اجلاس

اجلاس ۾ عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي نڪرندڙ جلوسن بابت ويچار

لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ مؤثر رابطي بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي صدارت هيٺ جو هڪ اهم ۽ خصوصي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ ميونسپل ڪمشنر آغا خليق، وائس چيئرمين رانا محمد عارف، ڪائونسل جا معزز ميمبر ٽائون جا لاڳاپيل آفيسر سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جا نمائندا، ٽريفڪ پوليس، پوليس آفيس ريسڪيو ادارن جا نمائندا ۽ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ نامور علماء ڪرام شرڪت ڪئي اجلاس ۾ عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي نڪرندڙ جلوسن، ميلاد جي محفلن، مذهبي اجتماعن صفائي سٿرائي، سيڪيورٽي، ٽريفڪ جي رواني، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ، سخت گرمي سبب شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ مؤثر رابطي بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ جامع لائحه عمل تيار ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته عيد ميلاد النبي صہ مسلمانن لاءِ عقيدت، محبت ۽ احترام جو عظيم ڏينهن آهي، تنهنڪري منگهوپير ٽائون جي حدن اندر ٿيندڙ سڀني جلوسن ۽ مذهبي پروگرامن لاءِ بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ذميواري آهي هن سڀني لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ ۾ مڪمل رابطي سان پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ پيشه ورانه انداز ۾ نڀائين ته جيئن عوام کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي چيئرمين ٽائون جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جلوسن جي رستن مسجدن ميلاد جي هنڌن ۽ اهم شاهراهن تي صفائي جا غير معمولي انتظام ڪيا وڃن ڪچرو بروقت هٽايو وڃي نالن ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي روڊ صاف رکيا وڃن ۽ اسٽريٽ لائيٽن کي مڪمل طور فعال بڻايو وڃي هن سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي پڻ هدايت ڪئي ته اضافي مشينري، گاڏيون ۽ صفائي وارو عملو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن جلوسن کان اڳ، دوران ۽ بعد ۾ صفائي جو عمل بنا رڪاوٽ جاري رهي سخت گرمي کي نظر ۾ رکندي چيئرمين هدايت ڪئي ته جلوسن جي رستن تي ۽ اهم هنڌن تي ٿڌي پيئڻ جي پاڻي، واٽر ڪولرن ۽ رليف ڪيمپن جو انتظام ڪيو وڃي ته جيئن شرڪت ڪندڙن رضاڪارن ۽ شهرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪري سگهجي اجلاس ۾ پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس آفيسرن سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ پلان بابت بريفنگ ڏني ۽ يقين ڏياريو ته امن امان برقرار رکڻ ٽريفڪ جي رواني ۽ شهرين جي سهولت لاءِ سڀ ضروري قدم کنيا ويندا سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن پڻ پنهنجي تيارين بابت آگاهي ڏني ۽ مڪمل هم آهنگي سان پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو اجلاس دوران مختلف مڪتبه فڪر جي علماء ڪرام مذهبي هم آهنگي امن پائيداري ۽ باهمي احترام کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو ۽ انتظاميه سان مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي اجلاس جي پڄاڻي تي سڀني شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته عيد ميلاد النبي صہ جي موقعي تي منگهوپير ٽائون ۾ امن صفائي فول پروف سيڪيورٽي، بهترين ٽريفڪ انتظام ۽ شهري سهولتن جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي ويندي

ڪراچي: منگهوپير ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين پاران اهم اجلاس

ٽنڊو محمد خان ۾ شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي انتظامن بابت اجلاس

سيڪيورٽي سخت ڪرڻ ۽ ٽريفڪ صفائي سٿرائي جي انتظامن جو جائزو

ماتمي جلوسن جي فول پروف سيڪيورٽي ڪئي ويندي ۽ رينجرز کي الرٽ ڪيو ويندو: ايس ايس پي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ شهداءِ ڪربلا جي چاليهي جي حوالي سان ڊي سي ڊرسومل پاواڻي ۽ ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ چاليهي جي جلوسن، مجلسن جي سيڪيورٽي سخت ڪرڻ ۽ ٽريفڪ صفائي سٿرائي جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو، ان موقعي تي اجلاس دوران ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ پاران ماتمي جلوسن جي فول پروف سخت سيڪيورٽي ڪري پوليس، رينجرز کي الرٽ ڪيو ويندو هنن چيو ته شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت چيڪنگ ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ۽ ماتمي جلوسن، مجلسن جي جديد سي سي ٽي وي ڪيمرا ذريعي مانيٽرنگ ڪئي ويندي ۽ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي ان موقعي تي اجلاس ۾ مختلف مڪتبي فڪر جي علمائن شرڪت ڪئي

پيپلز پارٽي جي ايم اين اي مهرين ڀٽو پاران وارڊ نمبر 5 ۾ آر او فلٽر پلانٽ جو افتتاح

سنڌ اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائي عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا آهن: مهرين ڀٽو

راڻي پور شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي مسلسل کوٽ کي نظر ۾ رکندي آر او فلٽر پلانٽ قائم ڪيو ويو آهي

عوام 16 تاريخ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان قيادت کي ووٽ ڏئي ڪامياب بڻائين ته جيئن ترقي جو سفر جاري رهي

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) راڻي پور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي مهرين ڀٽو پاران وارڊ نمبر 5 ۾ عوام کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ قائم ڪيل آر او فلٽر پلانٽ جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو افتتاحي تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن چونڊيل نمائندن علائقي جي معززن رهواسين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي مهرين ڀٽو چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت تي يقين رکندڙ جماعت رهي آهي ۽ سنڌ اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائي عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا آهن هن چيو ته سندن مقصد عوام کي بهتر کان بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي جنهن تحت راڻي پور ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ کي نظر ۾ رکندي آر او فلٽر پلانٽ قائم ڪيو ويو آهي جيڪو علائقي واسين لاءِ وڏي سهولت ثابت ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته هن علائقي ۾ آر او فلٽر پلانٽ جي سخت ضرورت هئي جيڪا هاڻي پوري ڪئي وئي آهي سندس چوڻ هو ته تڪ پي ايس-30 ۾ لڳ ڀڳ پنج ڪروڙ رپين جا رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن جن ۾ پيور بلاڪ، آر او فلٽر پلانٽ، روڊن ۽ ٻين عوامي ڀلائي جي منصوبن کي مڪمل ڪيو ويو آهي مهرين ڀٽو خطاب دوران پي ايس-30 جي ضمني چونڊن جو ذڪر ڪندي عوام خاص طور نوجوانن کي اپيل ڪئي ته هو 16 تاريخ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان قيادت کي ووٽ ڏئي ڪامياب بڻائين ته جيئن ترقي ۽ عوامي خدمت جو سفر جاري رهي

سوڀوديرو: پيپلز پارٽي جي ايم اين اي مهرين ڀٽو پاران وارڊ نمبر 5 ۾ آر او فلٽر پلانٽ جو افتتاح

ان موقعي تي وارڊ نمبر 5 جي ڪائونسلر مريد عباس سولنگي مهمانن کي اجياڻو پيش ڪيو جڏهن ته روايتي سنڌي ثقافت موجب ايم اين اي مهرين ڀٽو ۽ ٻين مهمانن کي اجرڪون اوڍائي عزت افزائي ڪئي وئي تقريب خوشگوار ماحول ۾ منعقد ٿي جتي شرڪت ڪندڙن آر او فلٽر پلانٽ جي قيام کي علائقي لاءِ اهم ۽ ساراهه جوڳو قدم قرار ڏنو

ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جو قادرپور شينڪ بند جو دورو

دورو ڪري جاري حفاظتي انتظامن ۽ مرمتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو

حفاظتي پٿرن جي لڳائڻ ۽ بند کي مضبوط ڪرڻ وارو ڪم انتهائي اهميت رکي ٿو: ڪمشنر

گهوٽڪي (ن ع) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد سان گڏ سنڌو درياءَ جي انتهائي حساس حفاظتي بند قادرپور شينڪ بند جو دورو ڪري جاري حفاظتي انتظامن ۽ مرمتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ڪمشنر عابد سليم قريشي چيو ته قادرپور شينڪ بند تاريخي لحاظ کان انتهائي حساس هنڌ آهي تنهن ڪري حفاظتي پٿرن جي لڳائڻ ۽ بند کي مضبوط ڪرڻ وارو ڪم انتهائي اهميت رکي ٿو جنهن جي بروقت تڪميل هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي هن ٻڌايو ته هن وقت سنڌو درياءَ ۾ ٻوڏ جي صورتحال مڪمل طور اطمينان جوڳي آهي ۽ پاڻيءَ جو وهڪرو خطري واري سطح کان گهڻو هيٺ آهي گڊو ڊائون اسٽريم وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو لڳ ڀڳ ساڍا ٽي لک ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري في الحال پريشاني جي ڪا به ڳالهه ناهي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته فنڊن جي منظوري باوجود قادرپور شينڪ بند جي مرمتي ڪم ۾ دير ٿي جڏهن ته عالمي معاشي حالتن سبب ڪجهه ترقياتي منصوبن جي رفتار متاثر ٿيڻ جو امڪان به موجود آهي تنهن هوندي به سنڌ حڪومت سمورن ترقياتي منصوبن کي بروقت مڪمل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي هن ڊائريڪٽر سيڊا عديل احمد سومرو ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر انور علي سومرو کي هدايت ڪئي ته قادرپور شينڪ بند سميت ضلعي جي سڀني حفاظتي بندن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي، حفاظتي انتظام وڌيڪ مؤثر بڻايا وڃن ۽ ڪنهن به امڪاني هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل ادارا مڪمل طور الرٽ رهن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد چيو ته ضلعي انتظاميا سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جي وهڪري تي مسلسل نظر رکي رهي آهي هن وقت ٻوڏ جو ڪو به خطرو ناهي، پر ڪنهن به امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀئي لاڳاپيل ادارا الرٽ آهن ۽ اڳواٽ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن دوري دوران ڊي ايڇ او گهوٽڪي ڊاڪٽر راڻو آفتاب، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ عارف عباسي، مختيارڪار شاهد حسين دايو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

گهوٽڪي: ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جو قادرپور شينڪ بند جو دورو

چوهڙجمالي شهر ۾ بيٽرين ۽ سولر پليٽن جي چوري جون وارداتون وڌي ويون

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي شهر ۾ بيٽرين ۽ سولر پليٽن جي چوريءَ جون وارداتون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پيون وڃن. گذريل هڪ هفتي دوران شهر جي مختلف علائقن مان بيٽرين ۽ سولر پليٽن جي چوريءَ جون ڏهه کان وڌيڪ وارداتون پيش آيون آهن، جنهن سبب شهرين ۾ سخت خوف ۽ بيچيني جي لهر ڇانيل آهي. شهرين موجب واقعن بابت بار بار مقامي پوليس ٿاڻي تي رپورٽون داخل ڪرايون ويون آهن، پر اڃا تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب شهرين ۾ پوليس جي ڪارڪردگي بابت سخت مايوسي پيدا ٿي آهي. تفصيل موجب ڊاڪٽر گلي ۾ ڊاڪٽر ملڪ خواجه جي اسپتال مان بيٽري چوري ڪئي وئي، جڏهن ته ڊاڪٽر حنيف ميمڻ جي اسٽور مان پڻ بيٽري چوري ٿي وئي. اهڙيءَ ريت علي ڪٽي جي بيڪري مان به بيٽري چوري ڪئي وئي جامع مسجد پرسان پپو لاکائيو جي دڪان مان پڻ بيٽري ۽ وائر چوري ٿي ويو جڏهن ته سسيا محلي ۾ شهباز شاهه جي هوٽل مان بيٽري ۽ ايل سي ڊي پڻ نامعلوم چور کڻي فرار ٿي ويا. ان کان علاوه شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪيترن ئي گهرن ۽ دڪانن مان بيٽرين ۽ سولر پليٽن جي چوريءَ جون وڌيڪ وارداتون پڻ رپورٽ ٿيون آهن. متاثر شهرين جو چوڻ آهي ته لڳاتار ٿيندڙ چورين سبب ڪاروباري ۽ گهريلو زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته رات جي وقت پنهنجي ملڪيت جي حفاظت لاءِ جاڳڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن پوليس بروقت ڪارروائي ڪري ها ته شايد وڌيڪ وارداتون روڪي سگهجن ها. شهرين ضلعي پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته چوهڙجمالي ۾ وڌندڙ چورين جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو

ڪنڊڙو لڳ ٽن ٻارڙن جي ماءُ بيماري کان تنگ اچي مبينا طور واهه ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ دريا خان ٻالاڻي واسڻ عورت ٽن ٻارڙن جي ماءُ 40 ورهين جي خورشيده زال محمد يعقوب خودڪشي ڪئي

ڪنڊڙو (ن ع) ڪنڊڙو لڳ ڳوٺ دريا خان ٻالاڻي واسڻ عورت ٽن ٻارڙن جي ماءُ چاليهه

بعد پاڻي مان هٿ ڪيو ويو آهي هوڏانهن وارثن موجب ٻڌايو پيو وڃي ته

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 02 آگسٽ 2026ع

پاڪ-چين دوستي: گڏيل امن ۽ ترقيءَ جو استعارو

عالمي سياست جي تيزيءَ سان بدلجندڙ منظرنامي ۾ اهڙا ملڪ تمام ٿورڙا آهن، جن جا لاڳاپا وقت جي هر آزمائش ۾ سرخرو ثابت ٿيا هجن. پاڪستان ۽ چين جي دوستي اهڙي ئي هڪ بي مثال ۽ لازوال دوستي آهي، جنهن کي ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ قيادت رڳو سفارتي لاڳاپن تائين محدود نه رکيو آهي پر ان کي ڀائپي، اعتماد ۽ گڏيل مفادن جي مضبوط بنيادن تي بيهاريو آهي. گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران دنيا ۾ حڪومتون تبديل ٿينديون رهيون، عالمي اتحاد ٺهندا ۽ ٽٽندا رهيا، علائقائي تڪرار جنم وٺندا رهيا پر پاڪ-چين دوستي هر دور ۾ اڳ کان وڌيڪ مضبوط ٿي سامهون آئي آهي. اها حقيقت آهي جو انهيءَ دوستيءَ کي عالمي سفارتڪاريءَ ۾ 'هر موسم جي دوستي' جو نالو ڏنو وڃي ٿو. گذريل ڏينهن راولپنڊيءَ ۾ چيني پيپلز لبريشن آرميءَ جي 99هين يومِ تاسيس جي موقعي تي هڪ پُروقار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سميت اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو چوڻ هو ته پاڪستان ۽ چين جون هٿياربند فوجون علائقائي امن، استحڪام ۽ گڏيل اسٽريٽجڪ مفادن جي تحفظ لاءِ حقيقي ڀائيوار آهن. رڳو هڪ رسمي اظهار نه پر ٻنهي ملڪن جي گهري اعتماد ۽ ڊگهي مدي واري گڏيل حڪمت عملي پڻ نمايان ڪئي وئي. اهڙي وقت ۾ جڏهن ڏکڻ ايشيا سميت خطو مختلف سلامتيءَ جي خطرن، دهشتگردي، معاشي غيريقيني ۽ عالمي طاقتن جي وڌندڙ مقابلي کي منهن ڏئي رهيو آهي، تڏهن پاڪستان ۽ چين جو دفاعي سهڪار خطي جي استحڪام لاءِ نهايت اهم حيثيت رکي ٿو. چين هميشه پاڪستان جي خودمختياري، سلامتي ۽ ترقيءَ جي حمايت ڪئي آهي، جڏهن ته پاڪستان به چين جي بنيادي قومي مفادن تي هر عالمي فورم تي ساڻس گڏ بيٺل نظر آيو آهي. گڏيل قومن کان وٺي شنگهائي سهڪار تنظيم تائين، ٻنهي ملڪن هڪٻئي جي موقف جي تائيد ڪري اها روايت قائم ڪئي آهي، جيڪا اڄ جي مفادن تي ٻڌل عالمي سياست ۾ گهٽ نظر اچي ٿي. دفاعي تعاون، گڏيل فوجي مشقون، جديد فوجي ٽيڪنالاجي، دهشتگرديءَ خلاف معلومات جي ڏي وٺ ۽ سلامتيءَ بابت ويجهو هم آهنگي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي.

پاڪ-چين اقتصادي راهداري انهيءَ دوستيءَ جو سڀ کان نمايان مثال آهي، جنهن نه رڳو پاڪستان جي معاشي ترقيءَ لاءِ نوان در کوليا آهن پر سڄي خطي ۾ واپار، رابطن ۽ ترقيءَ جا نوان امڪان پڻ پيدا ڪيا آهن. انهن منصوبن جي حفاظت، امن جو قيام ۽ دهشتگرد عنصرن جو خاتمو ٻنهي ملڪن جي فوج جو گڏيل عزم انتهائي اهميت رکي ٿو. چيني سفير جيانگ زائي ڊونگ پاران دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي قربانين کي ساراهڻ ان اعتماد جو اظهار آهي، جيڪو چين پاڪستان جي سلامتيءَ واري ڪردار بابت رکي ٿو. پاڪستان جي هزارين فوجي جوانن ۽ عام شهرين دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪري ملڪ ۽ خطي کي وڌيڪ محفوظ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي عالمي سطح تي به مڃتا ملندي رهي آهي. اڄ دنيا نون جيو پوليٽيڪل بلاڪن، معاشي مقابلي ۽ طاقت جي نئين توازن ڏانهن وڌي رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ پاڪ-چين دوستي صرف ٻن ملڪن جي لاڳاپن جو نالو ناهي پر اها علائقائي امن، اقتصادي ترقي ۽ گڏيل خوشحاليءَ جي علامت بڻجي چڪي آهي. ٻنهي ملڪن کي گهرجي ته دفاعي تعاون سان گڏ تعليم، سائنس، ٽيڪنالاجي، زراعت، صنعت ۽ ثقافتي لاڳاپن کي به وڌيڪ فروغ ڏين، جيئن اها دوستي ايندڙ نسل لاءِ به ترقي، امن ۽ خوشحاليءَ جو سرچشمو بڻيل رهي. پاڪستان ۽ چين جي اها آزمايل دوستي اهو ثابت ڪيو آهي ته جن لاڳاپن جو بنياد اعتماد، برابري ۽ گڏيل احترام تي هجي، اهي وقت جي ڪنهن به طوفان آڏو ڪمزور ناهن ٿيندا. اهڙي دوستي نه رڳو ٻنهي ملڪن جي قومي مفادن جي حفاظت ڪري ٿي پر سڄي خطي ۾ امن، استحڪام ۽ ترقيءَ جي نئين اميد پڻ پيدا ڪري ٿي ۽ موجوده عالمي حالتن ۾ اهڙي ڀائيواريءَ جي اهميت اڳ کان وڌيڪ وڌي چڪي آهي.

ڀٽائيءَ جي ميلي ۾ لطيف جي راڳ جي روايت برقرار رکو!


نور سنڌي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 283هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافت کاتي پاران شاهه لطيف آڊيٽوريم (جنهن کي "لطيف سرڪار جو پڙ" به سڏيو وڃي ٿو) ۾ ٿيندڙ راڳ جي محفل دوران فنڪارن کان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري سان گڏ ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ ڳارايو ويو. ان پروگرام ۾ ڪجهه اهڙا ڪلام به شامل هئا جنهن کي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ ادب سان لاڳاپيل ماڻهن غير معياري قرار ڏنو. نتيجي طور سوشل ميڊيا تي سخت ردعمل سامهون آيو آهي. سنڌ جا ڪيترائي اديب، شاعر لطيفي فڪر جا پانڌيئڙا، محقق ۽ ساڄاهه وند اهو سوال اٿاري رهيا آهن ته ڇا "لطيف سرڪار جي پڙ" ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان سواءِ ٻين شاعرن جي شاعري پيش ڪرڻ ميلي جي روايت سان هم آهنگ آهي؟ حقيقت ۾ اهو پهريون ڀيرو ناهي جو اهڙو تڪرار سامهون پيدا ٿيو هجي. ان کان اڳ به اهڙي ڪوشش ٿي هئي، جنهن تي سنڌ جي ادبي حلقن سخت ردعمل ظاهر ڪيو هو. فرق رڳو ايترو آهي ته ان وقت سوشل ميڊيا موجود نه هئي، تنهن ڪري احتجاج اخبارن، ادبي ڪانفرنسن ۽ علمي حلقن تائين محدود رهيو، جڏهن ته اڄ اهو آواز هڪڙي سيڪنڊ ۾ سڄي دنيا تائين پهچي وڃي ٿو.

شاهه لطيف جو ميلو پنهنجي شروعات کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر، راڳ ۽ رسالي سان سلهاڙيو وڃي ٿو. درگاهه جي اڱڻ کان وٺي اوطاقن، راڳ جي محفلن ۽ ميلي جي کليل ميدانن تائين، هر هنڌ لطيف جو بيت ئي راڳين جي زبان تي هوندو هو. ميلي ۾ ايندڙ فنڪار به اهو اعزاز سمجهندا هئا ته هو ڀٽائي جي در تي لطيف جو ڪلام پيش ڪن. انهيءَ ڪري ڀٽ شاهه جي ميلي جي سڃاڻپ ٻين سڀني ميلن کان مختلف رهي آهي. پاڪستان جي قيام کان اڳ جڏهن ڀٽ شاهه جي ميلي ۾ باقاعده ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جي رٿابندي شروع ٿي ته ان وقت واضح طور اهو اصول اختيار ڪيو ويو ته ڀٽائيءَ جي پڙ ۾ صرف شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ئي پيش ڪئي ويندي. ان فيصلي جو مقصد ڪنهن ٻئي شاعر جي اهميت گهٽائڻ نه پر ڀٽائي جي ميلي جي انفراديت کي محفوظ رکڻ هو. سنڌ جي ماڻهن ان روايت کي دل سان قبول ڪيو ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين ان تي بنا ڪنهن اختلاف جي عمل ٿيندو رهيو. 1988ع کان پوءِ جڏهن ڀٽ شاهه جي ميلي ۾ ملڪ جا صدر ۽ وزيراعظم شرڪت ڪرڻ لڳا ته سرڪاري پروگرامن جي نوعيت ۾ به ڪجهه تبديليون آيون. اڳوڻو سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت حميد آخوند جي دور ۾، سرڪاري مهمانن جي پسند کي نظر ۾ رکندي، عابده پروين جهڙن وڏن فنڪارن کان شاهه لطيف سان گڏ بلهي شاهه، فيض احمد فيض ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام به پيش ڪرايو ويو. بلهي شاهه ۽ فيض احمد فيض پنهنجي پنهنجي جاءِ تي برصغير جا عظيم شاعر آهن ۽ سندن ادبي عظمت کان انڪار ممڪن ناهي پر سوال هميشه اهو رهيو ته لطيف سرڪار جي پڙ ۾ مرڪز شاهه لطيف هجڻ گهرجي يا نه؟ انهن ڏينهن ۾ سوشل ميڊيا موجود نه هئي پر ادبي ضمير جاڳيل هو. مشهور محقق ۽ ليکڪ عبدالله ورياهه جي صلاح تي مون ڀٽ شاهه ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس دوران موجود اديبن، شاعرن، محققن ۽ دانشورن کان ان معاملي تي راءِ ورتي. تقريباً سڀني ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ته ڀٽائي جي پڙ ۾ شاهه لطيف کان سواءِ ٻين شاعرن جي شاعري پيش ڪرڻ، خاص طور ان کي مستقل روايت بڻائڻ، مناسب نه آهي. اها سروي "روزاني عبرت" جي پهرين صفحي تي ٽن ڪالمن جي نمايان باڪس ۾ شايع ٿي. خبر شايع ٿيڻ کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ بحث ڇڙي ويو اخبارن ۾ مضمون ۽ ايڊيٽوريلز لکيا ويا، ادبي تنظيمن پنهنجو موقف ڏنو ۽ ڪيترن ئي اديبن ثقافت کاتي جي ان پاليسي تي تنقيد ڪئي. اهو احتجاج ڪنهن شاعر يا فنڪار جي مخالفت نه پر ڀٽ شاهه جي ميلي جي روايت جي تحفظ لاءِ هو. ميلي جي آخري رات سيڪريٽري ثقافت حميد آخوند اسٽيج تان ان تنقيد کي تنگ نظري قرار ڏنو ۽ "عبرت گروپ آف پبليڪيشنز". خاص طور تي مون کي تنقيد جو نشان بڻايو ڪوشش ڪئي وئي ته عابده پروين به ان معاملي تي ڳالهائي پر هن وڏي سمجهه سان رڳو ايترو چيو ته: 'اسين فقيراڻي آهيان. اسان ثقافت کاتي جي پروگرام موجب ڳائيندا آهيون. عبرت گروپ کي مون لطيف جي فقيراڻي تي بيجا تنقيد نه ڪرڻ گهرجي.' عابده پروين جي هن متوازن رويي سبب معاملو وڌيڪ نه وڌيو. ان بحث کان پوءِ سنڌ جي ادبي حلقن جي راءِ کي اهميت ڏني وئي ۽ ڪيترن سالن تائين 'لطيف سرڪار جي پڙ' ۾ شاهه لطيف کان سواءِ ٻين شاعرن جي شاعري پيش نه ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت ڀٽ شاهه جي پراڻي روايت بحال رهي. هاڻي ڪيترن ئي سالن کانپوءِ جڏهن ساڳيو عمل ورجايو ويو آهي ته سنڌ جي ماڻهن جو ردعمل به ساڳيو آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته اڳ اخبارن جا صفحا ڳالهائيندا هئا، اڄ سوشل ميڊيا ڳالهائي رهي آهي. پر بنيادي سوال اڃا به اهو ئي آهي ته ڇا ڀٽائي جي پڙ ۾ ڀٽائيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي شاعر کي مرڪز بڻائڻ گهرجي؟ ڀٽ شاهه جي ميلي جي سڃاڻپ به شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري آهي. ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته ٻين شاعرن جي اهميت گهٽ آهي. جيڪڏهن بلهي شاهه، فيض احمد فيض، شيخ اياز، سچل يا ٻين شاعرن کي پيش ڪرڻ ٿي هجي ته ان لاءِ الڳ ادبي نشستون، مشاعرا يا موسيقي جون محفلون منعقد ڪري سگهجن ٿيون پر "لطيف سرڪار جي پڙ" جي تاريخي حيثيت کي برقرار رکڻ ضروري آهي.

نوان صوبا يا مضبوط مڪاني حڪومتون: پاڪستان ۾ بهتر حڪمرانيءَ جو اصل سوال

محمد انور

پاڪستان ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ۽ عوامي حلقن ۾ زور وٺي رهي آهي. نوان صوبا ٺاهڻ وارن جو چوڻ آهي ته موجوده صوبا آبادي ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان تمام وڏا ٿي ويا آهن، تنهنڪري انهن جو بهتر نموني انتظام هلائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. انهن جو خيال آهي ته ننڍا صوبا ٺاهڻ سان حڪومت عوام جي وڌيڪ ويجهو اچي ويندي، مختلف علائقن سان ٿيندڙ ناانصافيون ۽ محروميون گهٽ ٿينديون ۽ ماڻهن کي بهتر سهولتون ڏيڻ ۾ به آساني ٿيندي. اهي خدشا ۽ دليل پنهنجي جاءِ تي اهم آهن ۽ انهن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ گهرجي پر اهو سمجهڻ صحيح نه ٿيندو ته رڳو صوبن جون نيون حدون مقرر ڪرڻ سان حڪومت هلائڻ جو نظام پاڻمرادو بهتر ٿي ويندو. نوان صوبا ڪجهه مسئلا حل ڪرڻ ۾ مددگار ضرور ٿي سگهن ٿا پر هر انتظامي ۽ سياسي مسئلي جو واحد حل نوان صوبا ٺاهڻ کي سمجهڻ مناسب نه آهي.

پاڪستان جو آئين صوبن جون حدون تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ صاف ۽ جمهوري طريقو مقرر ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 239 تحت ڪنهن به آئيني ترميم جي منظوري لاءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ، ٻنهي ايوانن جي ڪُل ميمبرن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه پاڱي تي اڪثريت ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ڪرڻيون هجن ته ان صوبي جي اسيمبلي مان به ٻه پاڱي تي اڪثريت سان منظوري وٺڻ لازمي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته رڳو حڪومت جي اعلان، ڪنهن انتظامي حڪم يا سياسي مطالبي جي بنياد تي نئون صوبو قائم نٿو ڪري سگهجي. ان لاءِ پارليامينٽ ۾ اتفاق راءِ، لاڳاپيل صوبي جي رضامندي ۽ آئين ۾ ڏنل طريقيڪار تي مڪمل عمل ڪرڻ ضروري آهي.

صوبائي حدن ۾ تبديليءَ لاءِ آئين ۾ اهو تحفظ رکڻ ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته صوبو رڳو ڪو سرڪاري آفيس يا زمين جو ٽڪرو نه هوندو آهي. صوبي جي پنهنجي چونڊيل اسيمبلي، صوبائي ڪابينا، سرڪاري کاتا، انتظامي نظام، بجيٽ، ملڪ جي وسيلن مان حصو ۽ وفاقي ادارن ۾ نمائندگي هوندي آهي. صوبن جون حدون تبديل ڪرڻ سان سياسي طاقت، سرڪاري نوڪرين، ترقياتي فنڊن، پاڻي، قدرتي وسيلن ۽ مختلف ثقافتي ۽ ٻوليون ڳالهائيندڙ برادرين جي مفادن تي اثر پئجي سگهي ٿو. تنهنڪري اهڙو فيصلو پوري حقيقتن، سمورن ڌرين سان صلاح مشوري ۽ عوام جي رضامنديءَ جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڪستان ۾ نوان صوبا ٺاهڻ بابت سنجيدگيءَ سان بحث ڪرڻ جي ضرورت موجود آهي. پاڪستان جي آبادي 25 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي ۽ ملڪ جي ڪُل ايراضي لڳ ڀڳ 8 لک چورس ڪلوميٽر آهي پر آئين موجب سڄي ملڪ ۾ هن وقت رڳو چار صوبا آهن.

پنجاب جي آبادي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان به وڌيڪ آهي. بلوچستان ايراضيءَ جي لحاظ کان تمام وڏو صوبو آهي جڏهن ته پري پري وارن ضلعن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ڪوئيٽا ۾ موجود صوبائي ادارن تائين پهچڻ آسان ناهي. ڏکڻ پنجاب، هزارا ۽ ڪجهه ٻين علائقن مان به ڊگهي عرصي کان سياسي نمائندگي، ترقياتي وسيلن ۽ سرڪاري ڌيان جي کوٽ بابت شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن. نئون صوبو ڪنهن محروم علائقي کي پنهنجي اسيمبلي، بجيٽ، سيڪريٽريٽ، انتظامي نظام ۽ پنهنجي سياسي قيادت ڏئي سگهي ٿو. ان سان علائقائي نمائندگي بهتر ٿي سگهي ٿي ۽ مقامي مسئلن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو پر اهي فائدا تڏهن ئي حاصل ٿي سگهندا، جڏهن نوان ادارا واقعي اثرائتا، عوام آڏو جوابده ۽ ماڻهن جي ضرورتن مطابق ڪم ڪندڙ هجن.

جيڪڏهن سمورا اختيار وري ڪنهن نئين صوبائي گاديءَ واري شهر ۽ ٿورن سياسي ٽوليءَ ڪامورا طبقي وٽ ئي گڏ ٿي وڃن ته عام ماڻهن لاءِ گهڻو فرق نه پوندو. نئين گاديءَ وارو شهر به ماڻهن کان ايترو ئي پري ٿي سگهي ٿو جيترو پراڻي گاديءَ وارو شهر هو. ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن جو تجربو به هن بحث کي بهتر نموني سمجهڻ ۾ اسان جي مدد ڪري ٿو. ڀارت جي آبادي لڳ ڀڳ هڪ ارب 46 ڪروڙ آهي جڏهن ته ان جي ايراضي لڳ ڀڳ 33 لک چورس ڪلوميٽر آهي. ڀارت ۾ هن وقت 28 رياستون ۽ 8 مرڪزي انتظام هيٺ علائقا آهن. ڀارت ۾ مختلف وقتن تي ٻولي، ثقافت، سياست ۽ انتظامي ضرورتن جي بنياد تي نيون رياستون قائم ڪيون ويون آهن. ڪجهه نيون رياستون ٺهڻ سان علائقائي نمائندگي بهتر ٿي آهي پر ان جي باوجود ڀارت جي مختلف رياستن ۾ حڪمرانيءَ جو معيار هڪجهڙو ناهي. ڪجهه رياستون تعليم، صحت، سيڙپڪاري ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکارين ٿيون، جڏهن ته ڪجهه رياستون اڃا تائين غربت، خراب انتظام ۽ ڪمزور ادارن جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيون آهن. ان مان اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته رياستن يا صوبن جو تعداد وڌائڻ سان پاڻمرادو حڪمرانيءَ جو معيار بهتر نٿو ٿئي.

افغانستان جي آبادي لڳ ڀڳ 4 ڪروڙ 40 لک آهي ۽ اتي 34 صوبا آهن. ان جي باوجود اهو ملڪ ڊگهي عرصي کان جنگ، غربت، ڪمزور ادارن ۽ عوام کي محدود سهولتون ملڻ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. سري لنڪا جي آبادي لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ 30 لک آهي ۽ اتي 9 صوبا آهن. پر صوبن جو اهو نظام به ملڪ کي سنگين سياسي ۽ معاشي بحرانن کان بچائي نه سگهيو. نيپال ۾ لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ ماڻهن لاءِ 7 صوبا قائم ڪيا ويا آهن. پر اتي به انتظامي صلاحيت، مالي وسيلن ۽ وفاقي توڙي صوبائي ادارن وچ ۾ اختيارن جي ورڇ بابت مسئلا موجود آهن.

بنگلاديش جي آبادي لڳ ڀڳ 17 ڪروڙ 60 لک آهي ۽ ان جي ايراضي پاڪستان جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. اتي وفاقي صوبن بدران 8 ڊويزن، 64 ضلعا ۽ مقامي سطح تي مختلف انتظامي يونٽ قائم ٿيل آهن. ڀوٽان جي آبادي 10 لکن کان به گهٽ آهي ۽ اتي 20 ضلعا آهن جڏهن ته مالديپ لڳ ڀڳ 5 لک آبادي تي ٻڌل ٻيٽن جو ملڪ آهي جتي انتظامي يونٽ ان جي خاص جاگرافيائي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ٺاهيا ويا آهن. انهن ملڪن جا انتظامي نظام هڪ ٻئي کان مختلف آهن ۽ پاڪستان انهن کي سنئين ريت نقل نٿو ڪري سگهي پر انهن ملڪن جو تجربو هڪ اهم ڳالهه واضح ڪري ٿو ته رڳو ننڍا صوبا ٺاهڻ سان سٺي حڪمراني جي ضمانت نٿي ملي.

دنيا ۾ سٺي حڪمرانيءَ جو تعلق عوام کي ملندڙ سهولتن جي معيار، سرڪاري ادارن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت، بهتر پاليسيون ٺاهڻ، قانون تي صحيح نموني عمل ڪرائڻ، شفافيت ۽ حڪومتي فيصلن تي عوام جي اعتماد سان جوڙيو وڃي ٿو. ڪنهن به انتظامي يونٽ جي ايراضي ۽ آبادي يقيناً اهم عنصر آهن پر اصل ڪاميابي واضح اختيارن، مناسب مالي وسيلن، قابل ۽ ماهر انتظاميا، احتساب ۽ سياسي ارادي سان حاصل ٿيندي آهي.

عام ماڻهوءَ لاءِ حڪومت جو اصل چهرو مقامي سطح تي نظر اچي ٿو. ماڻهو حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو اندازو قومي اسيمبليءَ ۾ ٿيندڙ تقريرن مان نه پر پنهنجي ڳليءَ جي روڊ، صاف پاڻي، نيڪال جي نظام، ڪچرو کڻڻ جي انتظام، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز، بازار، پارڪ، ٽرانسپورٽ ۽ زمين جي رڪارڊ مان لڳائين ٿا. اهي سڀ سهولتون اسلام آباد يا صوبائي گاديءَ وارن شهرن مان مؤثر نموني نٿيون هلائي سگهجن. انهن لاءِ چونڊيل، بااختيار ۽ مالي طور مضبوط مڪاني حڪومتن جي ضرورت آهي. آئين جي آرٽيڪل 140-اي تحت هر صوبي تي لازم آهي ته اهو مڪاني حڪومتن جو نظام قائم ڪري ۽ چونڊيل مڪاني نمائندن کي سياسي، انتظامي ۽ مالي اختيار منتقل ڪري. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته پاڪستان ۾ مڪاني حڪومتون اڪثر عارضي، ڪمزور ۽ صوبائي حڪومتن جون محتاج رهيون آهن.

مقامي چونڊون وقت سر نه ڪرايون وينديون آهن. چونڊيل ادارن کي پنهنجي مُدو پورو ڪرڻ کان اڳ ئي ختم ڪيو ويندو آهي. مالي وسيلا به باقاعدگيءَ سان ناهن ڏنا ويندا ۽ مقامي نمائندن وٽ لاڳاپيل سرڪاري عملي يا ترقياتي منصوبن تي اثرائتو اختيار به نه هوندو آهي. پاڪستان ۾ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ واري عمل جي اها ئي سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي. ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ وفاق کان صوبن کي ڪي اهم اختيار منتقل ٿيا، پر صوبائي حڪومتون اهي ئي اختيار ضلعن، شهرن، تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن تائين منتقل ڪرڻ ۾ اڪثر هٻڪ جو مظاهرو ڪنديون رهيون آهن. اهڙيءَ طرح اقتدار اسلام آباد کان ته صوبائي گاديءَ وارن شهرن تائين پهچي ويو، پر اتان کان وڌيڪ هيٺ عوام جي دروازي تائين پهچي نه سگهيو.

صوبائي اسيمبلين جو بنيادي ڪم قانون ٺاهڻ، بجيٽ منظور ڪرڻ ۽ صوبائي حڪومت جي نگراني ڪرڻ هجڻ گهرجي. صوبائي حڪومتن کي وڏن ترقياتي منصوبن، صوبي جي سطح تي پاليسيون ٺاهڻ، مختلف معاملن لاءِ معيار مقرر ڪرڻ ۽ مختلف ضلعن وچ ۾ سهڪار ۽ رابطي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. مقامي حڪومتن کي صفائي، پاڻي، مقامي روڊن، نيڪال جي نظام، پارڪن، بازارن، تعميراتي ضابطن، مقامي ٽرانسپورٽ ۽ شهرن جي ترقي جهڙن معاملن جي ذميواري ڏيڻ گهرجي. حقيقي مقامي حڪومت رڳو چونڊون ڪرائڻ جو نالو ناهي. چونڊيل مڪاني ادارن لاءِ آئين ۽ قانون تحت مقرر مُدي جو تحفظ، واضح ذميواريون، باقاعده ۽ پڪا مالي وسيلا، لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن تي انتظامي اختيار ۽ مقامي سطح تي مناسب ٽيڪس ۽ محصول گڏ ڪرڻ جي صلاحيت هجڻ ضروري آهي. ان سان گڏ مڪاني حڪومتن جي بجيٽ، خرچن، ٺيڪن ۽ ترقياتي منصوبن جو آزاداڻو آڊٽ ڪرائڻ ۽ انهن تي عوام جي نگراني به ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن ميئر يا ضلعي ڪائونسل جي سربراهه وٽ ذميواري ته هجي، پر ان وٽ اختيار ۽ مالي وسيلا نه هجن ته هو شهرين کي گهربل سهولتون فراهم نٿو ڪري سگهي. نوان صوبا ٺاهڻ سان ڪيترائي ڏکيا ۽ حساس سوال به پيدا ٿيندا. نيون اسيمبليون، سيڪريٽريٽ، سرڪاري کاتا ۽ انتظامي ڍانچا قائم ڪرڻ تي وڏي رقم خرچ ٿيندي. سرڪاري ملڪيتن، قرضن، ملازمن، پاڻي جي حصي، قدرتي وسيلن ۽ ترقياتي فنڊن جي ورڇ به ڪرڻي پوندي.

نئين صوبي جي گاديءَ واري شهر جي چونڊ تي به اختلاف پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪنهن نئين صوبي ۾ جيڪا برادري اڪثريت ۾ هوندي، ان ئي صوبي اندر رهندڙ ٻين ٻولي، نسلي يا مذهبي برادريون تائين اقليت بڻجي سگهن ٿيون. تنهنڪري انهن جي حقن ۽ سياسي نمائندگيءَ جو تحفظ ڪرڻ به انتهائي ضروري هوندو.

پاڪستان کي هن معاملي ۾ ٻنهي انتهاپسند رستن کان بچڻ گهرجي. هر نئين صوبي جي مطالبي کي هڪدم رد ڪرڻ به درست ناهي ڇاڪاڻ ته ڪجهه علائقن جا مطالبا انتظامي مرڪز کان گهڻو پري هجڻ، ترقيءَ ۾ پوئتي رهجي وڃڻ، علائقائي سڃاڻپ ۽ گهٽ سياسي نمائندگي جهڙن مسئلن تي ٻڌل ٿي سگهن ٿا. ٻئي طرف نون صوبن کي خراب حڪمرانيءَ جو آسان ۽ ترت حل سمجهڻ به حقيقت پسنداڻو رويو ناهي. ذميواراڻو رستو اهو ٿي سگهي ٿو ته هڪ آزاد قومي ڪميشن قائم ڪيو وڃي، جيڪو نون صوبن جي مطالبن جو صاف ۽ شفاف اصولن تحت جائزو وٺي. انهن اصولن ۾ آبادي، ايراضي، موجوده گاديءَ واري شهر کان فاصلو، معاشي ۽ مالي سگهه، ترقيءَ ۾ رهجي ويل علائقا، عوام جي رضامندي، انتظامي صلاحيت، اقليتن جا حق ۽ قومي وسيلن جي ورڇ تي پوندڙ ممڪن اثرن کي شامل ڪيو وڃي. ڪميشن کي مختلف علائقن ۾ وڃي عوام سان صلاح مشورا ڪرڻ گهرجن ۽ پنهنجي مڪمل رپورٽ پارليامينٽ توڙي عوام آڏو پيش ڪرڻ گهرجي. ان ڪانپوءِ ئي ڪنهن آئيني ترميم تي غور ڪرڻ گهرجي. پاڪستان کي ڪجهه مخصوص ۽ واضح حالتن ۾ نون صوبن جي ضرورت ٿي سگهي ٿي پر سڄي ملڪ ۾ مضبوط مڪاني حڪومتن جي ضرورت ترت ۽ انتهائي ضروري آهي. صوبي جون نيون حدون ڪنهن علائقي کي صوبائي گاديءَ وارو شهر ته ڏئي سگهن ٿيون، پر اصل اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ سان ئي حڪومت عوام جي دروازي تائين پهچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ضلعن، شهرن ۽ مڪاني ادارن کي بااختيار نه بڻايو ويو ته نوان صوبا رڳو نئين گاديءَ وارا شهر، نئين ڪابينا، نئين اسيمبلي ۽ نئين ڪامورا شاهي پيدا ڪندا.

اصل سوال اهو ناهي ته پاڪستان ۾ صوبن جو تعداد چار هجي، اٺ هجي يا ٻارهن. اصل سوال اهو آهي ته رياست جا اختيار، وسيلا ۽ احتساب جو نظام عام ماڻهوءَ تائين ڪيترو پهچي ٿو. سٺي حڪمراني نقشي تي نيون ليڪون ڪڍڻ سان قائم نٿي ٿئي پر مضبوط ادارا ٺاهڻ، اختيار هيٺين سطح تائين ورهائڻ ۽ ماڻهن کي پنهنجن مقامي معاملن بابت فيصلا ڪرڻ جو حق ڏيڻ سان ئي بهتر حڪمراني قائم ٿي سگهي ٿي.

نظام جي تباهي يا سياستدانن جي ناڪاميءَ جو اعلان!

منظور ڪوسو

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) حڪومتِ پاڪستان جي درخواست تي گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائگناسٽڪس اسيسمينٽ رپورٽ (ڊسمبر 2025ع) شايع ڪئي جنهن ۾ عالمي مالياتي اداري ٻڌايو ته پاڪستان جا سڀئي رياستي ادارا ڪرپشن جي چيلينج کي منهن ڏئي رهيا آهن، جنهن جو بنيادي سبب رياستي ادارن ۾ نظام جي ڪمزوري ٻڌايو ويو. آءِ ايم ايف تجويز ڏني ته پاڪستان کي پاليسي سازي ۾ شفافيت ۽ احتساب جي عمل کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. اها پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏي خبر هئي پر حڪومتي ادارن ۽ سياستدانن هن کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو ۽ ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هن وقت نظام جي تباهيءَ جو وڏو سبب بدانتظامي، ڪرپشن ۽ سياسي استحڪام جو نه هئڻ آهي. سياستدان ذاتي مفادن کان مٿڀرا ٿي سوچين ها ته هن قسم جون خبرون نه اچن ها ۽ نه ئي سياست ۾ بليڪ ميلنگ جو عنصر داخل ٿئي ها. هن خبر کي هتي نقل ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته گهرو وزير محسن نقوي جي تقرير کي اوهان عالمي مالياتي اداري جي هن رپورٽ، وفاق ۾ پ پ پ جا (ن) ليگ سان اختلاف، ڪڏهن ڪڏهن اتحاد کان ڌار ٿيڻ جون ڌمڪيون ۽ ايم ڪيو ايم جي الڳ صوبي جي مطالبي جي تناظر ۾ به ڏسي سگهو ٿا. سنڌ ۾ پ پ پ کان پنهنجا مطالبا مڃرائڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جي مئل گهوڙي ۾ ساهه وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهو ماڻهو جيڪو هن نظام جي مشينري جو اهم ڪل پرزو آهي، تنهن جو اعلان ڪرڻ ته نظام تباهه ٿي چڪو آهي، حيرت آهي ان تباهيءَ جي باوجود به هو ان سسٽم جو مضبوط حصو بڻيل آهي. دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي حڪومت جي پاليسين يا سسٽم سان ڪو اختلاف هوندو آهي ته هو استعيفيٰ ڏئي گهر روانو ٿيندو آهي پر اسان وٽ سرائيڪي ۾ چوڻي آهي ته 'روسون به ته کاسون به' هتي به اهو ڪم پيو هلي. نظام جي تباهيءَ جو ٻڌائڻ سان گڏوگڏ ڪيس نظام جي تباهيءَ جا ذميوار ۽ سبب به ٻڌائڻ کپندا هئا. ائين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته هي سياست ۽ سياستدانن جي ناڪاميءَ جو اعلان ڪيو ويو آهي. اڳتي اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آبادي ڇٽوڻ تي وڌي چڪي آهي پر صوبا اهي چار، سسٽم ڪوليپس ٿيڻ جو اعلان ڪندي ٻڌايو ويو ته 'انتظامي يونٽس يا صوبا توهان جي مرضي ان کي جيڪو به نالو ڏيو، ان کي عوام جي سطح تائين وٺي وڃڻو پوندو' سرڪار! جڏهن توهان نون صوبن جي فيصلي کي عوامي سطح تائين آڻڻ گهرو ٿا ته پوءِ سمجهو ٿا ته بلوچستان جو ڇا فيصلو هوندو جتي جون حالتون تمام نازڪ آهن ۽ ماڻهو بيحد بيزار آهن. عجيب منطق آهي، وڌيڪ صوبا ٺاهڻ سان ڇا ملڪ ۾ گڊگورننس قائم ٿي ويندي، معيشت ترقي طرف گامزن ٿيندي، هر سال اربين روپين جي ٿيندڙ ڪرپشن بند ٿي ويندي، مقروض ملڪ قرضن مان نجات حاصل ڪري وٺندو اسمگلنگ رڪجي ويندي، تيل ۽ ليويز جي ٽالي اربين روپيا قوم جي کيسي مان خاموشي سان ترڪايا ويندا، ڇا وڌيڪ صوبن ٺهڻ سان اهو سڀ ڪجهه بند ٿي ويندو؟ تيل، گئس، بجلي ۽ روزمره استعمال جون شيون ماڻهن جي پهچ ۾ اچي وينديون، سياسي استحڪام اچي ويندو فيصلا ميرٽ تي ٿيندا ۽ هر طرف انصاف جو بول بالا هوندو پاڪستان ۾ گڊگورننس ته پنهنجي جاءِ تي هڪ مسئلو ضرور آهي پر وڌيڪ صوبا ان مسئلي جو حل ڪيئن ٿا ٿي سگهن، هتي ته چار صوبا به سنڀاليا نه ٿا ٿين! ملڪ ان لائق نه رهيو آهي جو ان تي هاڻي وڌيڪ تجربا ڪيا وڃن، هن کان اڳ 1955ع ۾ صوبن جي حيثيت کي ختم ڪندي ون يونٽ تشڪيل ڏنو ويو پوءِ اسان ڏٺوسين ته مسئلا حل ٿيڻ بدران اڃان وڌيڪ زور وٺي ويا، ننڍن صوبن ۾ احساس محرومي وڌي وئي، بظاهر ته ون يونٽ جو سبب انتظامي بهتري ٻڌايو ويو پر سخت سياسي بيچيني پيدا ٿي، تحريڪون هليون ۽ هزارين سالن جي تهذيب تمدن ۽ ثقافت جي تاريخ رکندڙ قومن پنهنجي قومي تشخص کان هٿ نه کنيو آخرڪار سخت عوامي دٻاءَ جي نتيجي ۾ هڪ ليگل فريم ورڪ آرڊر جاري ڪري جنرل يحيٰ خان صوبن جي حيثيت بحال ڪئي ۽ ون يونٽ ختم ٿيو، اهو به هڪ ناڪام تجربو هو جيڪو سسٽم کي بهتر ڪرڻ بدران اڃا وڌيڪ تباهيءَ ڏانهن وٺي ويو ان ڪانپوءِ تاريخ شاهد آهي ته ملڪ جي ٻنهي حصن اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ۾ نفرتون انتهائي حد تائين وڌي ويون جو دنيا جي نقشي تي بنگلاديش ڏٺو ويو ۽ هن تجربي ڪيترو وڏو نقصان ڏنو سو هڪ تمام وڏو موضوع آهي. هن کان اڳ 2001ع ۾ 'مقامي حڪومتن جو آرڊيننس' جاري ڪري ضلعي حڪومتن جو قيام عمل ۾ آندو ويو ان جو نتيجو ڇا مليو؟ اهو سڀ ڪجهه اسان جي سامهون آهي، شديد بدانتظامي، مالي بي ضابطگيون، سياسي اقرباپروري ۽ گهڻو ڪجهه، عوامي مفادن وٽان شايد ئي ڪا بهتري ٿي هجي، هي نظام به گڊ گورننس ڏئي نه سگهيو نظام کي هلائڻ وارا ماڻهو هوندا آهن، جڏهن نيڪ نيتي هوندي ته نتيجا سٺا ملندا. نظام جي تباهيءَ جو سبب جاڳائي هزارين سالن جي تهذيب تمدن جي مالڪ قوم ڪڏهن به پنهنجي تاريخ ۽ زمين کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ نه ڏيندي، ماضي ۾ هن قسم جا تجربا ڪيا ويا جيڪي ناڪام ثابت ٿيا. ائين سمجهو ته سياستدانن جي ناڪاميءَ جو اعلان ٿي چڪو آهي، ان کان اڳتي ڪجهه به ٿي سگهي ٿو ان ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ سياستدان جنداپت کي ڇڏي هوش کان ڪم وٺن. چوندا آهن ته 'هر ڀيري پيٽ ٻارن لاءِ ناهي' اهڙي ريت ضروري ناهي ته هر ڀيري ڪين فارم 47 جي ٽيڪ ميسر ڪئي وڃي. پ پ پ اڪثر معاملن تي اتحاد کان ڌار ٿيڻ لاءِ (ن) ليگ کي ڌمڪيون ڏيندي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ايم ڪيو ايم کي ٻيجي ڌار صوبي جو راڳ ڇيڙيو ويو ۽ ان جي پٺيان پوشيده قوتون اڄ پردي تي نمايان ٿي چڪيون آهن. ان اتحاد کان بهتر هو ته پ پ پ فقط سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ تي اڪتفا ڪري ها ته اڄ هن قسم جي بليڪ ميلنگ ڏسڻي نه پئيس ها.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مَاڱهُون مِرگهه، مَينهِيُون، سَارنگَ کي سَارِين،
آرُون اَبَرَ آسِرَي، تَاڙَا تَنوَارِين،
سِپُون جَي سَمُنڊَ ۾، نَئين سِجِ نِهَارِين،
پَلَرَ پِيَارِين اَجِيَنِ آبَ اَگُونڊرُو..

مرگهه- هرڻ /سارين- ياد ڪن /آرون- واحد آر ٽڊ، ٽڊن اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم جو مينهن جي مند ۾ تمام تيز ۽ سنهي آواز ۾ ڏاٿهون ڪندو آهي /ابر- مينهن، برسات /تاڙا- (واحد، تاڙو) پکي، جو مينهن جي مند ۾ ٻوليندو رهندو آهي / سپون-(واحد-سپ) سخت پوش سامونڊي جيت، جيڪو پڻ مينهن جي مند ۾ پنهنجو وات کولي مينهن جو ڦڙو جهٽيندو آهي، جنهن مان سندس پيٽ ۾ سچو موتي پيدا ٿيندو آهي /نئين سج- روزانو، هر ڏينهن /پيارين- (اي الله) انهن کي پيار /آب اگوندرو- پاڻي جنهن پيئڻ سان گوندر ختم ٿي وڃن اڄ يا پياس لهي پوين. (سُر- سارنگ، مرتب ٻانهون خان شيخ)

هتي ۾ لطيف سائين اجاري جي اُڄ کي اجهائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي ته خشڪيءَ تي رهندڙ ۽ آبي حيات يا جيوت جي حالت ۽ مينهن جي اهميت بابت ٻڌائي ٿو ته 'باراني علائقن ۾ جتي پاڻي اڻ لڀ هوندو آهي، مينهن نه پوڻ ڪري خشڪ سالي ۽ ڏڪار واري حالت هوندي آهي جتي انسان، هرڻ، مينهيون يعني جهنگلي جانور اجارا آهن ۽ اهي سارنگ يعني مينهن کي پيا ٿا سارين، ان کي ياد ڪندي هي جيت جٿيا ۽ پکي ڀاڪارين پيا، ڀاڏائين پيا، ان ڪانسواءِ سمونڊ ۾ رهندڙ سپون اهي به ڏهاڙي تڪري مٿي نهارين ٿيون مينهن ته وسي ٿو يا نه!!؟ اها ماجرا ڏسي لطيف سائين دعا ٿو ڏين، اي الله انهن اجارن کي پلر يعني مينهن جو پاڻي پياري سندن اڄ اجهاءِ ته جيئن انهن جا گوندر لهي وڃن، پياس جي اها تڪليف، سندن ڏک ۽ اهنج ختم ٿي وڃن.'

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 02 آگسٽ

جشن واسواڻي

جشن واسواڻي هندستان ۾ رهندڙ سنڌين جو روحاني سرواڻ ۽ انسان دوست شخصيت جو مالڪ هو هن جو جنم 2 آگسٽ 1918ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هو مشهور سماج سڌارڪ ساڌو ٿانورداس ليلارام واسواڻيءَ (ساڌو ٽي ايل واسواڻي) جو ڀائيٽو هو هن ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان حاصل ڪيون. هن جي ماسٽر آف سائنس ٿيسز جو امتحان فزڪس جي جڳ مشهور نوبيل انعام يافته سائنسدان ڊاڪٽر سي وي رامن ورتو ۽ هن جي ڪم کي گهڻو ساراهيو. هن عملي زندگيءَ جي شروعات ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ فزڪس جي فيلو طور ڪئي ان زماني ۾ فزڪس جي مضمون ۾ اهڙي وڏي مهارت رکندڙ ماڻهو سڄي سنڌ ۾ ٻيو ڪو به نه هو 1939ع ۾ هن جي زندگيءَ ۾ زبردست ڦيرو آيو هن فزڪس جي فيلو جهڙي وڏي نوڪري ڇڏي پنهنجي پاڻ کي روحاني ۽ خيراتي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي چاچي ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي مشن جو حصو بڻجي ويو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هو هندستان هليو ويو، جتي پوني ۾ پهريون سينٽ ميران اسڪول قائم ڪيائين هن "ايسٽ ويسٽ" نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو ڪيس آمريڪا جي انٽرنيشنل اڪيڊميءَ سندس لکيل انگريزي ڪتاب The Story of Simple Man تي اعزازي پي ايڇ ڊي ڊگريءَ سان نوازيو ويو. هن پوني ۾ ميران گرلس ڪاليج پڻ قائم ڪيو ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو هن ڪيترائي خيرجا ڪم ڪيا فٽ پاٿ تي سمهندڙ غريب ماڻهن کي ڪمبل وٺي ڏيڻ، مفت ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪرڻ، پکين کي پڃرن مان ڪڍي آزاد ڪرڻ، مختلف هنڌن تي اسڪول کولڻ ۽ معذورن ۽ غريبن جي مالي مدد ڪرڻ سندس خيراتي ڪمن جا چند مثال آهن هن انگريزيءَ ۾ لڳ ڀڳ 50 ڪتاب لکيا هو هڪ شاعر به هو ۽ "انجلي" تخلص سان ڀڳتي گيت لکندو هو. هن برطانيه، آمريڪا ۽ ساؤٿ آفريڪا سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڏين وڏين ڪانفرنسن کي خطاب ڪيو هن 12 جولاءِ 2018ع تي هن دنيا کان موڪلائي ڪئي

خانم جانوري

هن نامور ليکڪ جو جنم 2 آگسٽ 1938ع تي ڳوٺ ڀٽي، تعلقي روهڙي ضلعي سکر ۾ ٿيو. هن جي چنيءَ جو نالو عبدالنبي جانوري ۽ والد جو نالو الحاج محمد ارباب خان جانوري هو. هن سنڌي فائنل ۽ اديب سنڌي فاضل جا امتحان پاس ڪيا ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪري رٽائر ٿيو. هو پنهنجي وقت جو مايه ناز شاعر ۽ نثر نويس هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سنڌي ساهت" ۽ "سنڌي ساگر ۽ رهاڻيون" شامل آهن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش

ڊاڪٽر پريم پرڪاش کي "ڀارت ۾ سنڌي تجرباتي ڊرامن جو باني" مڃيو وڃي ٿو گهڻگهڻو هو سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ هدايتڪار، چترڪار، شاعر ۽ محقق طور ڄاتل سڃاتل آهي هن جو جنم 2 آگسٽ 1946ع ۾ هيرآباد حيدرآباد ۾ ٿيو اڃا سال کن جو مس هو جو هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن جو ڪٽنب پهرين جوڌپور ۽ پوءِ اجمير ۾ وڃي آباد ٿيو هن ست درجا اجمير ۾ پاس ڪيا 1961ع ۾ هن جي ڪٽنب احمدآباد جا وڻ وڃي وسايا اتي ئي هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان پاس ڪيا ۽ اڳتي هلي بي ايس سي ۽ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن اسڪول واري زماني کان ئي ڪهاڻيون لکڻ ۽ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس پهرين ڪهاڻي ڦلواڙي مئگزين ۾ ڇپجي پڌري ٿي 1967ع ۾ هن هيري شيوڪاڻيءَ ۽ ٻين اديبن سان ملي "چوليون" مئگزين ڪڍڻ شروع ڪئي هو اسٽيج ڊرامن جو مشهور هدايتڪار پڻ رهي چڪو آهي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي هڪ هدايتڪار ۽ ڪلاڪار طور به ڪم ڪندو رهيو آهي هو سنڌي ڊراما ورڪشاپ جو باني صدر ۽ ساهتيه اڪيڊميءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو 2012ع کان 2017ع تائين ڪنوينر رهيو هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا آهن

عبدالله جروار

هن ادب دوست انسان ۽ محنتي استاد جو جنم 2 آگسٽ 1959ع تي ٽنڊي لهيار جي ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ ٿيو هن ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون. اسڪول جي استاد طور عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين ۽ مختلف هاءِ اسڪولن جو هيڊماسٽر به رهيو 2019ع ۾ رٽائر ٿيو هن جا ڪيترائي مضمون ۽ سوانحي خاڪا اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجندا رهن ٿا هن وٽ ريڊيو تي رڪارڊ ٿيل ناياب ڪلامن ۽ گيتن جي لائبريري پڻ موجود آهي هن "هري جن هاري" نالي سان هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ ٽنڊي لهيار ضلعي جي استادن ۽ اديبن جا خاڪا شامل آهن

لياقت جوٽيجو

لياقت جوٽيجو عمرڪوٽ ضلعي جو مشهور نثر نويس، شاعر ۽ صحافي آهي سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1962ع ۾ ڳوٺ ٽالهي ضلعي عمرڪوٽ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ عالم فاضل ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون هن محمد مبارڪ اثيم پلي ۽ عبدالقادر عبد سولنگيءَ جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري شروع ڪئي شاعريءَ سان گڏ هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن سندس شاعريءَ جا ڪجهه نمونا اڪبر لغاريءَ پنهنجي ڪتاب "ڪوي عمرڪوٽ جا" ۾ شامل ڪيا آهن لياقت جوٽيجي جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ڪانگڻيون جن ڪپار ۾"، "تنهن سورهيه کي شاباس" ۽ "حر تحريڪ" شامل آهن پاڻ سورهيه بادشاهه ادبي فورم جو جنرل سيڪريٽري ۽ وينجهار رسالي جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي

ڊاڪٽر اعجاز سومرو

مختيار اٽر

هن تاليواري ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ ڪالم نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1963ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ٿيو ٻارهين ڪلاس تائين خيرپور ۾ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين هن ادبي دنيا ۾ 1993ع ڌاري پير پاتو سندس لکيل ڪهاڻيون ۽ ڊراما ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ نجي ٽيليويزن چئنلن تان نشر ٿيا. هن هڪ اخبار لاءِ هفتيوار ڪالم پڻ لکيا. سندس ڇپيل

ڪتابن ۾ "ڪمري ۾ لڳل تصوير" (1998ع)، "قاتل ۾ بند ٿيل چوڪري" (2003ع)، "تنهنجي دل ۾ هوندي به اڪيلا" (2012ع)، "مرادان"، "بيخوف هوائون" (ناول) ۽ "منهنجي تئيءَ ڏاهي آهي" شامل آهن

صوفي عبدالقيوم خمر جکراڻي

هن تاليواري ليکڪ ۽ صحافيءَ جو جنم 2 آگسٽ 1963ع تي ڳوٺ فيض آباد جکراڻي ضلعي جيڪب آباد ۾ ٿيو هن جو والد صوفي غلام مصطفيٰ آثم جکراڻي پرائمري اسڪول جو استاد هو هن ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ مسجد اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگي شروع ڪيائين. اڳتي هلي بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪري هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو. هن کي ادب سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيو. هن جي شاعري پهريون ڀيرو ماهوار رسالي پيغام ۾ 1980ع ۾ شايع ٿي، ان بعد سندس تخليقون سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن. پاڻ جيڪب آباد مان جاري ٿيندڙ المصطفيٰ خبار ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ جڳنو انٽرنيشنل مئگزين جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي

شيخ فرازي

شيخ فرازي سنڌي ٻوليءَ جو سٺو شاعر آهي هن جي چنيءَ جو نالو سڪندرعلي ولد غلام نبي شيخ آهي ۽ هن جو جنم لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ آريجا ۾ 2 آگسٽ 1973ع ۾ ٿيو هن 1989ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو هن جي شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "غزلن جو گلدستو" ۽ "سمنڊ تري آيا" ڇپجي چڪا آهن

مزمل ساگر هليپوٽو

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ سرڪاري آفيسر مزمل ساگر هليپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي هن تاليواري اديب جو جنم 2 آگسٽ 1975ع تي حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ هٽڙيءَ ۾ ٿيو سندس والد عبدالحفيظ هليپوٽو به هڪ مشهور اديب هو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (انگريزي ادب) جون سندون حاصل ڪرڻ کان پوءِ انگلينڊ جي سري يونيورسٽيءَ مان مينيجمينٽ ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي هن انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ شاعري به ڪئي آهي انگلينڊ ۾ پڙهڻ دوران ڪهاڻين جي هڪ مقابلي ۾ هن جي ڪهاڻي The Rain تي ڪيس 100 پائونڊ انعام مليو هن جي انگريزي شاعريءَ جو ڪتاب Silence of the Piano Sings ڇپجي چڪو آهي سنڌيءَ ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو "سدا ساگر سير ۾" شايع ٿي چڪو آهي هو سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري اهم عهدا ماڻي چڪو آهي جن ۾ ڊي ڊي او روينيو، ڊي ڊي او فنانس، ڊپٽي ڪمشنر، ڊائريڪٽر فوڊ ۽ بلوچستان جي ايڊيشنل تعليمي سيڪريٽريءَ جهڙا اهم عهدا شامل آهن

عبدالحئي ڀٽو

سنڌ جي هن سرت ڀريي ساهتڪار 2 آگسٽ 1975ع ۾ موسل جي ماڙي تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن ايم اي (سنڌي ادب)، بي ٽي، پي ٽي سي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جا ڪورس پاس ڪيا ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور قوم جي نونهالن کي سلجهه جا سبق پڙهائي رهيو آهي هو ٻارڙن جي تنظيم "ٻالڪ ادبي فورم" جو مرڪزي صدر، سنڌي ادبي سنگت گهوٽڪي ضلعي جو رابطه سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي سنگت موسل ماڙي شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي هن ٻارن لاءِ ٽي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ "گلابن جي خوشبوءِ" (ڪهاڻيون)، "سهڻا ٻالڪ سنڌ جا" (شاعري) ۽ "ماڻڪ هرهڪ هٽ ۾" (مضمون) شامل آهن تازو سندس ڪتاب "موسل جي ماڙيءَ جو مينٽرو" پڻ شايع ٿيو آهي

تيرٿداس هوتچند واڌواڻي

هن مشهور ليکڪ جو جنم 4 جون 1906ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هو دادي ليليٰ وتيءَ جو ڀاءُ هو. تعليم پوري ڪري روينيو کاتي ۾ مختيارڪار طور ڪم ڪيائين. رٽائر ٿيڻ بعد وڪالت جي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. ڪيس شاهه جي شاعريءَ ۽ انگريزي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو. هن جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن ۾ "The song of Kenjhar Lake"، "Shah Latif: An Introduction to his Seven Singing Stories"، "The Song of the Necklace" ۽ "Song of Songs" شامل آهن. هن 2 آگسٽ 1971ع تي پرلوڪ پڌاريو.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 97 سال 2026

شريمتي منيشا ڌيءُ اجمل ڀيل هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ ڪڏ تعلقو سڪرنڊ.. پلينٽف.بخلاف.. پنيا ولد ڀيو ڀيل هندو بالغ رهندڙ جتيا ڀاڙو سانگهڙ اسٽاپ شهداپور ضلعو سانگهڙ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس اينڊ رڪوري ڊاوري ارٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 306 سال 2026

مسمات نائلا سولنگي ڌيءُ عبدالحڪيم سولنگي رهندڙ گهر نمبر 93 فارسي باغ فيز 2 نوابشاهه.. پلينٽف.بخلاف.. فضل الرحمن ولد عبدالمجيد رند رهندڙ سميرا ڪالوني نزد هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه 03238208064....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات خالده زال علي خان ڌيءُ گل حسن ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ لڪاڻو خاصخيلي تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ .. پلينٽف.بخلاف.. علي خان ولد الله جڙيو ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ حاجي هوٿل تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات حنا بيواهه غلام رسول ذات ميمڻ رهندڙ وارڊ نمبر 05 ميمڻ محلہ تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز .. اپليڪينٽ.بخلاف.. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....اپوننٽس (1) طيبه تاريخ پيدائش 07-03-2011 (2) محمد مشهود تاريخ پيدائش 25-02-2012 (3) الله ڏنو تاريخ پيدائش 06-07-2017 (4) علي محمد تاريخ پيدائش 17-01-2024 ... مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست داخل ڪئي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول رويزن سوٽ نمبر 13 سال 2026

(1) مسمات خيرالنساء زال اعظم قاضي رهندڙ نزد ارباب امام بارگاهه وارڊ اي تعلقو هالا ضلعو مٽياري (2) مسمات زيب النساء زال منير حسين ڊايو رهندڙ شمس برج ٽاور اپارٽمينٽ رهندڙ نزد شمس مسجد سامهون گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد حيدرآباد. اپليڪينٽ.بخلاف.. (1) سنڌ صوبو معرفت سيڪريٽري حڪومت سنڌ (2) ڊي سي حيدرآباد (3) مختيارڪار هالا (4) سب رجسٽرار هالا (5) سيف الله ولد مرحوم محمد عثمان (6) حبيب الله ولد مرحوم محمد عثمان (7) مسمات ساران بيواهه محمد عثمان (8) ڪليم الله ولد مرحوم محمد عثمان (9) مسمات ميمونا ڌيءُ مرحوم محمد عثمان رهندڙ ارباب امام بارگاهه هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري ....ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 7کان 9 ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سول رويزن درخواست زير قلم 115 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 117 سال 2026

مسمات صفوران سومرو بيواهه مرحوم محمد اسماعيل سومرو رهندڙ ڳوٺ حاجي عثمان سومرو قاسم آباد حيدرآباد .. اپليڪينٽ.بخلاف.. (1) ساجده ڌيءُ مرحوم محمد اسماعيل سومرو (2) ماجده ڌيءُ مرحوم محمد اسماعيل سومرو (3) ڪليم الله (مائنر) ولد مرحوم محمد اسماعيل سومرو رهندڙ ڳوٺ حاجي عثمان سومرو قاسم آباد حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس / سمورن لاڳاپيل ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي محمد اسماعيل سومرو ولد احمد خان سومرو وفات جي تاريخ 2025-12-29 هنڌ حيدرآباد پراپرٽي ۾ HBL سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس برانچ جي اڪائونٽ نمبر 00697900498803 ۾ ڇڏيل رقم 1882786.25 رپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي محمد يونس ۽ محمد يونس ولد هوت خان لغاري سان مڪمل طور تي لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو منهنجو مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي ڄڻن سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪري ٿو فساد ڪندو ته ان سان منهنجو ڪو به واسطو نه هوندو محمد يونس ۽ محمد يونس ولد هوت خان لغاري جو منهنجي پراپرٽي، ڪاروبار يا ڪنهن به معاملي ۾ حصو نه آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد يوسف ولد هوت خان وينل ڳوٺ شادمان لغاري بي بي لو گلاب لغاري تعلقو ماتلي ضلعو بدين

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول/ فيملي/ گارڊين جج قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
گارڊين سوٽ نمبر 19سال 2026

عبدالرزاق ولد دوست علي ڪوسو.. اپليڪينٽ.بخلاف.. (1)عبدالوهاب ڪوسو ولد عبدالحفيظ (2) مسمات حاجره بيواهه دوست علي ڪوسو (3) امام زادي بيواهه عبدالحفيظ (4) صنم بيواهه عبدالحفيظ (5) مسمات راحيله ڌيءُ عبدالحفيظ (6) نعمان حفيظ ولد عبدالحفيظ (مائنر) (7) مسمات مهوش حفيظ ڌيءُ عبدالحفيظ ڪوسو (مائنر) (8) زرڪون حفيظ ولد عبدالحفيظ (مائنر) (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 1 کان 8 ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي/ گارڊين جج قاضي احمد

بقايا 1 ثمر جتوئي

ٻڌايون ويندڙيون .هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌ جي زمين، پاڻي، وسيلن ۽ قومي حقن جي حفاظت هر سنڌي جي ذميواري آهي سنڌ هاري ڪاميٽي هميشه سنڌ جي حقن، هارين جي ڀلائي ۽ قومي مفادن لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي ۽ اڳتي به پنهنجي جدوجهد جاري رکندي .ثمر حيدر جتوئي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قسم جي سازش يا وراهست واري سوچ کي عوامي طاقت سان منهن ڏنو ويندو. هن زور ڀريو ته سنڌ جي تاريخي حيثيت، ثقافتي ورثي ۽ قومي سڃاڻپ جو تحفظ هر حال ۾ يقيني بڻايو ويندو ۽ سنڌ جي سالميت تي ڪو به سودو قبول نه ڪيو ويندو. هن سنڌ جي باشعور عوام، هارين، مزدورن، شاگردن ۽ مختلف سماجي طبقن کي اپيل ڪئي ته هو سنڌ جي حقن ۽ سالميت جي تحفظ لاءِ گڏيل آواز بلند ڪن ۽ اتحاد جو مظاهرو ڪن جيئن ايندڙ نسلن لاءِ سنڌ جو تاريخي تشخص محفوظ رهي سگهي. ڪامريڊ ثمرحيدرجتوئي چيو ته موجوده وقت ۾ پاڪستان تمام ڪمزور معاشي صورتحال سان گذري رهيو آهي آءِ ايم ايف سميت مختلف ملڪن کان قرض وٺي ملڪ کي هلايو پيووڃي ان حالت ۾ پاڪستان ۾ نون صوبن کي ٺاهڻ پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ آهي اهڙي قسم جابيان ڏئي ملڪ کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي وفاقي وزير محسن نقوي جي نون صوبن ٺاهڻ واري بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته سنڌهزارين سالن جي تاريخ رکندڙ ڌرتي آهي سنڌاها ڌرتي آهي جنهن پاڪستان ٺهڻ جي قراداد منظور ڪئي هئي وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته جنهن سنڌتوهان کي پاڪستان ڏنو اڄ ان سنڌکي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪريو ٿا اهو عمل افسوس ناڪ آهي اسان سنڌجا ڪروڙين سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتي امڙ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻون ٿا اسان ڌرتي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏينداسين ۽سنڌجي حفاظت ڪنداسين

بقايا 2 عمل خلاف احتجاج

نسيم احمد سيال ، شعيب نياز خاصخيلي ، غضنفر عباس جتوئي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته حاضري تي ايندڙ ماڻهن کي نيون تاريخون ڏئي واپس روانو ڪيو ويو. اسپتال جي ڊاڪٽرن پاران نسيم سيال جي فيملي کي هيراسان ڪرڻ موٽ مار ڌمڪيون ڏيڻ جي شديد مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين جي اهڙي غيرقانوني انساني حقن جي لتاڙ ڪرڻ وارو سلوڪ افسوس جوڳو ڪم آهي وڪيل سان ايڏي وڏي ناجائزي ڪئي وئي آهي ته عام ماڻهن سان ڇا حشر هوندو وڪيلن پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ صحت جي بين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿي ڪري ته جلد معاملي جو نوٽيس وٺي اسپتال جو لائسنس رد ڪري ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين خلاف سخت کان سخت ڪاروائي ڪئي وڃي .

بقايا 3 قتل

ڀاءُ رابيل وچ ۾ گهرو معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران مبينه طور رابيل خنجر جا وار ڪري محمد آصف کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو واقعي بعد وارث زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال کڻائي ويا، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. ذريعن موجب وارثن شروعاتي طور واقعي بابت پوليس کي اطلاع نه ڏني ۽ اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي شروع ڪئي ان سلسلي ۾ باهه پوليس ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته باهه لڳ ڳوٺ انب پور ۾ ٻن ڀائرن وچ ۾ گهرو مسئلي تان جهيڙو ٿيو جنهن دوران ننڍي ڀاءُ رابيل مبينه طور وڏي ڀاءُ محمد آصف تي خنجر جا وار ڪيا، جنهن سبب هو سخت زخمي ٿيو ۽ بعد ۾ لاڙڪاڻي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو سندس چوڻ هو ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 4 احتجاج

نتيجي ۾ بارڊانو ۽ کجور سان ڀريل 35 ٻورين سڙي خاڪ ٿي ويون هن چيو ته واقعي سبب کيس لڳ ڀڳ 5 لک رپين جو مالي نقصان پهتو آهي محمد سڪيل شنباڻي وڌيڪ ٻڌايو ته هن واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر ان ڪانپوءِ جوابدار کيس مسلسل موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن سندس چوڻ هو ته جوابدار بااثر ۽ سياسي پٺڀرائي رکندڙ آهن جڏهن ته هو هڪ غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهي، جنهن ڪري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيو آهي متاثر اختيارين، ضلعي انتظاميه ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ٿيل مالي نقصان جو ازالو پڻ ڪرايو وڃي ته جيئن کيس انصاف ملي سگهي.

بقايا 5 لطيف پليجو

اميدن کي قتل ڪيو آهي احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي ثابت قدم رهڻو پوندو سنڌ جي ٻين ضلعن جي نوجوانن کي به ميرٽ جي قتل خلاف جڙڻو پوندو سنڌ ۾ سي ايس ايس پاس ڪندڙ درجنين ايس ايس پي ۽ ڊي سيز آهن جيڪي اهل اقتدار جي گاڏين پويان ڊوڙن پيا. سنڌ ۾ 15/20 سالن کان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن نوجوانن جي خوابن کي ڪچليندڙ ۽ نيوڙيندڙ ادارو بڻجي ويو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ لڳندڙ ڏڏا سوديبازي جو کير ٿيو وڃن گهارو وياسين ناظر جوکئي لاءِ ته پئسا وٺي سودو ڪيو ويو دودو ڀيل لاءِ وياسين واپس آياسين ته پويان سودو ڪيو ويو نمرتا جي وارثن چيو ته اسان جو فيصلو پگهارن ڪندو مارئي جلباڻي جي ٻين واقعن تي چئون ٿا ته هاءِ پروفائيل ٿيڻ ڪانپوءِ سودا ٿيو وڃن پبلڪ سروس ڪميشن آڏو شاگرد ڄمي بيٺا آهن ڪئنالن خلاف رمضان ۾ سڄي سنڌ ۾ هلياسين پئي ته سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ڪوڙا اعلان ڪري جدوجهد کي ڌڪ هنيو ويو هاڻ نيو جلالپور ڪئنال وهي پيو گهڻا سال اڳ حيدرآباد ۾ عارب لوهار پنهنجي دوست لاءِ پريس ڪلب اڳيان ڄمي بيٺو ساٿي جندو ڄمي بيٺو ته پنهنجي پٽ جي قاتلن کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو هالا جي خطيجا چانڊيو ڪورٽن ۾ مقابلو ڪري پنهنجي پٽ جي قاتلن کي انجام تي پهچايو انڊيا ۾ انا هزاري حڪومت لوڏي ڇڏي انڊيا ۾ شاگرد بيهي رهيا ته حڪومت کي ڳوڏا کوڙڻا پيا. سنڌ جا شاگرد ڄمي بيهندا ته سنڌ گڏجي بيهندي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن رڳو توهان جو قاتل ناهي پبلڪ سروس ڪميشن کي حڪمران ڪاهيو آهي. نوجوان سياست سان نه جڙندا ته ڪرپٽ حڪمران انهن جو استحصال ڪندا رهندا. اياز لطيف پليجي چيو ته 15 سالن کان ڪرپشن جو حساب ورتو وڃي ورتل امتحانن جي انڪوائري ڪئي وڃي انڪوائري ڪميٽي ۾ شاگردن جي مرضي جا نالا شامل ڪيا وڃن هڪڙا ڪرپٽ ڪامورا ويندا ٻيا ايندا. ان ڪري انهن جي سرپرست کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو اياز لطيف پليجي چيو ته لکين ماڻهو دنيا تبديل نه ڪندا آهن. 2/3 ماڻهو اٿندا آهن ته سيني لاءِ اتساهه بنجي ويندا آهن آئون بلاول ڀٽو زرداري، آصف زرداري، سنڌ حڪومت کي چوندس ته هنن نوجوانن کي نظرانداز نه ڪيو اٿين نه ٿئي تاريخ توهان کي نوجوانن کي ڪچليندڙ طور ياد ڪري اياز لطيف پليجي چيو ته شهباز شريف، آصف زرداري، محسن نقوي ۽ خواجه آصف پاڻ ۾ ويهي فيصلو ڪن ٿا ته آهي ڪامياب آهن يا ناڪام آهن توهان تباهي جا ذميوار آهيو ۽ جيڪي توهان کي وٺي آيا آهن اهي ذميوار آهن توهان نئين اليڪشن ڪرايو گهر وڃو شفاف اليڪشن ڪرايو جيڪو کٽي اچي ان کي موقعو ڏيو اياز لطيف پليجي چيو ته محسن نقوي جهڙن ماڻهن کي حڪومت سان آڱر ملڪ نه هلندو عالمي سامراجي طاقتون هنن جي ڊڪٽيشن ڏئي رهيون آهن هن وقت ملڪ کي برابري جي ضرورت آهي بلوچستان ۽ ڪشمير ۾ باهه لڳي پئي آهي ته وري سنڌ ۾ باهه لڳائڻ چاهيو ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته ملڪ ۾ ڪير باهه ٻارڻ چاهي ٿو را ۽ عالمي سامراجي طاقتون ملڪ ۾ باهه ٻارڻ چاهين ٿيون ۽ توهان انهن جي هدايت تي هلي رهيا آهيو جاچ ڪيو ته محسن نقوي ڪنهن ڪنهن سان مليو ۽ انهن جون هدايتون ورتيون آهن

بقايا 6 برسات جو وسڪارو

فائديمند ٻڌائي پئي وڃي انهي ڪري آبادگار طبقو مطمئن ۽ خوش نظر اچي پيو

بقايا 7 ٿيڻ خلاف

وڃي عورتن جو چوڻ هو ته پاپوليشن کاتي سان لاڳاپيل آفيسرن مبينا طور نوڪرين جا آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ رشوت گهري رهيا آهن جڏهن ته جيڪي عورتون مبينا رشوت ڏيڻ کان انڪار ڪن ٿيون انهن جا آرڊر روڪيا وڃن ٿا ۽ کين نوڪري جا حق نه ڏنا پيا وڃن هنن چيو ڪجهه ڏينهن اڳ ڊپٽي ڪمشنر وٽ انٽر ويو ٿيا هئا ان ۾ ميرٽ تي پاس ٿي ويا آهيون ۽ ميرٽ جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته اسان تعليم ۽ قابليت جي بنياد تي نوڪري لاءِ اهل آهيون ۽ خالي جاين لاءِ مقرر ڪيل سمورا مرحلا مڪمل ڪري چڪا آهيون پر ان باوجود آرڊر جاري ڪرڻ ۾ دير ڪئي پئي وڃي. عورتن چيو ته رشوت ڏيڻ اسان جهڙين غريب عورتن لاءِ ممڪن ناهي، تنهن ڪري اسان کي نوڪري جي حق کان محروم ڪيو پيو وڃي. عورتن سنڌ حڪومت، پاپوليشن کاتي جي اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته 15 خالي جاين جا آرڊر بنا ڪنهن سفارش ۽ رشوت جي صرف ميرٽ جي بنياد تي جاري ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي عورتن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ آرڊر جاري نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائي ضلعي توڙي صوبائي سطح تي احتجاج ڪيو ويندو هنن ڪمشنر سکر کان مطالبو ميرٽ جي بنياد تي آرڊر جاري ڪري ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 8 رپورٽ طلب

حاجي خان عُرف حاجن سولنگي جي درخواست تي 22 اي جي درخواست داخل ڪئي وئي هُئي عدالت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سينئير قانوندان غُلام اڪبر پُنهون عٺيلي جا دليل ٻُڌڻ بعد نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا عدالت ۾ اي ايس پي ٺٽو عبدالله افضل ايس ايڇ او ٺٽو مظهر ڪنگو ايس ايڇ او ٺڪلي مُحمد جُمن ڪوسو ايس ايڇ او ميرپور ساڪرو فدا حُسين خاصخيلي ايس ايڇ او گهارو شهزاد الياس انچارج فائيو مدد گار پوليس مُسلم شيخ اي ايس آءِ فرمان پڪو انچارج بگهاڙ اي ايس آءِ مُنور پليجو انچارج پوليس ڪائون ٺٽو ايس آءِ پي مُراد ٻڪراڻي ايس ايڇ او ڪينجهر اسد آلاهي ايس ايڇ او جهرڪ نواب خان ايس ايڇ او ڪيٽي بندر مُحمد علي کوکر ايس ايڇ او گهاڙهي آفتاب جلباڻي انچارج پوليس اسٽيشن جنگشاهي ميان بخش ايس ايڇ او ڌابيجي عزيز عرف عزير پڪو ڊرائيور سي آءِ اي انچارج ٺٽو گلبهار پليجو گن مين ايس ايڇ او ٺٽو مير محمد گاڏهي ايس ايڇ او سجاول اي ايس آءِ عزيز الله چانڊيو سي آءِ اي ٺٽو پوليس اهلڪار ظفر علي هيڊ ڪانسٽيبل خدا ڏنو دوست محمد گابار وڏو مُنشي ٺٽو ٿاڻو سميت 200 کان 250 پوليس اهلڪار ۽ 20 کان 25 پوليس آفيسر اڻڄاڻن خلاف 22 اي جي درخواست داخل ڪئي وئي فريادي پاران موقف اختيار ڪيو ويو ته ڳوٺاڻا پنهنجي گهرن ۾ سُتل هُيا ته رات جو ساڍي 4 وڳي ڌاري پوليس هٿيارن سان ليس 60 کان 70 پوليس موبائيلن 4 کان 5 پوليس مزدا پڪ اپ، هيوي مشينري سان ڳوٺ ۾ داخل ٿي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري گهرن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو پوليس جي ڪهڙي ڪارروائي سبب عورتن ۽ ٻارڙن ۾ رڙيون پٽجي ويون پوليس آفيسر ڌمڪيون ڏيندا رهيا ته اڄ هنن کي سبق سيکاريو ۽ گهرن ۾ پيل سامان سونا زيور روڪ رقم 2 موٽر سائيڪل 6 ايل سي ڊيون 20 پنکا، 5 ڳئون 8 ٻڪريون 3 سلائي مشينون 15 ڪڪڙيون ڳوٺاڻن جا شناختي ڪارڊن سميت ٻيو سامان ڦُرلٽ ڪري کڻي ويا.

بقايا 9 قتل بارڙو مرٽينگ

تي ٺي مارجي ويا، جڏهن ته هڪ ٻار زخمي ٿي پيو پوليس موجب، واقعي بابت ٻن عورتن سميت 9 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 10 ۾ دريائي ٻوڏ

ڪيترائي ڳوٺ پاڻيءَ ۾ ڳوٺ صادق ڪلهوڙو،دوست محمد مگسيجو،صالح جا پڙ،جلال مگسيجو سميت هيٺيان علائقا پاڻيءَ وران کان علاوه اچڻ وڃڻ ۾ پاڻيءَ اچڻ سبب ڳوٺاڻا هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين پهچڻ لاءِ پاڻيءَ جهاڳي پهچن ٿا ٻوڏ جي پاڻيءَ سوين ايڪڙن تي بيٺل ترن جي فصلن کي ٻوڙي ڇڏيو ۽ انهن فصلن کان به هٿ ڌوئي ويٺا انسان ذات ۾ مختلف بيمارين جي وڌڻ جا به امڪان وڌي ويا آهن وبائي چوپائي مال ۾ پڻ بيمارين جو وڌڻ لازم ٿي ويو آهي لڳاتار ڪافي سالن کان دريائي ٻوڏ اچڻ جي ڪري هارين کي ڪاپاري نقصان به پهچي چڪو آهي ۽ هن وقت به ڪافي نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي علائقائي واسي سخت مشڪلن کي منهن ڏيڻ تي پاڻيءَ جي وهڪرن سان گڏ نانگ بلائن ۽ خون خار جانورن ۾ به واڌارو ٿي سگهي ٿو جيڪي ڳوٺاڻن لاءِ جان جي خطري جو سبب بڻجي سگهن ٿا گذريل سال به ڪيترائي ماڻهو جان جو نذرانو ڏئي چڪا آهن هوڏانهن يونين ڪائونسل راضيديرو ڪچو جي ڪيترن ئي هيٺاڻ ڳوٺن کي پاڻيءَ پنهنجي گهيري ۾ آڻي ورتو آهي ان جو هڪ سبب اهو به آهي جو سنڌو درياءَ ابتو وهڻ لڳو آهي پاڻيءَ ۾ تيزي هجڻ ڪري ۽ ڊنڊن ڊورا گهارا چيٽين به تار ٿي وهڻ لڳيون ضلعي انتظاميه نئين جون سڄيون ڪاٺي سنڌ علائقي واسي انتظاميه جي اوسيئڙي ۾ ويٺل جملي هن موجوده پاڻيءَ جي اچڻ ڪري تعلقو گمبٽ تعلقو ڪنگري گمبٽ تعلقو سوڀوديرو جي20 کان مٿي ڪچي جا ڳوٺ ۽ ادان جي آبادين جا ڪاچيل مختلف فصل به دريائي ٻوڏ جي ڪري تباهه ٿي ويا

بقايا 11 زرعي زمين خلاف احتجاج

چيو ته مذڪوره زمين سندن ابائي ملڪيت آهي، جنهن تي هو ڪيترن ئي سالن کان پوک ڪندا اچي رهيا آهن. پر هڪ هفتي اڳ جوابدارن هٿياربند ماڻهن جي مدد سان زرعي زمين تي قائم ڪمري جو تالو ٽوڙي زرعي سامان تي قبضو ڪيو ۽ اتي عورتن ۽ ٻارن کي بيهاري ڇڏيو.متاثرن موجب زمين جي مالڪي بابت سمورا قانوني دستاويز زرعي پاس بڪ فارم-7 ۽ هاري ڪارڊ موجود آهن. هنن وڌيڪ چيو ته گلشير ڪاڪا اڳ ئي وٽن کان 16 ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي، پر هاڻي سندن باقي زمين تي به ناجائز قبضو ڪري هڙپ ڪرڻ چاهي ٿو.هنن الزام هنيو ته واقعي بابت ڪوٽڙي پوليس کي شڪايت ڪرڻ باوجود پوليس وڪيلن جي دٻاءُ سبب قبضي ڪندڙن خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.عدنان قريشي ۽ ساٿين وڌيڪ چيو ته وڪيل گلشير ڪاڪا ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جامشورو جي جنرل سيڪريٽري نثار چانڊيو گذريل ٽن مهينن دوران مٿن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي چڪا آهن، جنهن خلاف هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ آئيني درخواست داخل ڪئي جتي عدالت جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙي رپورٽ طلب ڪئي آهي.هنن چيو ته هو ڪيترائي پيرا ايس ايڇ او ڪوٽڙي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايس پي جامشورو سان رابطو ڪري چڪا آهن، پر کين خاطريون ڪرايون وڃن ٿيون ۽ سندن شڪايتن تي ڪا به عملي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي.متاثرن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته کين قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا قبضو ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 12 احتجاج

الزام لڳايو ته منهنجي حصي جي زمين تي بااثر ڀاءُ ذوالفقار علي جوڻيجو ڳوٺ واسي بااثرن فياض لاڪير ۽ جواد لاڪير سان گڏجي گذريل 6 مهينن کان زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو آهي. حصو گهرڻ تان مون کي موٽمار ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن اهڙين شڪايتن بابت مان حد جي دوست علي بنگلا ٿاڻي جي پوليس سميت ايس ايس پي آفيس قمبر ۽ ڊي آءِ جي آفيس لاڙڪاڻو کي ڏنيون پر ان جي باوجود ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته بااثر ڀاءُ ۽ ٻين خلاف ڪارروائي ڪري زمين سان منهنجو حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 13 گرفتار ڪرڻ جي

۾ هڪ ڌاڙيل نادر علي شنبائي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سندن گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.ايس ايس پي موجب گرفتار زخمي ڌاڙيل چوري، ڦرلٽ، پوليس مقابلن ۽ ٻين سنگين ڏوهن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو. سندس قبضي مان هڪ پسٽل ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن هن خلاف مختلف ٿاڻن تي 15 کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن زخمي ڌاڙيل کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارکان وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 14 سلسلو جاري

مذهبي، ادبي ۽ وڪيل تنظيمن جي اڳواڻن علامه راشد محمود سومرو، طاهر محمود سومرو، مولانا محمد صالح انڍڙ حافظ عبدالحميد مهر مولانا محبت علي کهڙو سردار ذوالفقار خان جيهو مخدوم سڪندر علي مخدوم محمد صالح سيد رضوان علي شاهه سيد شاهد حسين شاهه مير لياقت علي خان رند، مولانا عبدالوهاب ڏهر عبدالشڪور ڀٽو عبدالستار ڀٽو نيڪ محمد ڀٽو عبدالقدير گهانگهرو بخش علي ڀٽو ناياب خان ڀٽو زبير احمد ڀٽو ۽ ٻين ميرپور ڀٽو پهچي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت توڙي بلند درجات لاءِ دعا گهري.

بقايا 15 پلان جوڙيو ويو

پوليس اهلڪار پڻ شامل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته چهلم شهداء ڪربلا جي شروعات کان پڄاڻي تائين 8 ڊي ايس پيز 8 انسپيڪٽس 30 سب انسپيڪٽس 50 اي ايس آئيز 150 هيڊ ڪانسٽيبل ۽ 1753 ڪانسٽيبل مختلف امام بارگاهن ۽ ماتمي جلوسن جي رستن تي پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا. جڏهن ته پاڪ فوج ۽ سنڌ رينجرز جا آفيسر ۽ جوان پڻ هر وقت سيڪيورٽي ڊيوٽين لاءِ موجود هوندا. سيڪيورٽي آرڊر موجب ڪنهن به اڻ وڻندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس هيڊڪوارٽر لاڙڪاڻي ۾ اينٽي رائٽ ريزرو پلاٽونز کي به اسٽينڊ باءِ رکيو ويو آهي مرڪزي ماتمي جلوسن جي گذرگاهن تي موجود اوچين عمارتن تي جديد دوربينن سان ليس ماهر اسنائيپر مقرر ڪيا ويندا. سڄي صورتحال جي نگراني لاءِ پوليس ۽ سول انتظاميه جو گڏيل ڪنٽرول روم قائم ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻي ۾ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي ان سان گڏ سمورن مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جي سي سي ٽي وي نگراني ۽ وڊيو رڪارڊنگ کي يقيني بڻائڻ جا به حڪم جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 16 ڪارنر گڏجاڻيون

30 پاڪستان پيپلزپارٽي جي نامزد اميدوار ٻئريسٽر شهر يار ڪرل جا طوفاني دورا ڪارنر گڏجاڻيون عوام پاران گلن جي ورکا ڪري آجيان ڪئي وئي سگهيون پرسان ڳوٺ ڇتو فقير لک ۾ سرائي نور احمد لک طرفان گلن جي ورکا ڪري آجيان ڪئي وئي ڳوٺ سيد وريل شاهه بخاري پيپلزپارٽي جي سابقا صدر سيٺ الهورايو خان چنا يوسي چيئرمين جميل احمد چنا آصف علي اختيار علي چنا سيٺ خميسو خان چنو سيد قربان علي شاهه جن پي ايس 30 جي اميدوار کي آجياڻو ڏنو جنهن کان پو حاجي واحد بخش چنا ۾ حاجي واحد بخش خان چنا ۽ مظهر علي چنا ۽ ڳوٺ وريام خان سيال ۾ سرائي شهبان علي سيال طرفان پي پي اميدوار اسفند يار ڪرل جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو مٿس گلن جي ورکا ڪري بوسڪي جو پٽڪو ٻڌرائي آجيان ڪئي وئي جنهن ۾ پي پي جي سينيئر سيد ڪاظم علي شاهه لکياري، سرائي لياقت علي خان سيال يوسي سگهيون جي وائيس چيئرمين لياقت علي خان قريشي سرائي لعل بخش سيال ميان اسد □ چنا، عبدالرحمان چنا، گلاب علي سيال، حاجن چنا، سڪندر علي سيال، صدام حسين سيال محمد شريف سيال رانجهن سيل چنيسر سيال صوبن سن سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پي پي اميدوار اسفند يار ڪرل چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي توهان کي اپيل آهي ته جيئن توهان چاچا نعيم احمد ڪرل سان محبت ڪندا هئا ۽ ان کي سدائين ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندا هئا اميد ته ائين ئي 16 آگسٽ تي تير تي ٺپو هڻي منهنجي ڪاميابي يقيني بڻائيندا ۽ آئون ڪامياب ٿي هتان جي عوام جي خدمت ڪندس ڳوٺاڻن پاران ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو

بقايا 17 ڪرڻ جي دعويٰ

ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري ورتا، جڏهن ته هڪ جوابدار غلام حيدر سولنگي کي گرفتار ڪيو ويو آهي .ايس ايس پي موجب ڊي ايس پي گمبٽ صغير احمد ميمڻ جي نگراني ۾ ايس ايڇ او شاهه لطيف ۽ ايس ايڇ او گمبٽ گڏيل ڪارروائي ڪئي هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار غلام حيدر سولنگي ڪجهه ڏينهن اڳ شاهه لطيف ٿاڻي جي حدن ۾ هڪ عورت کان 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور ڦر ڪري فرار ٿي ويو هوپوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته هٿ آيل رقم ۽ سون جا زيور اصل مالڪن حوالي ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي امير سعود مگسي ڪامياب ڪارروائي تي پوليس فورس کي شاباسي ڏيندي سندن ڪارڪردگي کي ساراهيو

بقايا 18 ڪري ٻڏي فوت

چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندن طبعي معائنو ڪندي ٽنهي نينگرن جي موت جي تصديق ڪئي جنهن تي وارث معصوم ٻارڙن جي لاشن مٿان اوڇنگارون ڏئي روئيندا رهيا. ان موقعي تي ٻڏي فوت ٿي ويل ٻارڙن جي وارثن ميڊيا آڏو ٻڌائيندي چيو ته اسان جا ٽئي نينگر روڻبي لاءِ ويل پنهنجي ڀائٽين کي صبح جي ماني ڏئي واپس گهر اچي رهيا هئا ته رستي ۾ پاڻيءَ جي کڏ ۾ پير ترڪڻ سبب ٽئي نينگر پاڻيءَ جي کڏ ۾ ڪري پيا جنهن جي نتيجي ۾ ٽئي ٻڏي فوت ٿي ويا. واقعو پيش اچڻ تي اسان ڪافي پيرا ايمبولينس جي لاءِ 1122 جي نمبر تي ڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنهن به فون اٽينڊ نه ڪئي ۽ نه ئي فوري طور 1122 جي ايمبولينس واقعي واري هنڌ پهتي جنهن ڪري اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽنهي نينگرن جا لاش ڪلهن تي کڻي اسپتال پهتا آهيون پر ريسڪيو1122 وارن اسپتال سان لاش گهر منتقل ڪرڻ لاءِ به ايمبولينس نه ڏني جنهن ڪري اسان خانگي ايمبولينس وارن کي 3 هزار رپيه ڏئي لاش ڪلهاڻي ڳوٺ وڃي رهيا آهيون هنن مطالبو ڪيو ته ريسڪيو1122 جي اداري کي بهتر بڻائي مستقبل ۾ پيش ايندڙ حادثن ۽ واقعن جي متاثرن جون جانيون بچايون وڃن ٻئي طرف ضروري ڪارروائي بعد ٽنهي نينگرن جا لاش وارث خانگي ايمبولينس ذريعي ڪلهاڻي ڳوٺ روانا ٿي ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو آهي .

بقايا 19

ڪندڙن شمس انصاري، منصف ڪوسو شاهجهان پرڳڙي، شيراز چاچڙ نصيب الله بجاراڻي ايس گولو شائق ڏاهاڻي فرمان علي سلفاڻي فدا باجڪاڻي سهيل چانهو شعيب، عدنان سهرياڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جهڙي اداري کي تڪراري بڻائي سنڌ جي نوجوانن جي مستقبل سان کيڏيو ويو آهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سال 2024ع جي امتحانن جا تڪراري نتيجا جاري ڪري ميرٽ جي لتاڙ ڪري ڪيترن ئي نوجوانن جي اميدن تي پاڻي هاريو ويو آهي اهڙي عمل خلاف اڄ پوري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي. اسين احتجاج ڪندڙ شاگردن سان اڄ ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ چاهيون ٿا ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي هڪ بااختيار ادارو بڻايو وڃي ته جيئن ميرٽ جي بنياد تي نوجوانن کي نوڪريون ملي سگهن لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ شفافيت، احتساب ۽ ميرٽ نوجوانن جي حقن جي تحفظ ۽ عوامي اعتماد جي بحالي لاءِ لازمي آهن اسين مطالبو ٿا ڪيون ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سال 2024ع جي امتحان بيهر ورتا وڃن مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ ڪري ملوث آفيسرن ۽ عملي کي قانون موجب سزا ڏئي ميرٽ تي ٻڌل شفاف پبلڪ سروس ڪميشن قائم ڪئي وڃي

بقايا 20 جي دعويٰ

موجب گرفتار جوابدار خلاف 22 ڊسمبر 2025ع تي سگاروتي تڪرار تان برڪت پتافي، حضور بخش پتافي ۽ اصغر پتافي جي قتل جڏهن ته ڪريم بخش پتافي، علي نواز پتافي ۽ حبيب الله پتافي کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيل هو ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ڪامياب ڪارروائي تي خانپورمهر پوليس ٽيم کي شاباسي ڏيندي وڌيڪ اهڙين ڪارروائين جاري رکڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 21 مڪمل ڪيا ويا

ويون آهن سمورن ووٽرن لاءِ گڏيل طور تي چار ڪمبائنڊ پولنگ بوٿ قائم ڪيا ويندا. ذريعا: اليڪشن ڪميشن مجموعي طور آزاد جمون ۽ ڪشمير سان تعلق رکندڙ 40 مرد ۽ 25 عورتون ووٽر پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪندا انتظاميا پاران سڀاڻي ٿيندڙ چونڊن لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

بقايا 22 نظام درهم برهم

هنڌن تي بجلي جي فراهمي پڻ متاثر ٿيڻ جون اطلاعون مليون آهن برسات جي ڪري ضلعي اندر مواصلاتي نظام به درهم برهم ٿي ويو آهي جنهن سبب شهري ۽ مسافر سفر دوران تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن انتظاميا شهرين کي غيرضروري سفر کان پاسو ڪرڻ ۽ برسات دوران احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي موسميات کاتي موجب برسات جو هي سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي خاص احتياط ڪرڻ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي آهي

بقايا 23

اسان جي احتجاج کي اڄ 405 ڏينهن گذري چڪا آهن پر هن وقت تائين ڪو به چونڊيل نمائندو اسان وٽ ناهي پهتو ۽ نه ئي انتظاميه طرفان مسئلن جي حل جي ڪا خاطري ڪرائي وئي آهي پر ان جي باوجود اسان جا حوصلا بلند آهن ۽ اسان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ مرڻ گهڙي تائين احتجاج ڪنداسين هنن چيو ته تعليم کاتو 97 هزار کان وڌيڪ استاد ڀرتي ڪيا آهن جنهن ۾ 24 کان 25 هزار فيميل اميدوار 32 کان 33 مارڪن وارن کي نوڪريون ڏنيون ويون جنهن جو تعلق وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ تعليم جي وزير سردار شاهه جي علائقن سان هو باقي اسان لاڙڪاڻي وارا ميرٽ پاس 40 پلس اميدوارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اسان بلاول ڀٽو جي تڪ جا آهيون شهيدن جي شهر جا آهيون پ پ پ جا ورڪر سپورٽر پڻ آهيون پو به اسان سان ساٿيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري وڏي ناانصافي ڪري اسان جي حقن تي ڏاڙو هنيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ٽائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي. جيڪڏهن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان جلد ڪو مثبت ۽ عملي فيصلو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ايندڙ مرحلي ۾ نئون ديرو هائوس، شهيدن جي مزار ۽ انڊس هاءِ وي تي پرامن احتجاجي ڌرڻا هنيا ويندا. جڏهن ته اڄ 2 آگسٽ تي سنڌ جي سمورن پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران بلاول هائوس اڳيان پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 24 ريٽائرمينٽ جو حڪم

ڪناسرو کي جبري ريٽائرمينٽ جي سزا ٻڌائي ميمبر انسپيڪشن ٽيم موجب، جاچ دوران سينيئر سول جج خلاف ڪرپشن ۽ بدعنواني جا الزام ثابت ٿيا. ڪيس جي تفصيلي جاچ انڪوائري آفيسر جسٽس شمس الدين عباسي ڪئي بيان موجب، مجاز اٿارٽي جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جج کي ملازمت مان برطرف ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي. جڏهن ته چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سمورا قانوني مرحلا مڪمل ڪرڻ ۽ ڌرين جو موقف ٻڌڻ کان پوءِ جبري ريٽائرمينٽ جي سزا مقرر ڪئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جاري ڪيل حڪم فوري طور لاڳو ڪيو ويو آهي

بقايا 25 اسٽيشن قائم

ٻن رجسٽرڊ ووٽرن ۾ سميعه پروين ۽ سائره بانو شامل آهن.

بقايا 26 چيئرمين مرٽينگ

امداد سيال فوت ٿي ويو آهي ، اهڙي اطلاع ملڻ تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي کڻائي وئي، جتي ڊاڪٽرن پاران علاج لاءِ کيس ڪراچي ريفر ڪيو ويو جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ وارث ڪراچي کڻائي ويا آهن ، جڏهن ته حادثي ۾ ڪار مڪمل طور تباهه ٿي وئي پوليس ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالواحد بروهي کي گرفتار ڪري ٽريڪٽر ۽ ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي هوڏانهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او شهيد الاهي بخش سيال اظهر جهڄيال ميڊيا کي ٻڌايو ته گذريل رات دير سان ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ لاڙڪاڻو خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪار جو بوهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار يوسي انور آباد جو چيئرمين نديم اڪبر سيال سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس سئوٽ نوجوان انصاف ولد مرحوم ڊاڪٽر امداد سيال فوت ٿي ويو آهي ، اهڙي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي کڻائي وئي، هن وڌيڪ ٻڌايو ته فوتي نوجوان ۽ زخمي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جا ويجها عزيز پڻ آهن حادثي ۾ ڪار مڪمل طور تباهه ٿي وئي آهي ، ٽريڪٽر ڊرائيور عبدالواحد بروهي کي گرفتار ڪري ٽريڪٽر ۽ ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي هوڏانهن فوتي نوجوان جو مڙهه جنازي نماز بعد مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ، جنازي نماز ۾ اڳوڻي صوبائي وزير سهيل انور سيال ،پ پ اڳواڻ منور خان سيال، طارق انور سيال، ڏڙي ڪائون چيئرمين شاهه رخ سيال،ڪي ايم آر ڪائون ڪاميٽي آريجا محمد خان سيال ڊاڪٽر جان امداد سيال ۽ ٻين سميت سيال برادري جي ماڻهن توڙي سياسي سماجي اڳواڻن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 27 شهر جو دورو ڪيو

مير بنگل خان مهر سان تعلقي چيئرمين خانڳوهه حاجي عبدالرزاق خان مهر پڻ گڏ هيو..

بقايا 28 قتل ڪري ڇڏيو

ٻڌايو ته اسان سڪرنڊ کان ڳوٺ بلاول راهو وڃي رهيا هئاسون ته نامعلوم ڦورن اسان کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي نامعلوم ڦورن اسان مٿان فائرنگ ڪئي جنهن سبب نور داد گولين لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو هوڏانهن فوتي جو لاش ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 29 هٿ، وارثن ۾ ڪهرام

امڙ ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته پوليس تي الزام هڻندي چيو ته منهنجو پٽ روهڙي ڪينال تي سال چارڻ ڏنار لاءِ ساٿي کڻي وڃي رهيو هيو ته پوليس اهلڪارن عبدالجبار ڪلهوڙو عابد ڪلهوڙو ۽ ٻين کيس کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته نادر ڪلهوڙو روهڙي ڪينال ۾ خوف ۾ ٽپ هنيو جيڪو ٻڏي ويو ڪافي ڳولا باوجود هن هاڻ مليو آهي.. هن وڌيڪ چيو ته پوليس اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.جڏهن ته ڌارو اسان جي چاچي معشوق ڪلهوڙي کي 16 جولائي تي پرياسٽي ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر مسمات مختيار ڪلهوڙي جي درخواست تي گهرائي ان مٿان بنا جواز چرس جو ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن جو پوليس ليٽر پڻ موجود آهي هنن اعلي اختيارين کان پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ پوليس جي ظلمن کان بچايو وڃي.

بقايا 30 احتجاج جاري

۾ نصيرآباد جي وڏي آبادي هيٺين طبقي جي آهي جيڪي هن ڪهر جي گرمي ۾ پورهيو ڪري پنهنجي گهر جي چلهه ٻاريندا آهن ان کان نصيرآباد سيپڪو جا ڪيل وارا هر مهيني هزارين رپيا ڀتو وصول ڪن ٿا پر صورتحال اها جو پورهيت لڳاتار هڪڙو ڪلاڪ به آرام نه ٿا ڪن هنن چيو سيپڪو انتظاميا پنهنجي پرائيويٽ ملازمن هٿان ٽرانسفارمر ساڙائي ڏنڊو ڪري رهي آهي اڳواڻن چيو ته بجلي عوام جو بنيادي حق آهي جيڪو هر ماڻهو کي ملڻ گهرجي، هنن گهر ڪئي ته سڙيل ٽرانسفارمر تبديل يا ٺهرائي لڳايا وڃن ٽرانسفارمرن تي ڀتاخوري بند ڪئي وڃي ۽ سمورن پاڙن ۾ ايل ٽي بحال ڪئي وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيستائين مسئلا حل نه ٿيندا تيستائين جدوجهد جاري رهندي

بقايا 31 باهه ڏيڻ جا الزام

۾ چڪتاڻ پيدا ٿي ۽ رات دير سان سندن گهرن تي هٿياربند حملو ڪيو جتي ڪهاڙين ۽ ٻين هٿيارن سان تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ڪاظم ملاح ۽ اڪبر ملاح زخمي ٿي پيا خادم ملاح وڌيڪ الزام هنيو ته علائقي جي معززين ڏاهه جون ڪوششون ڪيون پر ان جي باوجود جامشورو اي سيڪشن ٿاڻي تي سندس سندس پٽن سميت اٺ ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هن دعويٰ ڪئي ته بعد ۾ سندن گهر تي ٻيهر حملو ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي وئي قيمتي سامان کنيو ويو ۽ رات جي وقت گهرن کي باهه ڏئي وڏي مالي نقصان پهچايو ويو هن چيو هو ٻي گهر ۾ سخت خوف واري ماحول ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن هنن ايس ايس پي جامشورو ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان واقعي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي حملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي.هوڏانهن ايس ايڇ او اي سيڪشن رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته جهيڙي جو ڪيس داخل ٿيل آهي هڪ ڌر گرفتار ٿيل آهي فريادي کي زخمي ڪيو ويو اسان ڪنهن جي به ڌر ناهيون جاچ هلندڙ آهي

بقايا 32 مسافرن جو احتجاج

آهيون.پوليس موجب هڪ اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي آهي مذڪوره ڪوچ ايراني تيل اسمگل ڪندا آهن جنهن ڪري ڪيس پنهنجي تحويل ۾ورتويو آهي اخري اطلاع تي ڪوچ ڪيس وغيره داخل ڪرڻ ڪيو ويو آهي

بقايا 33 ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪلهوڙو ۽ ٻين ڪئي تقريب دوران جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 36هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ اڳواڻن توڙي ڪارڪنن پاران هڪ ٻئي کي مٺائي کارائي سالگرهه جون مبارڪون ڏنيون ويون تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جو فلسفو ۽ فڪر ئي مظلوم ۽ پورهيت طبقي جي حقيقي فلاح ۽ بقا جو ضامن آهي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي وڏن جي فڪري ورثي ۽ اصولن واري سياست کي اڳتي وڌائي رهيو آهي ۽ هو مظلوم عوام جو آئيندو ۽ اميد آهي اسان شهيدن جي رت سان وفاداري ڪندي فڪرِڀٽو ۽ پي پي پي (شهيد ڀٽو) جي پيغام کي عوامي سطح تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين تقريب جي آخر ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي صحت، سلامتي ۽ ڊگهي عمر لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي. تقريب ۾ پارٽي ڪارڪنن شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ سينگار نوناري، شهرين ۽ مقامي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 34 احتجاجي مظاهرو

ٽوڙي سخت گرمي ۾ ڪمري اندر بند ٿيل وڪيل کي ٻاهر ڪڍيو هنن چيو ته واپڊا جي ايس ڊي او پنهنجي عملي سان ملي ڪري وڪيل سان اڻڱو رويو اختيار ڪري کين حراسان ڪيو آهي ٻئي پاسي واقعي خلاف واپڊا جي ملازمن پاران پريس ڪلب اڳيان وڪيلن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي ايس ڊي او نثار چنا ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ وڪيل نعيم ارشد جي گهر جي ڊائريڪٽ هلندڙ بجلي اسان ڪٽي آيا هئاسين جنهن بعد اڄ وڪيل آفيس پهچي منهنجي آفيس اندر ويهي هنگامو شروع ڪري ڏنو جنهن بعد مون پوليس کي اطلاع پڻ ڪيو پر وڪيل برادري به وڏي انگ ۾ منهنجي آفيس پهچي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ بعد واپڊا جي عملي خلاف گندا لفظ ڳالهائيندي هڪ ملازم جو موبائيل ۽ رقم پڻ کڻي ويا آهن جڏهن ته واقعي بعد حيسڪو پاران احتجاجن ضلعي جي سمورن فيڊرن جي بجلي بند ڪري ڇڏي وڪيل برادري جي اهم اڳواڻن جي مداخلت تي ايس ڊي او نثار چنا پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڊسٽرڪٽ بار ڪنڊياري پهچي وڪيل برادري سان ڳالهين بعد ٻنهي ڌرين پاران تڪرار ختم ڪري ڇڏيو ۽ بجلي بحال ڪئي وئي

بقايا 35 پوليس پاران جاچ

نقصان هٿياربندن رات بئنڪ جي دري، شيشن ۽ ديوار تي گوليون هلائي فرار ٿي ويا، شهر ۾ خوف ڇانئجي ويو .ڊي ايس پي گڙهي ياسين وسيم رضا ۽ ايس ايڇ او هدايت الله ٺنداڻي بئنڪ پهچي بئنڪ تي مقرر گارڊن ۽ پوليس عملدارن کان معلومات ورتي بئنڪ ۽ آسپاس جي گهٽين مان سي سي ٽي وي فوٽيج ورتا، ڊي ايس پي گڙهي ياسين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته فائرنگ جي جاچ ڪري رهيا آهن جلد فائرنگ ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪيا ويندا

بقايا 36 ڪوٽ خلاف احتجاج

هڙتال دوران چيو ته کين جون مهيني ۾ پاڻي فراهم ڪرڻ جون خاطريون ڪرايون ويون جنهن تي هنن هائبرڊ ٻج جي پوکائي ڪئي پر پاڻي نه ملڻ سبب سندن فصل سڪي ويا ۽ ڪروڙين رپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو بدين پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال جي موقعي تي حاجي محمد حنيف خاصخيلي محمد هاشم منڊرو سڪندر علي منڊرو فشر فوڪ فورم ضلعي اڳواڻ محمد عمر ملاح محمد قاسم ٻجو رجب ملاح مير محمد ملواڻي غلام رسول لنڊ الهورايو منڊرو اسحاق منڊرو علي بخش جمالي مبارڪ لنڊ رشيد ورڻ اختر منڊرو مصطفيٰ منڊرو ۽ ٻين چيو ته هو مسلسل آبپاشي عملدارن سان رابطي ۾ رهيا پر سندن ڏانهن نه ٻڌي وئي هنن الزام هنيو ته آبپاشي کاتي جي عملدارن معين علائقن ٽنڊو محمد خان ۽ ماتلي ۾ پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪيو جنهن سبب ميرواهه سورجهر مورائڊي پائيري جڪيجي قاضيا ۽ پرياسي جي ساموئڊي پٽي ۾ نه رڳو زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ پيدا ٿي پر پيئڻ جو پاڻي پڻ اڻلڀ بڻجي ويو هنن وڌيڪ چيو ته ميرواهه تلهار تي هلندڙ ري ماڊلنگ اسڪيم جو ڪم پڻ ڪرپشن ۽ مبينا بي ضابطگين سبب رولڙي جو شڪار بڻيل آهي جڏهن ته ٺيڪيدار به مشينري واپس کڻي ويا آهن جنهن ڪري ترقياتي ڪم مڪمل طور متاثر ٿيو آهي متاثر آبادگارن سنڌ جي وڏي وزيرصوبائي وزير آبپاشي ۽ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪرپٽ عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي کين عهدن تان هٽايو وڃي ۽ متاثر آبادگارن کي پاڻي فراهم ڪري سندن نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 37 ۾ لاڏائو ڪري ويو

سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سندس پونيرن علي گوهر جوڻيجو،ذوالفقار علي حافظ ثنا الله جوڻيجو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 38 نه ٿيڻ خلاف

يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته نصيرآباد جهڙي علمي شهر ۾ پبلڪ لائبريري جو غيرفعال هجڻ نوجوانن جي علمي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي هنن چيو ته اڄ مقابلي وارن امتحانن جي تياري ڪندڙ شاگرد جديد ڪتابن، انٽرنيٽ ۽ مطالعي جي ٻين ضروري سهولتن کان محروم آهن جڏهن ته لائبريري جي نئين عمارت جو رهيل ڪم به اڃا تائين مڪمل نه ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ لائبريري کي فوري طور فعال بڻايو وڃي، رهيل تعميراتي ڪم مڪمل ڪيو وڃي ۽ نوان ڪتاب، لائبريرين، انٽرنيٽ، فرنيچر سميت سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا جلد قبول نه ڪيا ويا ته علامتي بک هڙتال کانپوءِ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 39 جو پهريون وسڪارو

علائقن ۾ سخت گرمي کان پوءِ تيز برسات جو وسڪارو ٿيو جنهن سبب گرمي جو زور ٽٽي ويو ۽ موسم خوشگوار بڻجي وئي برسات سبب ڪيترائي بجلي جا فيڊر ٽرپ ٿي ويا جنهن جي ڪري بجلي جو نظام درهم برهم ٿي ويو جڏهن ته برسات سبب هيٺيان علائقا پڻ پاڻي هيٺ اچي ويندا جنهن سبب فصلن کي نقصان پهچڻ جو انديشو وڌي ويو آهي، سخت گرمي کان پوءِ برسات جي وسڪاري بعد گرمي جا ستايل ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪري آيا جڏهن ته موسم خوشگوار ٿي وئي

بقايا 40 گهر ۾ ڪهرام

تي ٿي دم ڏئي ڇڏيو فوتي عورت جي وارثن واقعي بابت ميڊيا آڏو پنهنجو موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ضلعي اسپتال نوشهروفيروز منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي جڏهن ته وڌيڪ حقيقتون جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ سامهون اينديون هوڏانهن فوتي عورت جو لاش اباڻي ڳوٺ جيئندو ڪلهوڙو آندو ويو جتي سندس تدفين ٿي ڳوٺ ۾ ماحول سوڳوار ٿي ويو

بقايا 41 فراري اين سي داخل

۾ چڙهي فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ متاثر شهري پوليس اسٽيشن راڃي پور تي اطلاع ڏني جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ مختلف پاسن کان جاچ جاري آهي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ ڳولا ڪئي پئي وڃي

بقايا 42

جنهن کانپوءِ متاثر نينگري جي وارثن انصاف جي گهر ڪندي مک جوابدار جي فوري گرفتاري ۽ سخت سزا جو مطالبو ڪيو آهي واقعي بعد پوليس ڪيس داخل ڪري ڪارروائي شروع ڪئي جڏهن ته هڪ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن متاثر نينگري جي والد قربان سومرو موجب هو گهر آيل مهمانن کي هوٽل تي ماني کارائڻ ويو هو ان دوران مک جوابدار هدايت الله عرف هزار خان سومرو مبينا طور سندس نينگري مومل سومرو کي بهاني سان پنهنجي گهر وٺي وڃي ساڻس ڏاڍائي ڪئي هن الزام هنيو ته واقعي کانپوءِ مک جوابدار فرار ٿي ويو جڏهن ته سندس مائٽ شڪور احمد ۽ بخت علي سومرو گهر پهچي کين ڪيس داخل نه ڪرائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون هن مطالبو ڪيو ته سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي واقعي بعد نينگري کي طبي معائني لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر جئي پرڪاش موجب شروعاتي طبي معائني دوران نينگري سان مبينا ڏاڍائي جا ثبوت سامهون آيا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ لاءِ ضروري نمونا ورتا ويا آهن جن جي فرانزڪ ۽ ميڊيڪل رپورٽن کانپوءِ حتمي حقيقتون واضح ٿينديون پوليس موجب متاثر نينگري جي والد قربان سومرو جي فرياد تي اسٽوٽ گنج ٿاڻي تي مک جوابدار هدايت الله عرف هزار خان سومرو، شڪور احمد سومرو ۽ بخت علي سومرو خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي ڪلم 376(3)، 377- B ۽ 506(2) تحت ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي هوڏانهن ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي اي ايس پي سٽي محمد آصف جي سربراهي ۾ خاص ٽيم جوڙي، واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن جي گرفتاري يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون اي ايس پي سٽي محمد آصف جي نگراني هيٺ ايس ايڇ او اسٽوٽ گنج پنهنجي ٽيم سان گڏ ڏارو پور پاڙي ۾ ڪارروائي ڪندي ڪيس ۾ نامزد جوابدار شڪور سومرو کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ٻين نامزد جوابدارن جن ۾ مک جوابدار هدايت الله عرف هزار خان سومرو پڻ شامل آهي جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن اي ايس پي محمد ڪليم چيو آهي ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ واقعي ۾ ملوث هر جوابدار کي قانون موجب گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو. پوليس جو چوڻ آهي ته حتمي نتيجا ميڊيڪل ۽ فرانزڪ رپورٽن جي روشني ۾ سامهون ايندا. جڏهن ته متاثر خاندان کي مڪمل قانوني تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو ويندو

بقايا 43 ڪيو آهي: ڊي سي

۽ امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل انتظامن رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I رياض احمد شيخ، چيف ميونسپل آفيسر غلام قادر ٿهيم ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي، صحت کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته سال 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ مان حاصل ٿيل تجربن جي روشني ۾ ضلعي خيرپور لاءِ هڪ جامع رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ بروقت ۽ اثرائتا قدم کڻي سگهجن بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته سال 2022ع جي مون سون دوران ضلعي خيرپور ۾ غيرمعمولي برساتن ٿيون جنهن سبب 73 هزار کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿيا جڏهن ته زرعي زمينن، بيٺل فصلن خاص طور تي کجين جي باغن ۽ مال مويشن کي سخت نقصان پهتو تعلقي فيض گنج خيرپور ۽ ميرواهه ۾ سڀ کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته متاثرن جي امداد لاءِ ضلعي اندر 269 رليف ڪئمپون قائم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي جڏهن ته سال 2022ع جي ٻوڏ دوران انهن ئي ڪئمپن ۾ 73 هزار 294 متاثر ماڻهن کي رهائش ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون ويون هيون اجلاس ۾ صحت جي سهولتن جو پڻ جائزو ورتو ويو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي خيرپور ۾ 204 سرڪاري صحت مرڪز فعال آهن جن ۾ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز(GIMS)، ضلعي ۽ تعلقا اسپتالون ۽ 169 بنيادي صحت مرڪز (BHUs) شامل آهن انهن ادارن ۾ مجموعي طور 1,413 بسترا 597 ڊاڪٽر ۽ 62 ايمبولينسون موجود آهن اجلاس ۾ ضلعي جي اهم حفاظتي بندن هيٺاهين ۽ حساس علائقن، خاص طور تعلقي خيرپور ۽ سوڀوديرو جي ڪيترين ئي يونين ڪائونسلن جو پڻ جائزو ورتو ويو ان کان علاوه شهري علائقن سان برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ 15 پمپنگ اسٽيشنن جي گنجائش ۽ ڪارڪردگي بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هو مون سون جي موسم دوران مڪمل الرٽ رهن، سموري مشينري، عملي ۽ هنگامي وسيلن کي هر وقت تيار رکن ۽ پاڻ ۾ رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ته جيئن ڪنهن به امڪاني قدرتي آفت جي صورت ۾ بروقت امدادي ڪارروايون يقيني بڻائي سگهجن هن چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي ۽ سڀئي ادارا گڏيل حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون نڀائين

FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

Aga Khan Road Sector F-5/1, Islamabad. Website: www.fpsc.gov.pk

URAAN PAKISTAN

F.1/4/2026-T&S-Coord.
(Phase-II/2026)

PUBLIC NOTICE

Islamabad the 17th July, 2026

SUBJECT: CONDUCT OF GR CONSOLIDATED ADV. NO. PHASE-2/2026 TESTS & SECTION OFFICERS PROMOTIONAL EXAMINATION (SOPE-2026)

Federal Public Service Commission will hold exams/ tests in the following cases **from 07.8.2026 to 13.8.2026:-**

GR PHASE-2/2026

1.	F.4-64/2026-R	**12.**	F.4-75/2026-R	**23.**	F.4-86/2026-R	**34.**	F.4-97/2026-R
2.	F.4-65/2026-R	**13.**	F.4-76/2026-R	**24.**	F.4-87/2026-R	**35.**	F.4-98/2026-R
3.	F.4-66/2026-R	**14.**	F.4-77/2026-R	**25.**	F.4-88/2026-R	**36.**	F.4-99/2026-R
4.	F.4-67/2026-R	**15.**	F.4-78/2026-R	**26.**	F.4-89/2026-R	**37.**	F.4-100/2026-R
5.	F.4-68/2026-R	**16.**	F.4-79/2026-R	**27.**	F.4-90/2026-R	**38.**	F.4-101/2026-R
6.	F.4-69/2026-R	**17.**	F.4-80/2026-R	**28.**	F.4-91/2026-R	**39.**	F.4-102/2026-R
7.	F.4-70/2026-R	**18.**	F.4-81/2026-R	**29.**	F.4-92/2026-R	**40.**	F.4-103/2026-R
8.	F.4-71/2026-R	**19.**	F.4-82/2026-R	**30.**	F.4-93/2026-R	**41.**	F.4-104/2026-R
9.	F.4-72/2026-R	**20.**	F.4-83/2026-R	**31.**	F.4-94/2026-R	**42.**	F.4-105/2026-R
10.	F.4-73/2026-R	**21.**	F.4-84/2026-R	**32.**	F.4-95/2026-R	**43.**	F.4-106/2026-R
11.	F.4-74/2026-R	**22.**	F.4-85/2026-R	**33.**	F.4-96/2026-R	**44.**	F.4-107/2026-R

SOPE-2026

THE FOLLOWING CASE/ CATEGORY EXCLUDED DUE TO ADMINISTRATIVE REASONS

1. F.4-91/2026-R - **(Category – D – Ophthalmology)**

OBSERVANCE OF STANDARD TIMINGS FOR ALL EXAMS OF FPSC

(a) **Reporting time at examination hall** – 45 minutes before commencement of exam.
(b) **Physical closure of door (s) of examination hall** - 15 minutes before commencement of exam
(c) **After closure of the door(s) of the exam hall** - no candidate shall be allowed to enter the examination hall under any circumstances.

2. GR tests will be held simultaneously at D.I.Khan, Gilgit, Gujranwala, Hyderabad, Islamabad, Karachi, Lahore, Multan, Peshawar, Quetta, Rawalpindi, Skardu & Sukkur whereas SOPE-2026 Examination will be held at Islamabad, Karachi, Lahore, Peshawar, Quetta & Rawalpindi.

3. For above scheduled exams/ tests, Admission Certificates of all registered candidates and Time Table etc., have been uploaded on FPSC's website www.fpsc.gov.pk. The candidates are advised to visit FPSC's website to get print out of their respective Admission Certificates and to appear at the allocated centres according to the scheduled date and time alongwith their Original CNIC.

4. For further clarification / details, if any, the candidates may contact on Phone No. 051-9212427 and UAN 051-111-000-248 during working hours.

PID (I) No.1014-26

DIRECTOR (T&S)

باڊھ ويجهو گهرو تڪرار تان ڀائرن ۾ جهيڙو، ننڍي ڀاءُ وڏي کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ انب پور واسي جوابدار رابيل جوڻيجو وڏي ڀاءُ محمد آصف جوڻيجو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي

باڊھ (ن ع) باڊھ لڳ ڳوٺ انب پور ۾ گهرو تڪرار تان ٻن ڀائرن ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ننڍي ڀاءُ مبينا طور خنجر جا وار ڪري وڏي ڀاءُ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جيڪو بعد ۾ اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ان سلسلي ۾ موجب باڊھ پرسان ڳوٺ انب پور ۾ جوڻيجو برادري سان تعلق رکندڙ ٻن ڀائرن 24 ورهين جي محمد آصف ۽ سندس ننڍي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: سنڌي ادبي سنگت پاران ابراهيم منشي جي 23هين ورسي تقريب

ٺٽي جي عدالت ۾ ڳوٺاڻي پاران داخل درخواست تي رپورٽ طلب

ڳوٺ عارب سولنگي کي ڍاهي پٽ ڪرڻ خلاف حاجي خان سيشن ڪورٽ پهتو

22اي جي درخواست تي عدالت نوٽيس جاري ڪندي 5 آگسٽ تي رپورٽ طلب ڪري ورتي

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي لڳ پوليس گردي جو شڪار بڻيل ڳوٺ عارب سولنگي کي ڍاهي پٽ ڪرڻ ۽ پوليس پاران ڦرلٽ ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻي حاجي خان عرف حاجن سولنگي جي فرياد تي سيشن ڪورٽ ٺٽي جي عدالت ۾ 22 اي جي درخواست تي عدالت نوٽيس جاري ڪندي 5 آگسٽ تي رپورٽ طلب ڪري ورتي سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج مرتضيٰ جٽ جي عدالت ۾ متاثر ڳوٺاڻي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مانسهرا ۾ سڱاوتي جي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ، 3 ڀيڻ ڀائر قتل، ٻارڙو زخمي

رشتي جي معاملي تي مخالف ڌر جي ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي اندڌاڌن فائرنگ ڪري ڏني

گهر ۾ موجود ٽي ڀيڻ ڀائر موقعي تي ئي مارجي ويا، هڪ ٻار زخمي، واقعي جو ڪيس داخل

مانسهرا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) رشتي جي تڪرار تان هٿياربندن گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪري ٽن ڀيڻ ڀائرن کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته هڪ ٻار زخمي ٿي پيو. پوليس موجب، واقعو مانسهرا ۾ پيش آيو جتي رشتي جي معاملي تي مخالف ڌر جي ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي اندڌاڌن فائرنگ ڪئي. پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ جي نتيجي ۾ گهر ۾ موجود ٽي ڀيڻ ڀائر موقعي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي وڏا مهيسر لنڪ روڊ تي پهتاسين ته ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

مقابلي بعد نادر علي شنباڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس وڏا مهيسر ٿاڻي جي حد ۾ ڌاڙيلن جي ٽولي سان مقابلو ڪري هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ٻڌائيندي چيو ته پوليس کي اطلاع ملي هئي ته وڏا مهيسر لنڪ روڊ تي ڌاڙيل واردات جي ارادي سان موجود آهن اطلاع ملندي ئي پوليس پهتي، جنهن دوران ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان جوابدارن ڳوٺاڻي جي کجور جي ٻڙ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، متاثر جو احتجاج

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ محمد صديق شنباڻي ۾ جوابدارن هڪ ڳوٺاڻي جي کجور جي ٻڙ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن سبب متاثر ڳوٺاڻي طرفان لکين رپين جو مالي نقصان ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي متاثر ڳوٺاڻي محمد سڪيل شنباڻي صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته جوابدارن سندس کجور جي ٻڙ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: پوليس جي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار

لاڙڪاڻي ۾ خانگي ٺيڪيدار جو مبينا طور ڏاڏي جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نظر باڙي جي رهواسي خانگي ٺيڪيدار مبينا طور ڏاڏي جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي خانگي ٺيڪيدار عبدالغفار جوڻيجو ڏانهيندي چيو ته اسين اصل قمبر تعلقي جي ڳوٺ الهرکيو جوڻيجو جا رهواسي آهيون ڳوٺ ۾ منهنجي مرحوم ڏاڏي علي بخش جوڻيجو جي نالي تي ديهه دوست علي بنگلا ۾ زرعي زمين آهي جنهن ۾ منهنجو حصو 2 جريب آهي هن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران شهر مان ڦر ٿيل لکين رپيا روڪ ۽ سامان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار ڪجهه ڏينهن عورت کان 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور ڦر ڪري فرار ٿي ويو هو: پوليس

جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي دوران جوابدار غلام حيدر سولنگي کي گرفتار ڪيو

جوابدار جي قبضي مان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري اصل مالڪ حوالي ڪيا آهن

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ، هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو رقم ۽ سون اصل مالڪ حوالي خيرپور پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي ڪجهه ڏينهن اڳ شهري کان ڦر ٿيل 7 لک رپيا نقد رقم ۽ سون جا زيور هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ٻڌائي هن چيو ته پوليس جديد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ملتان: کليل ڪڻڪ روڊ ڪناري تي ٻورين ۾ ڀري وڪرو ڪئي پئي وڃي

خيرپور ۾ به آزاد جمون ۽ ڪشمير جي چونڊن لاءِ ٽن هنڌن تي پولنگ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ به آزاد جمون ۽ ڪشمير جي چونڊن لاءِ سڀاڻي ٽن هنڌن تي پولنگ ٿيندي آزاد جمون ۽ ڪشمير سان واسطو رکندڙ مرد ۽ عورت ووٽر سڀاڻي پنهنجو آئيني حق راءِ دهي استعمال ڪندا خيرپور جي ڊگري ڪاليج ڳمبٽ جي مراد هاءِ اسڪول ۽ ڀريالو هاءِ سيڪنڊري اسڪول ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۽ ڀرپاسي تيز هوا سان برسات، گرمي زور ٽٽي ويو، مواصلاتي نظام درهم برهم

برسات ۽ تيز هوائن سبب ضلعي جي مختلف علائقن ۾ روزاني زندگي متاثر

ڪيترين ئي روڊن ۽ گهٽين ۾ برساتي پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري آمدرفت ۾ ڏکيائيون

ٺٽو (ڊ ر) تيز هوائن سان گڏ برسات، گرمي جو زور ٽٽي ويو مواصلاتي نظام متاثر مڪلي ۽ ڪوهستاني علائقن ۾ تيز هوائن سان گڏ برسات جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب سخت گرمي جو زور ٽٽي ويو ۽ موسم خوشگوار بڻجي وئي برسات ۽ تيز هوائن سبب ضلعي جي مختلف علائقن ۾ روزاني زندگي متاثر ٿي آهي ڪيترين ئي شاهراهن ۽ گهٽين ۾ برساتي پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري آمدرفت ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن جڏهن ته ڪجهه

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مورو: انتظامي عملدار ڪارروائي دوران گودام کي سيل ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ آزاد ڪشمير جي اڄ ٿيندڙ چونڊن لاءِ پولنگ اسٽيشن قائم

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) آزاد ڪشمير ۾ اڄ 2 آگسٽ تي ٿيندڙ چونڊن جي حوالي سان لاڙڪاڻي ۾ به پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي وئي آهي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪميشنر آفيس ۾ قائم ڪيل پولنگ اسٽيشن ۾ سمورا انتظام مڪمل ڪندي پولنگ بوٿ ٺاهيو ويو آهي جتي آزاد ڪشمير جي اڄ ٿيندڙ چونڊن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۾ ترسيل 2 عورت اميدوار پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪنديون جنهن ۾ شهر جي باقراڻي روڊ سان تعلق رکندڙ عورت ووٽر سميعه پروين زال محمد لطيف ۽ رحمت پور واسي سائره بانو زال ناصر حسين شامل آهن ان حوالي سان ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر جو چوڻ آهي ته لاڙڪاڻي ۾ ووٽرن جو تعداد ٻه آهي، اڄ پولنگ صبح جو 8 شروع ٿيندي،

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان مدرسي مان گهران نڪتل ٽينگر گهر نه پهچڻ، وارثن جو احتجاج

سڪ واهڻ جي مدرسي مان گذريل ڏينهن 14 ورهين جو وڪيل گهر لاءِ نڪتو

ٽينگر جي وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر، اعليٰ اختيارين کان ڳولا ۾ مدد جي اپيل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڳوٺ نبي بخش ڦليوٽو جو رهواسي14 ورهين جو ڪتابي وڪيل احمد ڦليوٽو ڪهڙا پرسان سڪ واهڻ جي ديني مدرسي مدرسه انوار القرآن مان گذريل ڏينهن گهر وڃڻ لاءِ نڪتو هو جيڪو گهر نه پهتو آهي پڇا ڳاڇا ڪرڻ بعد هن جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي ڪتابي جي وارثن شوڪت علي ڦليوٽو ۽ رانجهن ڦليوٽو پريس ڪلب پهچي ٽينگر جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪندي وسارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ٽينگر کي جلد بازياب ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي وڃي

ملاڪاتيار ۽ ڀرپاسي تيز طوفان سان گڏ برسات، وڻ ۽ سائين بورڊ ڪري پيا

ڪوڪر ٻارچاڻي، اصغر آباد، سيد پور، غلام حسين ۽ ٻين علائقن ۾ برسات جو وسڪارو

تيز طوفان سان برسات سبب ڪاني ڪڪائون جهڙيون سائن بورڊ وڻ بجلي جا پول ڪري پيا

ملاڪاتيار (ن ع) سخت گرمي کان پوءِ ملاڪاتيار ڪوڪر ٻارچاڻي اصغر آباد سيد پور غلام حسين سومرو غيره جاڳير سليمان سومرو ۾ تيز طوفان سان برسات ڪافي ڪڪائون جهڙيون سائن بورڊ وڻ بجلي جا پول ڪري پيا مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي ويو جڏهين ته برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري هو

مورو پوليس ايراني تيل سميت ڪوچ ۾ تحويل ۾ وٺڻ، مسافرن جو احتجاج

قومي شاهراهه تي رات دير سان پوليس ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي مسافرن کي لاهي ڇڏيو

مسافر پاران ٻي ڪا سواري جي سهولت نه ملڻ تي ٿاڻي جي آڏو احتجاجي مظاهرو

مورو(ن ع) مورو قومي شاهراهه تي رات دير سان مورو پوليس جي ڪارروائي ايراني پيٽرول اسمگلنگ ڪندڙ ٿل کا ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو مسافر کا سواري جي سهولت نه ملڻ تي ٿاڻي ٻاهران ڌرڻو مورو پريس ڪلب آڏو مسافرن محمد اسلم محمد عليم خالد ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته اسان کي رات کان پريشان ڪيو ويو آهي اسان شڪارپور جيڪب آباد کان مسافر آهيون ۽ هتي اسان معصوم ٻارڙن عورتن سميت رلي ويا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڀرياسٽي پوليس جي خوف کان روهڙي ڪئنال ۾ ٽپو ڏيندڙ نينگر جو لاش هٿ، وارثن ۾ ڪهرام

ڀرياسٽي (ن ع) ڀرياسٽي جي ڪلهوڙا ڪالوني واسي 15 سالن جو نوجوان مبينا پوليس جي خوف کان نادر پٽ غلام شبير ڪلهوڙو روهڙي ڪينال ۾ ٽپ ڏئي ٻڏي ويو ان جو لاش اڄ روهڙي ڪينال مان هٿ آيو جنهن کي وارثن ڪڍي ڀرياسٽي اسپتال منتقل ڪيو جتي سندس لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو ان سلسلي سندس وارثن محڪم ڪلهوڙو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ پ پ پ ڪارڪنن پاران جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 36هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

نصيرآباد(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) نصيرآباد پاران جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 36هين سالگرهه جي هڪ شاندار تقريب مقامي شاهه لطيف پبلڪ پارڪ ۾ ڪوٺائي وئي تقريب جي ميزباني ۽ قيادت پارٽي اڳواڻن ڪامريڊ يوسف ڀٽو جي شيراز ڀٽو جي غلام مصطفيٰ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ تلهار سب ڊويزن جي آبادگارن جو پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف احتجاج

آبادگارن حاجي حنيف خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف نعريبازي ڪئي

آبپاشي کاتي جا عملدار مٿين علائقن ۾ پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن: مظاهرين

بدين (ڊ ر) ميرواهه تلهار سب ڊويزن جي آبادگارن جو پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف احتجاج 4 ڪلاڪ علامتي بک هڙتال آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو پ پ تعلقي بدين جي اطلاعات سيڪريٽري حاجي حنيف خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ آبادگارن بک

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڀرياسٽي پرسان اتفاقي گولي لڳڻ سبب پيرسن عورت فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ جيئندو ڪلهوڙو واسي 65 ورهين جي حاڪمزادي کي ڏوهٽي گولي هڻي ڇڏي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڀرياسٽي (ن ع) ڀرياسٽي پرسان ڳوٺ جيئندو ڪلهوڙو جي رهواسڻ 65 ورهين جي عورت حاڪم زادي، زال محمد هارون ڪلهوڙو مبينا طور اتفاقي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي وئي فوتي عورت پنهنجي ڌيءُ وٽ ڳوٺ غازي خان ٽگر گهمڻ وئي هئي جتي 12 ورهين جي ڏوهٽي محمد راشد کان مبينا طور اتفاقي گولي هلڻ جو واقعو پيش آيو اتفاقي گولي لڳڻ سبب عورت موقعي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سڳهون: پيپلزپارٽي جي نامزد اميدوار بئريسٽر شهر يار ڪرل کي پڳ ٻڌرائي پئي وڃي

راڻيپور مان واپاري کان شاهينگ لکين رپيا ڦري فرار، اين سي داخل

راڻي پور(ن ع) گڏيجي جو رهواسي بابا سجل سرمست ڊراءِ شريف سامهون قومي شاهراهه واپاري نور احمد ولد محمد عيسيٰ بروهي کان اٽڪل ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم نامعلوم ڪار سوار شاهينگ ڪيس کان ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ان حوالي سان متاثر نور احمد بروهي ته قومي شاهراهه تي موجود هو ته ان دوران نيو ماڊل سوزوڪي سئفٽ ڪار ۾ سوار ٽن نامعلوم شاهينگ مون کان 1 لک 50 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري ڪار

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: تيز برسات کان پوءِ غوري ٽائون ڪورنگ نالي مان پاڻي جو وهڪرو گذري رهيو آهي

عمرڪوٽ: تيز طوفاني برسات دوران شهر جي مک روڊ جو ڏيک

سنڌ هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت رکندڙ ڌرتي آهي: ٿمر جتوئي

سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ جي حقن، هارين جي مفادن لاءِ جدوجهد ڪندي رهندي

اسان ڌرتي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏينداسين ۽ سنڌ جي حفاظت ڪنداسين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ٿمر حيدر جتوئي چيو آهي ته سنڌ هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت رکندڙ ڌرتي آهي جنهن جي سڃاڻپ ۽ سالميت تي ڪنهن به قسم جو حملو يا سازش سنڌ جي عوام کي قبول نه هوندو هن چيو ته سنڌ کي ٽوڙڻ يا ان جي وحدت کي نقصان پهچائڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار جي سڏ تي وڪيل نسيم سيال سان غيرمناسب عمل خلاف احتجاج

وڪيلن عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ حسن ناريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نجي اسپتال جي ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين ۽ عملي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر)سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي خيرپور جي وڪيل نسيم احمد سيال ۽ ان جي فيملي سان نجي اسپتال جي ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين پاران اختيار ڪيل غيرمناسب عمل خلاف خيرپور ۾ عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ، وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي حسن ناريجو،

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پاپوليشن کاتي جي خالي جاين جا آرڊر نه ٿيڻ خلاف متاثر

15خالي جاين لاءِ مقرر ڪيل سمورا مرحلا مڪمل ڪري چڪا آهيون:

کاتي سان لاڳاپيل آفيسر نوڪرين جا آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ رشوت گهري رهيا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ پاپوليشن کاتي جي 15 خالي جاين جا آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف متاثر عورتن پاران احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ عورتن پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو ڏانهيندي الزام هنيو ته کاتي ۾ خالي جاين جا آرڊر جاري ڪرڻ جي عيوض مبينا طور رشوت طلب ڪئي پئي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: سنڌي ادبي سنگت پاران لائبريري جي بحالي لاءِ اڳواڻ بک هڙتال تي ويٺل آهن

پي ايس 30 تي پ پ اميدوار بئريسٽر شهر يار ڪرل پاران ڪارنر گڏجاڻيون

عوام 16 آگسٽ تي تير تي ٺپو هڻي منهنجي ڪاميابي يقيني بڻائيندي

سڳهون (ن ع) سڳهون پي ايس 30 تي پي پي ايم پي اي نعيم احمد ڪرل جي وفات کان پوءِ خالي ٿيل سيٽ تي 16 آگسٽ تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي طرفان مرحوم نعيم احمد ڪرل جي پٽ بئريسٽر اسفنديار ڪرل کي ٽڪيٽ ڏني وئي ان سلسلي ۾ سڳهون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پي ايس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف احتجاج ڪندڙ نوجوانن سان يڪجهتي طور ريلي

شاگرد تنظيمن سياف، شهيد ڀٽو پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سناف طرفان احتجاج

مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ ڪري چيئرمين ۽ عملي کي قانون موجب سزا ڏني وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي شاگرد تنظيمن سياف، شهيد ڀٽو پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سناف طرفان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ نوجوانن سان يڪجهتي طور چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي مک گيٽ کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي مک گيٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ريلي جي اڳواڻي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس اميدوارن جي احتجاجي ڪيمپ جاري، مظاهرو

پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو ويو

رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن طرفان شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ شهر جي جناح باغ اندر اڻمڃاڻل مدي تائين لڳايل احتجاجي ڪيمپ وٽ ڪالهه اڄين ٽئين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانداڻو فريد عباسي جميل ڀٽو اسلم خشڪ سليم مستوئي ۽ ٻين چيو ته

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: برسات دوران وڄ ڪرڻ سبب مري ويل ٻڪريون ۽ اٺ

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪرپشن ۾ ملوث جج جي جبري رٽائرمينٽ جو حڪم

جاچ دوران سينيئر سول جج اياز علي ڪناسرو خلاف ڪرپشن ۽ بدعنواني جا الزام ثابت ٿيا

مجاز اٿارٽي جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جج کي ملازمت مان برطرف ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي

ڪراچي(بيورو رپورٽ)سنڌ هاءِ ڪورٽ عدليه ۾ ڪرپشن ۽ بدعنواني خلاف اهم قدم کڻندي سينيئر سول جج اياز علي ڪناسرو کي جبري رٽائرمينٽ ڏيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو ميمبر انسپيڪشن ٽيم موجب، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر راجپوت جاچ رپورٽ، حتمي بڻائي ۽ سمورن حقيقتن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ سينيئر سول جج اياز علي اسرو کي جبري رٽائرمينٽ جي سزا ٻڌائي ميمبر انسپيڪشن ٽيم موجب، جاچ دوران

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

باقراڻي لڳ ڪار ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، يوسي چيئرمين زخمي

خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ ٿيل حادثي ۾ انصاف سيال فوت ٿي ويو

سندس سوٽ يوسي انور آباد چيئرمين نديم اڪبر سيال سخت زخمي، ڪراچي اسپتال منتقل

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ڳوٺ ماهي پٽا لاڙي وٽ لاڙڪاڻو خيرپور نيشنل هاءِ وي روڊ تي ڪار ۽ ڀوهه سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار ڳوٺ فريد آباد واسي يوسي انور آباد جو چيئرمين نديم اڪبر سيال سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس سوٽ نوجوان انصاف ولد مرحوم ڊاڪٽر امداد سيال فوت ٿي ويو آهي ، اهڙي اطلاع ملڻ تي حد جي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد واسين جو سيپڪو عملي جي ناجائزين خلاف ٻئي ڏينهن احتجاج جاري

مظاهرين رفيع لغاري، آصف ڪانئيو، منصور سومرو، حميد انقلابي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سڙيل ٽرانسفارمر تبديل يا ٺهرائي لاءِ ڀتاخوري بند ڪري مسئلا حل ڪيا وڃن

نصيرآباد(ن ع) نصيرآباد شهر ۾ بجلي جي وڌندڙ لوڊشيڊنگ، سيپڪو عملي جي ڪرپشن، ٽرانسفارمرن تي ڀتا خوري، هٿرادو ٽرانسفارمر ساڙڻ ۽ پاڙن ۾ موت مار تارن جا جار وڇائڻ خلاف سجاڳ شهري اتحاد پاران ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرو نصيرآباد جي ڪانيا بازار ۾ محمد رفيع لغاري، آصف ڪانئيو منصور سومرو، حميد انقلابي منصور ڪانئيو سمير بروهي جبار ڳوانس حمير ڪانڌڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿيو جيڪو مختلف علائقن ۽ رستن کان ٿيندو شهر جي مين بازار پهتو احتجاجي مظاهري ۾ شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا ۽ هو واپڊا جي هٿرادو ٽرانسفارمر ساڙڻ ۽ ٻين زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ان موقعي تي اڳواڻن چيو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: برسات دوران مختلف روڊن تان گاڏيون گذري رهيون آهن

سنڌي ادبي سنگت شاخ نصيرآباد پاران لائبريري جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ خلاف

نصيرآباد(ن ع) شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ لائبريري جي فوري بحالي، نئين بلڊنگ جو رهيل ڪم مڪمل ڪرڻ، نوان ڪتاب، لائبريرين انٽرنيٽ، فرنيچر ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ نصيرآباد پاران جاري ٽن ڏينهن واري علامتي بک هڙتال ٻئي ڏينهن به جاري رهي بک هڙتال جي اڳواڻي جميل شيخ، مجن سومرو ،گلزار چنه، علي گوهر جتوئي، منصور سومرو ۽ ٻين ڪئي ٻئي ڏينهن به مختلف سياسي سماجي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن شاگردن ۽ شهرين احتجاجي ڪئمپ تي پهچي بک هڙتال ڪندڙن سان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران ادبي ويهڪ

مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 23هين ورسي جي مناسبت سان ڀيٽا پيش

ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ جو محور پيڙهيل، مظلوم، غريب ۽ پورهيت طبقو هو: مقررين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران سنڌ جي قومي، عوامي انقلابي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 23هين ورسي جي مناسبت سان ادبي ويهڪ محمد اشرف گنجلاڻي جي وقتي صدارت ۾ ٿي گذري ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري اعجاز علي جسڪاڻي شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري اعظم ڀٽي، عاشق علي ڳاهو امداد حسين، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، رفيق آس لغاري، آغا جان آغا، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، محمد اشرف گنجلاڻي، مياڻ مختيار نظاماڻي ۽ ٻين ابراهيم منشيءَ کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته ابراهيم منشيءَ جي شاعريءَ جو محور پيڙهيل مظلوم غريب ۽ پورهيت طبقو هو جن جي ڏکن ڏوجهرن ۽ محرومين کي منشيءَ پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو ۽ هو سنڌ جي محنت ڪش ۽ مظلوم طبقي جي آواز طور اڀري سامهون آيو سندس شاعريءَ جي ٻولي نج سنڌي، ٺيٺ لهجي ۽ عام ماڻهن جي روزمره جي لفظن سان جڙيل آهي

نوجوان سياست سان نه جڙندا ته ڪرپٽ حڪمران انهن جو استحصال ڪندا رهندا: اياز لطيف پليجو

پبلڪ سروس ڪميشن ڪرپشن جي منڊي بڻائي وئي آهي، ڪروڙين رپين ۾ اعليٰ انتظامي عهدا وڪرو ٿين ٿا

بلوچستان ۽ ڪشمير ۾ باهه لڳي پئي آهي ته وري حڪمران سنڌ ۾ باهه لڳائڻ چاهين

سنڌ ۾ لڳندڙ ڌرڻا سوديبازي ڪيو ختم ٿيو وڃن. ناظم جوکئي، دودو ڀيل لاءِ وياسين، واپس آياسين ته

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آفيس آڏيان سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جي احتجاجي ڪئمپ تي پهچي ساڻن يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اياز لطيف پليجي چيو ته پبلڪ سروس ڪميشن ڪرپشن جي منڊي بڻائي وئي آهي ڪروڙين رپين ۾ اعليٰ انتظامي عهدا وڪرو ٿين ٿا. سنڌ حڪومت نوجوانن جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: اياز لطيف پليجو شاگردن جي احتجاجي ڪيمپ ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عمرڪوٽ ۽ ڪنري سميت ڀرپاسي جي علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به ڳجگوڙ سان برسات جو وسڪارو

عمرڪوٽ (ن ع) عمرڪوٽ ۽ ڪنري سميت ڀرپاسي جي علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به ڳجگوڙ سان برسات جو وسڪارو ٿيو جيڪو وقفي وقفي سان جاري رهيو سخت گرمي ۾ برسات سبب گرمي ۾ گهٽتائي اچڻ سان گڏ موسم وڻندڙ ٿي ويو جڏهن ته بجلي ۽ مواصلاتي نظام پڻ متاثر ٿيندا رهيا نهري پاڻي جي کوٽ سبب هن ٿر ۾ سخت متاثر ٿيندڙ فصلن لاءِ هلندڙ برسات

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

باڊھ: پنهنجي ڀاءُ هٿان قتل ٿيل نوجوان محمد آصف جو لاش

تعلقي ڳمبٽ ۽ ڪنگري جي ڪچي وارن علائقن ۾ دريائي ٻوڏ

پاڻيءَ جي واڌ سبب ڪچي وارن ڳوٺن جو زميني رابطو ڪٽجي ويو

علائقي واسين پاران انتظاميا کان نوٽيس وٺي مدد ڪرڻ جو مطالبو

راضيديرو(ن ع) تعلقي ڳمبٽ ۽ ڪنگري جي ڪچي وارن علائقن ۾ هڪ ڀيرو وري دريائي ٻوڏ جي اچڻ جو سلسلو جاري تعلقي ڳمبٽ جي ڪچي وارن ڳوٺن جو زميني رابطو ڪٽجي ويو پاڻيءَ جي واڌ ۾ تيزي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ حيدرآباد جي واپاري جو وڪيلن ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ديهه خانپور ۾ اسان جي زرعي زمين تي وڪيل نثار چانڊيو ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪيو آهي: عدنان قريشي

پوليس وڪيلن جي دٻاءُ سبب قبضي ڪندڙن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: الزام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) وڪيلن ۽ پوليس کان تنگ حيدرآباد جو واپاري پريس ڪلب پهچي ويو زمين تي قبضي جو الزام حيدرآباد جي رهواسين عدنان قريشي، عمران ملڪ ۽ عارف قريشي پنهنجي وڪيلن سان گڏ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ احتجاجي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته ڪوٽڙي جي ديهه خانپور ۾ واقع سندن اباڻي زرعي زمين تي وڪيل نثار چانڊيو گلشير ڪاڪا، علي نواز چانڊيو ۽ ٻين زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي هنن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو ۾ امير بخش ڀٽو سان سندس چاچي جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سردار امير بخش ڀٽو سان چاچي جي وفات تي ميرپوربٺورو ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي نواب سردار امير بخش خان ڀٽو سان سندس چاچي ۽ نواب سردار ممتاز علي ڀٽو مرحوم جي وڏي پٽ نوابزاده عاشق علي خان ڀٽو جي وفات تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سياسي، سماجي،

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ چهلم شهداءِ ڪربلا جي موقعي تي سيڪيورٽي پلان جوڙيو ويو

ماتمي جلوسن ۽ مجلسن جي سيڪيورٽي لاءِ پوليس جا 2 هزار آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا

پاڪ فوج ۽ سنڌ رينجرز جا آفيسر ۽ جوان پڻ هر وقت سيڪيورٽي ڊيوٽين لاءِ موجود هوندا: ايس ايس پي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس چهلم شهداءِ ڪربلا جي حوالي سان سيڪيورٽي پلان کي حتمي شڪل ڏيندي سيڪيورٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري سيڪيورٽي آرڊر جاري ڪندي ٻڌايو آهي ته سيڪيورٽي پلان موجب پوري ضلعي مان نڪرندڙ 44 ماتمي جلوسن ۽ 65 مجلسن جي سيڪيورٽي لاءِ لاڙڪاڻي پوليس جا 2 هزار پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، جن ۾ 100 ليڊيز

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان ٽي معصوم ٽينگر پير ترڪڻ سبب پاڻيءَ جي ڪڏ ۾ ڪري ٻڏي فوت

ڳوٺ پير جهانگارا ۾ گهر ڀاتين کي ماني ڏئي واپس گهر موٽندڙ ٽينگر پير ترڪڻ سبب ڪڏ ۾ ڪري پيا

فوتين ۾ 5 ورهين جو محمد حسيب ۽ پائر 6 ورهين جو سعيد احمد ۽ 3 ورهين جو رضوان ڪلهوڙو شامل

ايمبولينس نه ملڻ سبب وارثن لاش ڪلهن تي اسپتال پهچايا، واقعي بعد گهرن ۾ روج راڙو پئجي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان آريجا ٿيڙهو جي علائقي ڪوٽي ڪلهوڙي جي ڳوٺ پير جهانگارا ۾ پنهنجي گهر ڀاتين کي ماني ڏيڻ بعد واپس گهر موٽندڙ 3 ٽينگر 5 ورهين جو محمد حسيب پٽ خالق ڏنو ڪلهوڙو سندس سئوٽ 6 ورهين جو ٽينگر سعيد احمد پٽ واحد بخش ڪلهوڙو ۽ سندس ڀاءُ 3 ورهين جو رضوان ڪلهوڙو ڳوٺ پرسان پاڻيءَ جي ڪڏ ۾ ڪري ٻڏي ويا، اطلاع تي وارثن پهچي ٽنهي ٽينگرن کي ٻاهر ڪڍي فوري طور

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

شهر دشمن ۽ بجلي چور نصيرآباد جو
سيپڪو عملو هٽايو، سڙيل ٽرانسفارمر
ٺهرايو وڃن. سجاڳ شهري اتحاد نصيرآباد

نصيرآباد: سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر پوليس پاران قتل ڪيسن ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر پوليس 3 ڄڻن جي قتل ۽ 3 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار علي محمد چاچڙ کي گرفتار ڪري ورتو. خانپورمهر پوليس ايس ايڇ او اشفاق شر ۽ وڏي منشي قلندر بخش شر جي اڳواڻي ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪيو پوليس

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ هٿياربندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي ڳوٺاڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

پنجون ميل اسٽاپ وٽ هٿياربندن 40 ورهين جي نور داد ولد عبدالستار راهو کان ڦر ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس گوليون هڻي قتل ڪري هٿياربند فرار ٿي ويا، پوليس لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي پرويز سناٽي) سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي پنجون ميل اسٽاپ وٽ نامعلوم ڦورن پاران ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ بلاول راهو جي نوجوان 40 ورهين جي نور داد ولد عبدالستار راهو کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس سروس واقعي واري هنڌ پهچي سڪرنڊ پوليس جي مدد سان مقتول جو لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي فوتي سان گڏ ويندڙ وحيد راهو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: ٽرڪ ۽ ڪار وچ ۾ ٿيل حادثي بعد تباهه ٿيل گاڏي، فوتي ۽ زخمي جون تصويرون

ضلعي چيئرمين گهوٽڪي مير بنگل خان خانپورمهر شهر جو دورو ڪيو

خانپورمهر (ن ع) ضلعي چيئرمين گهوٽڪي مير بنگل خان مهر خانپورمهر شهر پهچي مختلف مارڪيٽن جو دورو ڪيو ۽ شهرين سان ملاقاتون ڪيون ان موقعي تي هن مکي چندربان سڌار چند سميت ٻين شهرين کان حال احوال پڻ ورتا

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پيٽارو ۾ ٻن ڌرين ۾ جهيڙي بعد ڇڪتاڻ تيز، هڪ ڌر جو مظاهرو، گهرن کي باهه ڏيڻ جا الزام

متاثر ڌر جي خادم ملاح پنهنجي عورتن ۽ ٻارڙن سميت ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڪيو

جامشورو ٿاڻي تي مون تي منهنجي پٽن سميت اٺ ڄڻن خلاف بيگناهه ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

اسان جي گهرن تي هٿياربندن حملو ڪري باهه ڏني ، تشدد ۾ ڪاظم ۽ اڪبر ملاح زخمي ٿيا آهن، انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) جامشورو پرسان پيٽارو ڳوٺ ۾ ملاح برادري جي ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي،مبينا طور متاثر ڌر گهرن تي مبينا حملو پيچ ڏاهر لٽ مار ۽ باهه ڏيڻ واري واقعي خلاف خادم ملاح پنهنجي عورتن ۽ ٻارڙن سميت ايس ايس پي جامشورو آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙ خادم ملاح الزام هنيو ته شهباز ملاح عبادت جي هنڌ جي بيحرمتي ڪئي واقعي ڪاٺيو علائقي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين بئنڪ تي هٿياربندن جي فائرنگ، شيشا ٽٽي پيا، پوليس پاران جاچ شروع

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين بئنڪ تي هٿياربندن جي فائرنگ، دري کي نقصان شيشا ٽٽي پيا، پوليس پاران جاچ شروع ڳڙهي ياسين جي نيشنل بئنڪ جي برانچ تي نامعلوم هٿياربندن جي رات دير سان فائرنگ بئنڪ جي دري ۽ شيشن کي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري ۽ ڀرپاسي ۾ مٽي سان طوفاني برسات، مواصلات جو نظام درهم برهم

گلاب لغاري (ن ع)شديد گرمي ۽ حبس بعد گلاب لغاري ۽ ڀرپاسي ۾ مٽي جي شام جو دير سان طوفاني هوائن کان پوءِ ڳجگوڙ سان گڏ برسات جو تيز وسڪارو شروع ٿيو جيڪو رات دير تائين جاري رهيو جڏهن ته برسات کان پوءِ موسم خوشگوار ٿي وئي پاڻي شديد قلت سبب پوري علائقي واسين سان گڏ آبادگارن ۽ هارين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ٻئي طرف برسات کان پوءِ بجلي ۽ مواصلات جو نظام معطل ٿي ويو

ٽنڊوالهيار ۾ وڪيلن ۽ واپڊا عملي ۾ جملن جي ڏي وٺ بعد احتجاجي مظاهرو

وڪيل نعيم ارشد ڪمبوه بل حوالي سان آفيس ويو ته ايس ڊي او سان ڏند چڪ ٿي

اطلاع تي وڪيل برادري ايس ڊي او آفيس پهچي احتجاج ڪيو، ڳالهين بعد تڪرار ختم

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار حيسڪو آفيس ۾ ويل وڪيل نعيم ارشد ڪمبوه ۽ ايس ايس ڊي او نثار چنا وچ ۾ ڳالهين دوران سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي وئي جنهن بعد وڏي انگ ۾ وڪيل برادري ايس ڊي او آفيس پهچي وئي جتي وڪيل برادري پاران الزام هنيو ويو ته وڪيل نعيم ارشد بجلي جي بل جي حوالي سان ڳالهين لاءِ ايس ڊي او وٽ ويو جتي واپڊا ايس ڊي او ۽ سندس عملي وڪيل سان بدتميزي ڪري کين آفيس اندر بند ڪري ٻاهران تالو هڻي ڇڏيو اسان کي جئين اطلاع مليو ته اسين واپڊا آفيس پهچي آفيس جو تالو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا جو سماجي اڳواڻ رحيم بخش جوڻيجو 90 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

ٺري ميرواهه (ن ع) سيٺارجا جو سماجي اڳواڻ رحيم بخش جوڻيجو 90 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول سيٺارجا ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پ پ اڳواڻ غلام عباس ڪهڙ،ڊاڪٽر صفدر مبارڪ رند، پروفيسر سليم لاشاري،چيئرمين يوسي سيٺارجا بالا ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي،استاد الطاف حسين سهتو،ولي محمد سهتو،ڊاڪٽر جاويد شاهه، اطهر گلاب سهتو سميت ٻين سياسي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ گرمي کان پوءِ ڳجگوڙ ۽ تيز هوا سان ساوڻي برسات جو ڦهرين وسڪارو

برسات سبب هيٺاهين علائقن ۾ پاڻي هيٺ، بجلي جو نظام درهم برهم ٿي ويو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)ٽنڊوالهيار ۾ سخت گرمي کان پوءِ ڳجگوڙ ۽ تيز هوا سان گڏ ساوڻي برسات جو ڦهرين وسڪارو موسم خوشگوار ٿي ويو شهري برسات جو مزو وٺڻ لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪري آيا خبر موجب ٽنڊوالهيار ضلعي جي ٽنهي تعلقن جهنڊومري، چمبڙ ۽ ٽنڊوالهيار جي مختلف

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ معصوم ٽينگري سان وحشي پاران مبينا زيادتي، جوابدار گرفتار

ڏارو پور پاڙي واسي قربان سومرو جي 10 ورهين جي معصوم سان جوابدار هدايت الله عرف هزار خان سومرو زيادتي ڪئي

ٽينگري جي والد جي فرياد تي پوليس ٽن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري هدايت الله کي گرفتار ڪيو

ٽينگري کي ليڊي ڊاڪٽري اسپتال موڪليو ويو جتي شروعاتي طبي معائني دوران ڏاڍائي جا ثبوت سامهون آيا

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور/ 10 ورهين جي ٽينگري سان مبينا زيادتي، ڪيس داخل هڪ جوابدار گرفتار، وڌيڪ گرفتاريون جاري، تفصيل موجب شڪارپور شهر جي ڏارو پور پاڙي ۾ 10 ورهين جي ٽينگري سان مبينا زيادتي جو افسوسناڪ واقعو سامهون آيو آهي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: ڪچي وارن علائقن ۾ آيل دريائي ٻوڏ جو ڏيک

خيرپور لاءِ هڪ جامع رسڪ اسيسمينٽ ۽ ڪنٽيجنسي پلان تيار ڪيو آهي: ڊي سي

خيرپور(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور جي دربار هال ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي اندر مون سون جي برساتن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.